بِسۡمِ اللّٰہِ الرَّحۡمٰنِ الرَّحِیۡمِ

شروع الله جي نالي سان جو ڏاڍو مهربان ۽ رحم وارو آهي

سِنڌي ڪتاب

۷

استادن لاءِ رهبر

اعزازي ڪاپي – ناقابلِ فروخت

OXFORD
UNIVERSITY PRESS

اوڪسفرڊ يونيورسٽي پريس

OXFORD
UNIVERSITY PRESS

اوڪسفرڊ يونيورسٽي پريس، يونيورسٽي آف اوڪسفرڊ جو هڪ شعبو آهي.
جيڪو سڄي دنيا ۾ اشاعتن جي ذريعي تحقيق، علم و فضيلت ۽ تعليم ۾ اعليٰ معيار جي مقصدن جي واڌاري ۾
يونيورسٽيءَ سان سهڪار ڪري ٿو. Oxford برطانيہ ۽ ڪجھ ٻين ملڪن ۾
اوڪسفرڊ يونيورسٽي پريس جو ٽريڊ مارڪ آهي

پاڪستان ۾ اوڪسفرڊ يونيورسٽي پريس
نمبر 38، سيڪٽر 15، ڪورنگي انڊسٽريل ايريا،
پي او باڪس 8214، ڪراچي 74900، پاڪستان
مان شايع ڪيو

© اوڪسفرڊ يونيورسٽي پريس 2026ع

مصنف جي اخلاقي حقن تي زور ڏنو ويو آهي

پهريون اشاعت 2026ع

سمورا حق محفوظ آهن. اوڪسفرڊ يونيورسٽي پريس کان اڳواٽ لکت ۾ اجازت يا جنهن ريت
واضح طور تي قانون اجازت ڏئي ٿو، لائسنس يا ريپرو گرافڪس حقن جي اداري سان طئي ٿيل
مناسب شرطن کان سواءِ هن ڪتاب جي ڪنهن بہ حصي جو نقل، ڪنهن بہ قسم جو
ذخيرو نہ ٿو ڪري سگهجي، جتان ان کي ٻيهر حاصل ڪري سگهجي يا ڪنهن بہ صورت
۾ يا ڪنهن بہ وسيلي سان ان جو ٽيڪسٽ ڊيٽا مائيننگ يا هٿرادو ڏهانت جي سکيا جي لاءِ
استعمال يا منتقل نہ ٿو ڪري سگهجي. مٿي ڏنل صورتن کان سواءِ ٻيهر اشاعت خاطر معلومات
حاصل ڪرڻ لاءِ اوڪسفرڊ يونيورسٽي پريس جي اشاعتي حقن واري شعبي سان
مٿي ڏنل ائڈريس تي رابطو ڪريو.

توهان هي ڪتاب ڪنهن بہ ٻي صورت ۾ تقسيم نہ ٿا ڪري سگهو
۽ ڪنهن ٻئي حاصل ڪندڙ تي بہ لازمي طرح اهي ئي شرط وجهندا

ISBN 9786275226604

ايم بي پٽائي ستّار ۽ نوري نستعليق فونٽ ۾ ڪمپوز ڪئي وئي آهي

ٿورا

ليکڪ: گل محمد سومرو

تعارف

اوڪسفرڊ يونيورسٽي پريس پاران ڪيترن ئي سالن کان سنڌي ٻوليءَ جي درسي ڪتابن جي اشاعت جو سلسلو ڪاميابيءَ سان جاري آهي. درسي ڪتابن جي اشاعت سان گڏ هر نصابي ڪتاب جو "استادن لاءِ رهبر" استادن جي رهنمائيءَ لاءِ تيار ڪيو ويو آهي.

ٻوليءَ کي سمجهڻ لاءِ ان ٻوليءَ جي گرامر تي مهارت حاصل ڪرڻ لازمي آهي. "استادن لاءِ رهبر" ۾ گرامر جون اهي وصفون مثالن سان گڏ شامل ڪيون ويون آهن جن جي مدد سان استاد شاگردن کي سنڌي ٻوليءَ جي بهتر سکيا فراهم ڪري سگهندا. ان ۾ هر سبق جو ليسن پلان، پڙهائڻ جا مختلف طريقا، شاگردن جي نفسيات کي سمجهڻ جا طريقا، گرامر جون وصفون مختلف حوالن، مثالن ۽ وضاحتن سان گڏ، حل ٿيل مشقون ۽ هر سبق جون مشقون، شاعرن ۽ ليکڪن جا تعارف، شاهه جو رسالو ۽ ان جي سُرن بابت معلومات سنڌي ۽ اُردُو ٻنهي ٻولين ۾ شامل ڪيون ويون آهن.

"استادن لاءِ رهبر" ۾ سنڌي ٻوليءَ تي مهارت حاصل ڪرڻ لاءِ اپياسي حوالي سان بنيادي طور تي صوتيات، نحويات، صرفيات ۽ معنيات جو خيال رکندي گرامر شامل ڪئي وئي آهي. گرامر ۾ زمان، ڳالهائڻ جا لفظ، واحد جمع ٺاهڻ جا اصول، مذڪر، مؤنث، لفظ ضد، علم عروض ۽ علم بيان جي ڄاڻ پڻ رکي وئي آهي.

ڇهين درجي کان اَٺين درجي تائين "استادن لاءِ رهبر" پنهنجي علمي پورهئي، تجربن، مشاهدن ۽ قابليت جي بنياد تي تيار ڪيو ويو آهي. ان ۾ معلوماتي، سماجي، ناصحاڻي، مزاحيه، ديني، تاريخي، تهذيبي ۽ سنڌ توڙي ملڪ جي نامور شخصيتن جي معلومات تي مشتمل معياري مواد وڏي عرق ريزيءَ سان شامل ڪيو ويو آهي.

اسان کي اميد آهي ته "استادن لاءِ رهبر" جي اعليٰ معيار جو معلوماتي مواد مان استاد ڀرپور لاڀ حاصل ڪندا ۽ ان جي مدد سان شاگردن جي سنڌي ٻوليءَ جي سکيا کي وڌيڪ اثرائتو ۽ ڪارآمد بڻائي سگهندا.

(گل محمد سومرو)

فهرست

سبق	عنوان	سنڌي	اُردُو
١	حمد (نظم)	١	١١٠
٢	مثالي ڪردار	٥	١١٤
٣	نعت (نظم)	٩	١١٨
٤	بيبي عائشہ صديقہؓ	١٣	١٢٢
٥	سنڌي ادب جي مختصر تاريخ	١٦	١٢٥
٦	وطن جي حب (بيت)	١٩	١٢٨
٧	تحريڪ پاڪستان ۽ سنڌ	٢٣	١٣١
٨	تعليم ۽ تربيت	٢٦	١٣٤
٩	سُر سريراڳ (بيت)	٢٩	١٣٧
١٠	خلائي جهاز ۽ خلائي تحقيق	٣٤	١٤٢
١١	ڪوٽ ڈيجي جو قلعو	٣٨	١٤٥
١٢	تُرت علاج	٤٢	١٤٨
١٣	موسم (نظم)	٤٥	١٥١
١٤	ڳوناٽي زندگيءَ جا رنگ	٤٩	١٥٥
١٥	ابو ريحان البيروني	٥٢	١٥٨
١٦	منڊي بولي (نظم)	٥٦	١٦١
١٧	فٽ بال راند	٦١	١٦٦
١٨	مُدي جو تپ	٦٤	١٦٩
١٩	هوش محمد شيدي	٦٨	١٧٣
٢٠	چؤستو	٧٢	١٧٦
٢١	درخواست	٧٦	١٨٠
٢٢	شيخ سعديؒ	٧٩	١٨٣
٢٣	سگهه ڈي سائين (نظم)	٨٣	١٨٧
٢٤	اجرڪ: ثقافت جو نشان	٨٧	١٩١
٢٥	ادب ۽ اخلاق (غزل)	٩١	١٩٤
٢٦	سورٹ راءِ ڈياچ	٩٦	١٩٨
٢٧	آيو بهار (نظم)	١٠٠	٢٠١

سبق پھريون

حمد

سکيا جي حاصلات

- نظر کي سُر، لئ ۾ تحت اللفظ سان پڑهي لطف حاصل ڪري سگهي.
- اخبارن، رسالن ۾ ڪتابن ۾ ڇپيل ڪهاڻين، نظمن، فيچرن، خطن ۽ اشتهارن کي سمجهي پڑهي سگهي.
- ڪمپيوٽر ۽ انٽرنيٽ تي ڏنل آکاڻيون، تصويري آکاڻيون، ڪارٽون ۽ نظر ڏسي پڑهي سگهي.
- نظر پڑهي سوالن جا جواب لکي سگهي.
- پنهنجي دلچسپيءَ موجب ڪنهن به موضوع تي پنهنجن مشاهدن، خيالن معلومات کي گهٽ ۾ گهٽ ٻن پئراگرافن ۾ مربوط ۽ روان انداز ۾ لکي سگهي.

خاص مقصد:

- نَوَن لفظن جي جاڙ حاصل ڪري سگهي.
- نظر جون سمجهاڻيون سمجهي ۽ لکي سگهي.
- نظر جو مرڪزي خيال لکڻ ۾ آساني پيدا ٿي سگهي.
- حمد جي تعريف سمجهي سگهي.
- رديف جي تعريف سمجهي ۽ لکي سگهي.

امدادي سامان:

- سنڌي ڪتابُ ۷، صفحو نمبر ۱ – ۲
- بليڪ بورڊ/وائيٽ بورڊ
- سنڌي ڊڪشنري
- فلئش ڪارڊ

پيريڊن جو تعداد:

۲ عدد

سکيا جو طريقو:

- شاگردن کان آمادگيءَ جا سوال ڪيا ويندا.
- سبق جو اعلان ڪرڻ کان پوءِ، سبق جي بلند خواني ڪئي ويندي، ان سان گڏ ڏکين لفظن جي معنيٰ پڻ سمجهائي ويندي. بلند خواني دوران استاد، شاگردن جي توجه جو جائزو به ونڊندو رهندو. جنهن شاگرد جي توجه سبق طرف نه هجي

تہ ان کان پڑھایل عبارت جو کو بہ آسان سوال پیچا کري سندس توجہ پاڻ ڈانھن ڪرائي ويندي.

- نظم ۾ موجود ڏکين لفظن جي وضاحت هر شعر جي ختم ٿيڻ تي آسان لفظن ۾ سمجھائي ويندي ۽ شاگردن کان اهي ڏکيا لفظ مجموعي طور اُچاريا ويندا. ڪلاس جي ڪمزور شاگردن کي اڳيان ويهاري انهن کان انفرادي طور سوال پيچا ڪيا ويندا ۽ کين هڪ جملو پڙهڻ جي هدايت ڪئي ويندي، غلطيءَ جي صورت ۾ سندن رهنمائي ڪئي ويندي. نظم جو حاصل مقصد پڻ سمجھايو ويندو.
- نظم جي بلند خواني کان پوءِ ڪلاس جي مختلف شاگردن کان نظم پڙھايو ويندو. لفظن جي درست ادائيگي تي سندن سارا ڪئي ويندي ۽ جيڪي شاگرد پڙهڻ دوران لفظن جو اُچار غلط پڙهن، انهن جي ناصحاڻي انداز ۾ رهنمائي ڪئي ويندي.
- بورڊ تي مشق جو ڪم لکي مختلف شاگردن کان پڙھايو ويندو. بعد ۾ کين ڪاپيءَ ۾ لکڻ جي هدايت ڪئي ويندي.

نظم جي متعلق ڪجھ سوال

۱. هن نظم ۾ ڪهڙو ردیف استعمال ڪيو ويو آهي؟
۲. هن نظم ۾ شاعر الله جي ڪهڙيءَ ريت وڈائي بيان ڪئي آهي؟
۳. هن نظم جي شاعر جو تخلص ڇا آهي؟

شاعر جو تعارف

پروفيسر ڈاڪٽر طارق رحيم سومرو ديهاتي ولد قاضي حاجي عبدالرحيم سومرو، ڳوٺ ديهات، تعلقو محرابپور، ضلعو نوشهروفيروز ۾ ۱۲ سيپٽمبر ۱۹۷۰ع ۾ پيدا ٿيو. ڈاڪٽر طارق رحيم پهريون پاڪستاني آهي، جنهن ڪمپيوٽر سائنس ۾ بيچلر، ماسٽر ۽ پي ايچ ڈي ۾ ڈگريون حاصل ڪيون. ڈاڪٽر طارق رحيم سومرو ديهاتي، هڪ ماهر تعليم، سائنسدان، ليکڪ، شاعر ۽ سماجي ڪارڪن آهي. شاعري جا ٽي ڪتاب حمد و نعت ۾ ڇپجي چڪا آهن، انهن ۾ گلدستہ حمد و نعت، نذرانہ حمد و نعت، ۽ مجموعہ حمد و نعت شامل آهن. ڈاڪٽر طارق رحيم هڪ ڪتاب ابتدائي سلوڪ انگريزي زبان ۾ ترجمو ڪيو آهي ۽ هڪ ڪتاب الانوار الاحمديہ في حالات المشائخ النقشبنديہ، حصو ٻيو، جو اردو زبان ۾ ترجمو ڪيو آهي. سندس هڪ ڪتاب ڪمپيوٽر سائنس ۽ هڪ ڪتاب هائر ايجوڪيشن تي انگريزي زبان ۾ ڇپجي چڪا آهن.

حل ٿيل مشق

(الف) هيٺ ڏنل مصرعہ مڪمل ڪريو.

۱. شريڪ
۲. هڪڙو
۳. رحمان
۴. هيڪڙو
۵. ڪريم

(ب) سوالن جا جواب:

١. هن حمد جي شاعر جو نالو ڊاڪٽر طارق رحيم سومرو (ديهاتي) آهي.

٢. هن نظم ۾ عمر نواڙ جو مطلب "عام بخشش وارو" آهي.

٣. هن نظم جي آخري ٽن سٽن ۾ اها نصيحت سمايل آهي تہ الله هڪ آهي ۽ اهو ئي هن ڪائنات جو نظام هلائي رهيو آهي. اهو رب ڪريم بہ آهي تہ عظمت وارو بہ آهي. هڪ الله آهي جيڪو اسان جي بخشش ڪرڻ وارو آهي.

٤. هن نظم جو ٽيون نمبر شعر اسان کي وڌيڪ پسند آهي ڇاڪاڻ تہ هن شعر ۾ شاعر الله جو شان بيان ڪرڻ سان گڏ هن ڪائنات جو خالق ۽ مالڪ هجڻ جي ڳاله پڻ ڪري ٿو.

٥. هن حمد ۾ شاعر اسان کي اهو پيغام ڏنو آهي تہ هن ڪائنات جو حقيقي مالڪ ۽ خالق هڪ الله آهي جنهن هن ڪائنات جو نظام جوڙيو آهي ۽ ازل کان وٺي ڪائنات جو نظام هلائي رهيو آهي. اهو هڪ الله ئي تعريف جي لائق آهي، اهو رب عظيم ، رحيم ۽ ڪريم آهي. اسان کي الله جو ۽ ان جي عطا ڪيل نعمتن جو زندگيءَ جي هر موڙ تي شڪر ادا ڪرڻ گهرجي ۽ ان هڪ الله جي بندگي ڪرڻ گهرجي.

(ج) هيٺين لفظن جي معنيٰ لکي جملا ٺاهيو.

لفظ	معنيٰ	جملا
شريڪ	شامل	اسين سڀ دعوت ۾ شريڪ ٿيندا سين.
باطن	چھپاہوا	اسان کي پنهنجو ظاهر ۽ باطن هڪجهڙو رکڻ گهرجي.
شڪراني	شکراداکرنا	اسان کي هر موڙ تي الله جي شڪراني ادا ڪرڻ گهرجي.
هيڪڙو	ایک	هن ڪائنات جو خالق ۽ مالڪ هيڪڙو الله آهي.
عظيم	اعلیٰ	الله جي ذات عظيم آهي.

(د) هيٺين لفظن جا ضد لکو.

لفظ	ضد	لفظ	ضد
زمين	آسمان	زوال	ڪمال
غلط	صحيح	ادنيٰ	اعليٰ
ناڪامي	ڪاميابي	وڏ	گهٽ

سرگرمي :

- نظم جي خوشخطي ڪلاس ورڪ ڪاپيءَ ۾ لکرائي ويندي.
- ڪلاس جي شاگردن کان نظم صحيح اچار سان پڙهايو ويندو.

OXFORD UNIVERSITY PRESS

• هن نظم ۾ ڪهڙي نصيحت سمايل آهي، شاگردن کي ان بابت پنهنجي خيالن جو اظهار ڪرڻ جو موقعو ڏنو ويندو، جنهن شاگردن جو جواب بهتر هوندو ان کي شاباش ڏني ويندي.

(ھ) ڪنهن اخبار، رسالي يا انٽرنيٽ ذريعي ڪنهن به شاعر جي لکيل حمد ڪاپيءَ ۾ لکو.

تون حبيبُ، تون طبيبُ، تون دَردَ جي دَوا،
جانِبَ! منهنجي جِيءَ ۾ آزَرَ جا اَنوا؛

صاحبَ! ڏي شِفا، ميان! مريضنِ کي.
تون حبيب، تون طبيب، تونهين بَڻَنِ بَيُ،

تون ڏين، تون لاهيين، تون هادي، تون رَبُ،
آهِم اِيءُ عجبُ، جئن واريو ويجَ وِهاريين،

تون حبيب، تون طبيب، تون دارون کي دردن،
تون ڏئين، تون لاهئين، ڏاتر کي ڏُکندَن،

تڏهن ڦڪيون فَرَقُ ڪَنِ، جڏهن اَمُر ڪريو اُنَ کي.
هڻُ، حبيبَ! هٿُ ڪٽِي، بَنگان لهي ٻاڻُ؛

ماڳهين مون مِنهن ٽِئي، جهولِيءَ وِجهان ٻاڻُ؛
اِنَ پَرِساجَنَ ساڻُ، مانَ مُقابلو مون ٽِئي.

حضرت شاھ عبداللطيف ڀٽائيؒ

سبق ٻيون

مثالي ڪردار

سکيا جي حاصلات

- اخلاق نبوي بابت ڄاڻ حاصل ڪري سگھي.
- حضرت محمد رسول الله خَاتَم النَّبِيِّين صَلَّي اللهُ عَلَيهِ وَعَليٰ آلِهٖ وَاَصحَابِهٖ وَسَلَّم جي نصيحتن تي عمل ڪري سگھي.
- جملي جي بناوٽ سمجھي سگھي.
- واحد جمع جي اصولن بابت ڄاڻي سگھي.
- واحد کي جمع ۾ ۽ جمع کي واحد ۾ تبديل ڪري سگھي.
- اخبارن ۾ رسالن جي صحافتي انداز بيان جو نقل ڪري سگھي.
- سبق جو مفهوم يا بنيادي خيال لکي سگھي.
- ڪنهن فطري، اخلاقي يا قومي موضوع تي پنهنجن مشاهدن ۽ خيالن جو اظهار ٽن سؤ لفظن تي مشتمل مضمون جي صورت ۾ لکي سگھي.
- مختلف واقعن، سير سفر، تقريبن ۽ ڏٺن جو احوال تفصيلي طور بيان ڪري سگھي.
- عملي زندگيءَ ۾ مثبت سماجي روين، برداشت، سهپ، امن، يائيچارو، رواداري ۽ مذهبي هم آهنگي جو اظهار ڪري سگھي
- اخبار ۾ ڏنل مواد، ڪالم، خبر، فيچر ۽ ٻيو مواد پڙهي، سمجهي ۽ ڳالهه ٻولهه ڪري سگھي.
- اخبارن ۽ رسالن مان مختلف علمي ۽ ادبي مضمون سمجھي پڙهي سگھي.

خاص مقصد:

- نَوَن لفظن جي ڄاڻ حاصل ڪري سگھي.
- سبق جي مشق جا جواب پاڻ سمجھي ۽ لکي سگھي.
- سبق جو مرڪزي خيال لکڻ جي صلاحيت پيدا ٿي سگھي.
- واحد جمع جي اصولن کان واقف ٿي واحد لفظن کي جمع ۾ تبديل ڪري سگھي.
- حضرت محمد رسول الله خَاتَم النَّبِيِّين صَلَّي اللهُ عَلَيهِ وَعَليٰ آلِهٖ وَاَصحَابِهٖ وَسَلَّم جن جي عملي ڪردار جي پيروي ڪري سگھي.

امدادي سامان:

- سنڌي ڪتابُ ۷، صفحو نمبر ۳ – ۷
- بليڪ بورڊ/وائيٽ بورڊ
- سنڌي ڊڪشنري
- فلئش ڪارڊ

پيريڊن جو تعداد:

۳ عدد

سِکيا جو طريقو:

- شاگردن کان ذهني آمادگيءَ جا جيڪي سوال ڪيا وڃن، استادن کي انهن سوالن جي جوابن ڏيڻ ۾ شاگردن جي رهنمائي ۽ حوصلا افزائي ڪرڻ گهرجي تہ جيئن شاگرد درست جواب ڏيڻ ۾ ڪا بہ ڏکيائي محسوس نہ ڪن. جيڪڏهن ڪو شاگرد غلط جواب ڏئي ٿو تہ ان جي رهنمائي ڪندي ان سوال جو درست جواب ٻڌايو وڃي.
- شاگردن کان آمادگيءَ جا سوال ڪيا ويندا.
- سبق جو اعلان ڪرڻ کان پوءِ، سبق جي بلند خواني ڪئي ويندي، هڪ هڪ عبارت جي آسان ۽ واضع لفظن ۾ وضاحت ڪئي ويندي، ان سان گڏ ڏکين لفظن جي معنيٰ پڻ سمجهائي ويندي. بلند خواني دوران شاگردن جي توجہ سبق طرف ڪرائڻ لاءِ انهن کان مختلف سوال ڪيا ويندا.
- سبق جي بلند خوانيءَ کان پوءِ ڪلاس جي مختلف شاگردن کان هڪ هڪ عبارت جي بلند خواني ڪرائي ويندي، غلطين جي صورت ۾ سندن رهنمائي ڪئي ويندي ۽ جيڪي شاگرد بهتر انداز ۾ بلند خواني ڪندا انهن کي شاباس ڏني ويندي.
- سبق جي بلند خواني کان پوءِ ڪلاس جي مختلف شاگردن کان مشڪل لفظن جي معنيٰ پڻ پڇا ڪئي ويندي.
- بورڊ تي مشق جو ڪم لکي مختلف شاگردن کان پڙهايو ويندو. بعد ۾ ڪين ڪاپيءَ ۾ لکڻ جي هدايت ڪئي ويندي.

سبق جي متعلق ڪجهہ سوال

۱. حضرت محمّد رسول الله خَاتَم النَّبِيِّين صَلَّي اللهُ عَلَيهِ وَ عَليٰ آلِهٖ وَ اَصحَابِهٖ وَسَلَّم جن جي والده ماجده جو نالو ڇا هو؟

۲. حضرت محمّد رسول الله خَاتَم النَّبِيِّين صَلَّي اللهُ عَلَيهِ وَ عَليٰ آلِهٖ وَ اَصحَابِهٖ وَسَلَّم جن جون ڪي بہ ٻہ حديثون ٻڌايو.

۳. حضرت محمّد رسول الله خَاتَم النَّبِيِّين صَلَّي اللهُ عَلَيهِ وَ عَليٰ آلِهٖ وَ اَصحَابِهٖ وَسَلَّم جن کي نبوت گهٽن سالن جي عمر ۾ ملي؟

حل ٿيل مشق

(الف) گهڻ چونڊائتا سوال.

مناسب لفظ چونڊي هيٺيان جملا مڪمل ڪريو.

۱. جهيڙاڪ

۲. پرهيزگار

۳. ڪفر

۴. تعليم

۵. ٻار

(ب) سوالن جا جواب:

۱. حضرت محمد رسول الله خَاتَم النَّبِيِّين صَلَّي اللهُ عَلَيهِ وَ عَليٰ آلِهٖ وَ اَصحَابِهٖ وَسَلَّم جن جو تعلق هاشمي قريش خاندان سان هو.

۲. حضرت محمد رسول الله خَاتَم النَّبِيِّين صَلَّي اللهُ عَلَيهِ وَ عَليٰ آلِهٖ وَ اَصحَابِهٖ وَسَلَّم جن ہارن بابت فرمايو تہ "ہار جنت جي باغ جا گل آهن." يعني انهن سان ميناج ۽ محبت سان پيش اچڻ گهرجي"

۳. حضرت محمد رسول الله خَاتَم النَّبِيِّين صَلَّي اللهُ عَلَيهِ وَ عَليٰ آلِهٖ وَ اَصحَابِهٖ وَسَلَّم جن پرهيزگار بابت ارشاد فرمايو تہ "بيشڪ توهان مان الله وٽ ويجهو اهو آهي جيڪو پرهيزگار آهي."

۴. حضرت محمد رسول الله خَاتَم النَّبِيِّين صَلَّي اللهُ عَلَيهِ وَ عَليٰ آلِهٖ وَ اَصحَابِهٖ وَسَلَّم جن جي ڏنل تعليم مان تي نقطا هيٺ ڏجن ٿا.

- مسلمان کي گار ڏيڻ فِسقُ آهي ۽ مسلمان سان وڙهڻ ڪُفر آهي.
- سچ ڳالهايو. پوءِ چو نہ اهو اوهان جي خلاف هجي.
- ان وقت تائين ڪوبہ سچو مسلمان نٿو بنجي سگهي، جيستائين هو پنهنجي ياءُ لاءِ اها ڳالهہ پسند نہ ڪري جيڪا پنهنجي لاءِ پسند ڪري.

۵. هن سبق مان اسان کي اها نصيحت ملي ٿي تہ اسين مسلمان حضرت محمد رسول الله خَاتَم النَّبِيِّين صَلَّي اللهُ عَلَيهِ وَ عَليٰ آلِهٖ وَ اَصحَابِهٖ وَسَلَّم جا امتي آهيون. اسان کي گهرجي تہ اسين حضرت محمد رسول الله خَاتَم النَّبِيِّين صَلَّي اللهُ عَلَيهِ وَ عَليٰ آلِهٖ وَ اَصحَابِهٖ وَسَلَّم جن جي نقش قدم تي هلون. پاڻ سڳورن صَلَّي اللهُ عَلَيهِ وَ عَليٰ آلِهٖ وَ اَصحَابِهٖ وَسَلَّمجن زندگيءَ جي هر موڙ تي اسان کي جيڪي نصيحتون ڪيون، اسين انهن تي عمل ڪري پنهنجي دنيا ۽ اخرت کي ڪامياب بڻايون.

(ج) هيٺين لفظن جي معنيٰ لکي جملا ٺاهيو.

لفظ	معنيٰ	جملا
مٿانهون	اعلیٰ / اونچا	حضرت محمد رسول الله خَاتَم النَّبِيِّين صَلَّي اللهُ عَلَيهِ وَعَليٰ آلِهٖ وَاَصحَابِهٖ وَسَلَّم جو مانُ تمام نبين کان مٿانهون آهي.
شرف	سعادت	احمد کي عمرو ادا ڪرڻ جو شرف حاصل ٿيو.
رجحان	توجہ	هن وقت سيني جو رجحان هٿرادو ذهانت طرف آهي.
سلوڪ	رويہ	پاڙيوارن سان سٺو سلوڪ ڪرڻ گهرجي.
لاڙا	ترجيحات	هن دور ۾ ماڻهن جا لاڙا سائنسي تعليم طرف وڌي ويا آهن.
علمبردار	پرچم اٹھانے والا	حضرت علي ڪرم الله وجہ بهترين علمبردار هئا.

(د) جملي جا بنيادي جزا.

جملي جا ٽي بنيادي جزا آهن. سنڌي ٻوليءَ ۾ جملي جي بناوٽ موجب جملي ۾ پهريون فاعل پوءِ مفعول ۽ آخر ۾ فعل استعمال ٿيندو آهي.

(الف) فاعل

(۱) شاگرد راند کيڏن ٿا. (۲) آءُ ماني کائي رهيو آهيان.

(ب) مفعول

(۱) سيما خط لکي ٿي. (۲) عائشہ ماني کائي ٿي.

(ج) فعل

(۱) طيبہ نماز پڙهي ٿي. (۲) پارس خط لکي ٿي.

(هـ) واحد/ جمع ناهڻ جا اصول "اصول نمبر ۱"

واحد	جمع	واحد	جمع	واحد	جمع
هتُ	هتَ	اکرُ	اکرَ	رنگُ	رنگَ
پيرُ	پيرَ	اُنُ	اُنَ	باغُ	باغَ
انبُ	انبَ	مردُ	مردَ	درُ	درَ
شهرُ	شهرَ	گهرُ	گهرَ	پتُ	پتَ
ٻکرُ	ٻکرَ	ٻارُ	ٻارَ		

سرگرمي

- سبق جي مشق جو ڪم ڪلاس ورڪ ڪاپيءَ ۾ لکرايو ويندو.
- سيرت نبي صَلَّي اللّٰهُ عَلَيهِ وَعَليٰ آلِهٖ وَاَصحَابِهٖ وَسَلَّم متعلق ڪو به مشهور ڪتاب لائبريري مان جاري ڪرائي ڪلاس ۾ شاگردن آڏو حضرت محمد رسول الله خَاتَم النَّبِيِّين صَلَّي اللّٰهُ عَلَيهِ وَعَليٰ آلِهٖ وَاَصحَابِهٖ وَسَلَّم جون صفتون يا پاڻ سڳورن صَلَّي اللّٰهُ عَلَيهِ وَعَليٰ آلِهٖ وَاَصحَابِهٖ وَسَلَّم جو ڪو به واقعو بلند آواز ۾ پڙهي ٻڌايو ڪلاس جا سيئي شاگرد ادب ۽ احترام سان ٻڌڻ جي ڪوشش ڪن ۽ آخر ۾ ڪلاس جي شاگرن کان معلوم ڪيو ته اوهان ان واقعي يا سيرت نبي صَلَّي اللّٰهُ عَلَيهِ وَعَليٰ آلِهٖ وَاَصحَابِهٖ وَسَلَّم مان ڇا پرايو؟
- هن سبق ۾ ڪهڙيون نصيحتون سمايل آهن، شاگردن کي انهن بابت پنهنجي خيالن جو اظهار ڪرڻ جو موقعو ڏنو ويندو، جنهن شاگردن جو جواب بهتر هوندو ان کي شاباش ڏني ويندي.
- زندگيءَ جو اهڙو ڪو واقعو، جنهن ۾ اوهان ڪنهن سان انسانيت جي ناتي، همدردي، پائيچاري ۽ احساس مطابق عملي طور ورتاءُ ڪيو هجي اهو ڪلاس جي شاگردن کي ٻڌائيندا.
- اخبار، رسالي يا ڪنهن ڪتاب مان سيرت النبي بابت مضمون يا ميلاد بابت ڪا ڇاڻ ڪلاس جي شاگردن کي ٻڌائيندا.

سبق ٹيون

نعت

سکيا جي حاصلات:

- روانيءَ سان ڳالهايل لفظن کي ٻڌي، مفهوم سمجهي ۽ استعمال ڪري سگهي.
- بيت يا شعر پڙهي ان جي حوالن ذريعي سمجهاڻي لکي سگهي.
- زمان حال، زمان ماضي ۽ زمان مستقبل جي فرق کي سمجهي جملن کي بدلائي سگهي.
- ڪنهن بہ تحرير (نثر ۽ نظم) جي پسنديدگي جو سبب ٻڌائي سگهي.

خاص مقصد:

- نَوَن لفظن جي ڄاڻ حاصل ڪري سگهي.
- نظم جون سمجهاڻيون سمجهي ۽ لکي سگهي.
- نظم جو مرڪزي خيال لکڻ جي صلاحيت پيدا ٿي سگهي.
- نعت جي تعريف سمجهي سگهي.
- ڏکين لفظن جي معنيٰ ۽ مفهوم سمجهي سگهي.

امدادي سامان:

- سنڌي ڪتابُ ۷، صفحو نمبر ۸ – ۱۰
- بليڪ بورڊ/وائيٽ بورڊ
- سنڌي ڊڪشنري
- فلئش ڪارڊ

پيريڊن جو تعداد:

۲ عدد

سِکيا جو طريقو:

- شاگردن کان آمادگيءَ جا سوال ڪيا ويندا.
- نظم (نعت) جو اعلان ڪرڻ کان پوءِ، نظم لفظن جي درست ادائيگي سان گڏ پڙهيو ويندو. ان سان گڏ ڏکين لفظن جي معنيٰ پڻ سمجهائي ويندي. بلند خواني دوران شاگردن جي توجہ سبق طرف ڪرائڻ لاءِ انهن کان مختلف سوال ڪيا ويندا.
- نظم جي بلند خواني کان پوءِ ڪلاس جي مختلف شاگردن کان نظم پڙهايو ويندو. لفظن جي درست ادائيگي تي سندن

ساراھ ڪئي ويندي ۽ جيڪي شاگرد پڙھڻ دوران لفظن جو اُچار غلط پڙھن، انھن جي ناصحاڻي انداز ۾ رھنمائي ڪئي ويندي.

- نظم جي مشق ۾ لکيل سوالن جا جواب پھرين شاگردن کان پڇا ڪيا ويندا، جيڪي شاگرد درست جواب ڏيندا اھي جواب بورڊ تي لکيا ويندا ۽ درست جواب ٻڌائيندڙ شاگردن کي شاباس ڏني ويندي.
- بورڊ تي مشق جو ڪم لکي مختلف شاگردن کان پڙھايو ويندو، بعد ۾ ڪين ڪاپيءَ ۾ لکڻ جي ھدايت ڪئي ويندي.

نظم جي متعلق ڪجھ سوال

۱. ھن نظم ۾ "اُمي ۽ امين" مان ڇا مراد آھي؟
۲. ھن نظم ۾ لفظ "براق" جو مطلب ڇا آھي؟
۳. ھن نظم ۾ شاعر پنھنجو تخلص ڪھڙو استعمال ڪيو آھي؟

شاعر جو تعارف

مرزا قليچ بيگ سنڌي ادب جو سرموڙ ادیب، سچو خدمتگار ۽ سنڌي ادب جي خزاني ۾ بي بھا تخليقون ڏيندڙ شخصيت ٿي گذريو آھي. مرزا قليچ بيگ ھڪ سنڌي عالم ٿي گذريو آھي، جنھن کي سنڌي ادب ۾ سڀ کان گھڻا ڪتاب لکڻ جو اعزاز حاصل آھي. مرزا قليچ بيگ جي پيدائش قليلي جي ڪپ تي ٽنڈي ٽوڙھي ۾ ۴ آڪٽوبر تي ۱۸۵۵ع ۾ ٿي. مررزا قليچ بيگ پھريون حيدرآباد ۾ سنڌي ۽ پوءِ انگريزي اسڪول ۾ تعليم حاصل ڪئي. ھي عالم ھڪ ئي وقت سنڌي، انگريزي، فارسي، عربي، ترڪي ۽ اردو زبانن تي دسترس رکندڙ ھو. مرزا قليچ بيگ تقريبن ڏھ ناٽڪ لکيا ۽ ٻارنھن ناول لکيا. سندس ناولن مان زينت، دلارام ۽ حاجي بابا اصفھاني تمام گھڻي مقبوليت ماڻي. سندس علمي، ادبي ۽ تعليمي خدمتن جي عيوض ڪيس ان وقت جي سرڪار ۱۹۲۴ع ۾ "شمس العلماءِ جو خطاب ڏنو. مرزا قليچ بيگ۳ جولاء ۱۹۲۹ع تي سندس روح جو پکي پرواز ڪري ويو ۽ پاڻ خالق حقيقي سان وڃي مليو.

حل ٿيل مشق:

(الف) ھيٺ ڏنل مصرعہ مڪمل ڪريو.

۱. ابوالقاسم ۲. شرافت ۳. حق تعالیٰ ۴. قليچ ۵. باھِ دوزخ

(ب) سوالن جا جواب:

۱. ھن نظم (نعت) جي شاعر جو نالو مرزا قليچ بيگ آھي.
۲. لفظ "اُمي" جو مطلب آھي اڻ پڙھيل.
۳. ھن نعت جي شعر نمبر ۵ ۾ شاعر لکي ٿو تہ جيڪي انسان حضرت محمد رسول الله خَاتَم النَّبِيِّين صَلَّي اللهُ عَلَيهِ وَ عَلیٰ آلِهٖ وَ اَصحَابِهٖ وَسَلَّم جا امتي آھن يعني مسلمان آھن اھي سڀ روز قيامت ۾ جنت ۾ داخل ٿي مزو ۽ سکون ماڻيندا، باقي حضرت محمد رسول الله خَاتَم النَّبِيِّين صَلَّي اللهُ عَلَيهِ وَ عَلیٰ آلِهٖ وَ اَصحَابِهٖ وَسَلَّم جا دشمن ۽ مخالف آھن انھن جي مقدر ۾ دوزخ جي باھِ ھوندي.

۴. هن نعت جو شعر نمبر ۴ مونکي وڌيڪ پسند آهي، ڇاڪاڻ تہ ان شعر ۾ شاعر اها حقيقت بيان ڪئي آهي تہ جڏهن الله جي ذات پنهنجي محبوب نبي حضرت محمد رسول الله خَاتَم النَّبِيِّين صَلَّي اللهُ عَلَيهِ وَ عَليٰ آلِهٖ وَ اَصحَابِهٖ وَسَلَّم کي وڏي حب ۽ محبت مان جنت جو ديدار ڪرائڻ چاهيو تہ حضرت محمد رسول الله خَاتَم النَّبِيِّين صَلَّي اللهُ عَلَيهِ وَ عَليٰ آلِهٖ وَ اَصحَابِهٖ وَسَلَّم جنت مان ئي موڪليل براق تي سوار ٿي جنت جو سير ڪرڻ لاءِ روانو ٿيو. اها سعادت تمام نبين ۾ صرف ۽ صرف حضرت محمد رسول الله خَاتَم النَّبِيِّين صَلَّي اللهُ عَلَيهِ وَ عَليٰ آلِهٖ وَ اَصحَابِهٖ وَسَلَّم کي نصيب ٿي.

۵. هن نعت ۾ شاعر خاتم النبين حضرت محمد رسول الله خَاتَم النَّبِيِّين صَلَّي اللهُ عَلَيهِ وَ عَليٰ آلِهٖ وَ اَصحَابِهٖ وَسَلَّم جن جي واکاڻ بيان ڪندي لکي ٿو تہ حضرت محمد رسول الله خَاتَم النَّبِيِّين صَلَّي اللهُ عَلَيهِ وَ عَليٰ آلِهٖ وَ اَصحَابِهٖ وَسَلَّم جو نالو بغير صلوات جي پڪارڻ بي ادبي ۾ شامل آهي. ڇاڪاڻ تہ تمام نبين ۾ سڀ کان افضل ۽ اعليٰ رتبو حضرت محمد رسول الله خَاتَم النَّبِيِّين صَلَّي اللهُ عَلَيهِ وَ عَليٰ آلِهٖ وَ اَصحَابِهٖ وَسَلَّم جو آهي ۽ سندن ڪيترائي لقب آهن. تمام نبين ۾ حضرت محمد رسول الله خَاتَم النَّبِيِّين صَلَّي اللهُ عَلَيهِ وَ عَليٰ آلِهٖ وَ اَصحَابِهٖ وَسَلَّم ئي آهي جنهن کي رب جي ذات پنهنجي رضا سان جنت جو ديدار ڪرايو. اسان کي بہ وڏو فخر آهي جو اسين حضرت محمد رسول الله خَاتَم النَّبِيِّين صَلَّي اللهُ عَلَيهِ وَ عَليٰ آلِهٖ وَ اَصحَابِهٖ وَسَلَّم جا امتي آهيون. ان ڪري اسان کي رب جو هر موڙ تي شڪر ادا ڪرڻ گهرجي ۽ ان جي بندگي ڪرڻ گهرجي.

(ج) هينين لفظن جي معنيٰ لکي جملا ناهيو.

لفظ	معنيٰ	جملا
بشر	انسان	بشر کي اشرف المخلوقات بہ چيو ويندو آهي.
نسبي	خانداني	اسان جو نسبي تعلق حضرت آدمؑ سان ملي ٿو.
براق	اها سواري جنهن جي ذريعي حضرت محمد رسول الله خَاتَم النَّبِيِّين صَلَّي اللهُ عَلَيهِ وَ عَليٰ آلِهٖ وَ اَصحَابِهٖ وَسَلَّم جن آسمان تي پهتا	حضرت محمد رسول الله خَاتَم النَّبِيِّين صَلَّي اللهُ عَلَيهِ وَ عَليٰ آلِهٖ وَ اَصحَابِهٖ وَسَلَّم جن براق تي سوار ٿي آسمان تي پهتا.
عرش	آسمان	عرش تي تارا چمڪن پيا.
اُمتي	پوئلڳ	اسين حضرت محمد رسول الله خَاتَم النَّبِيِّين صَلَّي اللهُ عَلَيهِ وَ عَليٰ آلِهٖ وَ اَصحَابِهٖ وَسَلَّم جا امتي آهيون.
دوزخ	جهنم	دوزخ جي باهه بي حد خطرناڪ آهي.

(د) زمان حال جا جملا.

١. طيبہ پڑھي ٿي.

٢. پارس لکي ٿي.

زمان ماضي جا جملا.

١. پارس خط لکيو.

٢. طيبہ نماز پڑھي.

٣. احمد ڪتاب پڑھيو.

زمان مستقبل جا جملا.

١. پارس نماز پڑھندي.

٢. طيبہ ڊاڪٽرياٽي ٿيندي.

٣. احمد ڪتاب لکندو.

(ھ) ھيٺين لفظن جا ضد لکو.

لفظ	ضد	لفظ	ضد
حلال	حرام	سھڻو	بدصورت
عزت	ذلت	زندھ	مرده
پلائي	برائي		

سرگرمي:

- نظم جي خوشخطي ڪلاس ورڪ ڪاپيءَ ۾ لکرائي ويندي.
- ڪلاس جي شاگردن کان نظم جي بلند خواني ڪرائي ويندي. بهتر انداز ۾ بلند خواني ڪرڻ بابت شاگردن ۾ مقابلو ڪرايو ويندو.
- هن نظم ۾ ڪهڙي نصيحت سمايل آهي، شاگردن کي ان بابت پنهنجي خيالن جو اظهار ڪرڻ جو موقعو ڏنو ويندو. جنهن شاگردن جو جواب بهتر هوندو ان کي شاباش ڏني ويندي.
- اسڪول جي لائبريري مان يا گوگل تان ڳولا ڪري مرزا قليچ بيگ جي لکيل ڏهن ڪتابن جا نالا لکي ايندا.

سبق چوٿون

بيبي عائشہ صديقہؓ

سکيا جي حاصلات:

- روزمرھ جا مشاهدا مناسب لفظن ۾ لکي سگھي.
- مختصر مضمون، ڪهاڻي ۽ مڪالما لکي سگھي.
- ڪنهن فطري، اخلاقي يا قومي موضوع تي پنهنجن مشاهدن ۽ خيالن جو اظهار ٽن سون لفظن تي مشتمل مضمون جي صورت ۾ لکي سگھي.
- متن مان مذڪر ۽ مؤنث لفظن جو درست استعمال ڪري سگھي.
- هم معنيٰ ۽ هم صورت لفظن جي معنيٰ جي فرق کي صحيح سمجھي سگھي.
- عورتن جي حقن ۽ صنفي برابريءَ بابت ڄاڻي سگھي.

خاص مقصد:

- نَوَن لفظن جي ڄاڻ حاصل ڪري سگھي.
- سبق جي مشق جا جواب پاڻ سمجھي ۽ لکي سگھي.
- سبق جو مرڪزي خيال لکڻ جي صلاحيت پيدا ٿي سگھي.
- سلاست، فصاحت ۽ بلاغت مطابق جملا لکي ۽ سمجھي سگھي.
- بيبي عائشہ صديقہؓ جي زندگيءَ مان سبق پرائي سگھي.

امدادي سامان:

- سنڌي ڪتابُ ۷، صفحو نمبر ۱۱ - ۱۴
- بليڪ بورڊ/وائيٽ بورڊ
- سنڌي ڊڪشنري
- فلئش ڪارڊ

پيريڊن جو تعداد:

۳ عدد

سِکيا جو طريقو:

- شاگردن کان ذهني آمادگيءَ جا جيڪي سوال ڪيا وڃن، استادن کي انهن سوالن جي جوابن ڏيڻ ۾ شاگردن جي رهنمائي ۽ حوصلا افزائي ڪرڻ گھرجي تہ جيئن شاگرد درست جواب ڏيڻ ۾ ڪا بہ ڏکيائي محسوس نہ ڪن. جيڪڏهن ڪو

شاگرد غلط جواب ڏئي ٿو تہ ان جي رهنمائي ڪندي ان سوال جو درست جواب ٻڌايو ويجي.

- شاگردن کان آمادگيءَ جا سوال ڪيا ويندا.
- سبق جو اعلان ڪرڻ کان پوءِ، سبق جي بلند خواني ڪئي ويندي، هڪ هڪ عبارت جي آسان ۽ واضع لفظن ۾ وضاحت ڪئي ويندي، ان سان گڏ ڏکين لفظن جي معنيٰ پڻ سمجهائي ويندي. بلند خواني دوران شاگردن جي توجہ سبق طرف ڪرائڻ لاءِ انهن کان مختلف سوال ڪيا ويندا.
- سبق جي بلند خوانيءَ کان پوءِ ڪلاس جي مختلف شاگردن کان هڪ هڪ عبارت جي بلند خواني ڪرائي ويندي، غلطين جي صورت ۾ سندن رهنمائي ڪئي ويندي ۽ جيڪي شاگرد بهتر انداز ۾ بلند خواني ڪندا انهن کي شاباس ڏني ويندي.
- سبق جي بلند خواني کان پوءِ ڪلاس جي مختلف شاگردن کان مشڪل لفظن جي معنيٰ پڻ پڇا ڪئي ويندي.
- بورڊ تي مشق جو ڪم لکي مختلف شاگردن کان پڙهايو ويندو، بعد ۾ ڪين ڪاپيءَ ۾ لکڻ جي هدايت ڪئي ويندي.

سبق جي متعلق ڪجهہ سوال

١. حضرت بيبي عائشہ صديقہؓ جو جنم ڪڏهن ۽ ڪٿي ٿيو؟
٢. "ام المومنين" جو مطلب ڇا آهي؟
٣. حضرت بيبي عائشہ صديقہؓ جي والده جو نالو ڇا هو؟

حل ٿيل مشق

(الف) گهڻ چونڊائتا سوال.

١. ڏهين
٢. تيرهن
٣. ١٧ رمضان
٤. ٦٦
٥. بلاغت

(ب) سوالن جا جواب:

١. حضرت بيبي عائشہ صديقہؓ حضرت ابو بڪر صديقؓ جي نياڻي هئي.
٢. حضرت محمد رسول الله خَاتَم النَّبِيِّين صَلَّي اللهُ عَلَيهِ وَ عَليٰ آلِهٖ وَ اَصحَابِهٖ وَسَلَّم جي وصال کان پوءِ حضرت بيبي عائشہ صديقہؓ کي سندس والد محترم حضرت ابو بڪر صديقؓ جي وفات جو صدمو رسيو.
٣. حضرت ابو بڪر صديقؓ ٻن سالن تائين خليفا رهيا.
٤. حضرت بيبي عائشہ صديقہؓ کي سندس وصيعت موجب جنة البقيع قبرستان ۾ دفن ڪيو ويو.
٥. حضرت بيبي عائشہ صديقہؓ ١٧ رمضان المبارڪ ٥٨ هجريءَ تي وفات ڪئي.

(ج) هيٺين لفظن جي معنيٰ لکي جملا ٺاهيو.

لفظ	معنيٰ	جملا
شعور	سلیقہ	علم انسان ۾ شعور پيدا ڪري ٿو.
تيمارداري	بیماری کی حالت میں خدمت	بيمارئ جي حالت ۾ والدين جي تيمارداري ڪرڻ اولاد جو فرض آهي.
رفاقت	معاونت/مدد	مشڪل وقت ۾ هڪ ٻئي جي رفاقت ڪرڻ سنو عمل آهي.
ڏاهي	داناء	ڏاهي انسان جي دوستي بيحد فائديمند هوندي آهي.
فصاحت	خوش بیانی	حضرت بيبي عائشہ صديقہؓ جي تقريرن مان فصاحت ظاهر ٿيندي هئي.
بلاغت	مکمل	حضرت بيبي عائشہ صديقہؓ جي تقريرن مان فصاحت ۽ بلاغت ظاهر ٿيندي هئي.

(د) هم معنيٰ لفظ

١. چنڊ

٢. قمر

٣. ماهتاب

سرگرمي

- سبق جي مشق جو ڪم ڪلاس ورڪ ڪاپيءَ ۾ لکرايو ويندو.
- سيرت نبي صَلَّي اللهُ عَلَيهِ وَعَلىٰ آلِهٖ وَاَصحَابِهٖ وَسَلَّم متعلق ڪو به مشهور ڪتاب لائبريري مان جاري ڪرائي ڪلاس ۾ شاگردن آڏو حضرت محمد رسول الله خَاتَم النَّبِيِّين صَلَّي اللهُ عَلَيهِ وَعَلىٰ آلِهٖ وَاَصحَابِهٖ وَسَلَّم جون صفتون يا پاڻ سڳورن صَلَّي اللهُ عَلَيهِ وَعَلىٰ آلِهٖ وَاَصحَابِهٖ وَسَلَّم جو ڪو به واقعو بلند آواز ۾ پڙهي ٻڌايو ڪلاس جا سيئي شاگرد ادب ۽ احترام سان ٻڌڻ جي ڪوشش ڪن ۽ آخر ۾ ڪلاس جي شاگرن کان معلوم ڪيو تہ اوهان ان واقعي يا سيرت نبي صَلَّي اللهُ عَلَيهِ وَعَلىٰ آلِهٖ وَاَصحَابِهٖ وَسَلَّم مان ڇا پرايو؟
- هن سبق ۾ ڪهڙيون نصيحتون سمايل آهن. شاگردن کي ان بابت پنهنجي خيالن جو اظهار ڪرڻ جو موقعو ڏنو ويندو. جنهن شاگردن جو جواب بهتر هوندو ان کي شاباش ڏني ويندي.

OXFORD UNIVERSITY PRESS

سبق پنجون

سنڌي ادب جي مختصر تاريخ

سکيا جي حاصلات

- بيهڪ جي نشانين کي ڏيان ۾ رکي درست لهجي ۾ پڙهي سگهي.
- ڇپيل ۽ اڻ ڇپيل مواد جي فرق کي سمجهي پڙهي سگهي.
- لطيفن ۽ پرولين ۾ لڪل ڏاهپ کي سمجهي، پڙهي لطف اندوز ٿي سگهي.
- متضاد لفظن کي جملن ۾ ڪم آڻي سگهي.
- فنون لطيفه سان لاڳاپيل شه پارن، تصويرن، عمارتن ۽ آرٽ وغيره تي راءِ ڏئي سگهي.
- عام نوعيت جا ڪتاب ۽ معلوماتي مواد پڙهي سگهي.

خاص مقصد:

- نَوَن لفظن جي جاڻ حاصل ڪري سگهي.
- سبق جي مشق جا جواب پاڻ سمجهي ۽ لکي سگهي.
- سبق جو مرڪزي خيال لکڻ جي صلاحيت پيدا ٿي سگهي.
- سنڌي ادب ۽ هوليءَ بابت معلومات حاصل ڪري سگهي.

امدادي سامان:

- سنڌي ڪتابُ ۷، صفحو نمبر ۱۵ – ۱۸
- بليڪ بورڊ/وائيٽ بورڊ
- سنڌي ڊڪشنري
- فلئش ڪارڊ

پيريڊن جو تعداد:

۳ عدد

سکيا جو طريقو:

شاگردن کان ذهني آمادگيءَ جا جيڪي سوال ڪيا وڃن، استادن کي انهن سوالن جي جوابن ڏيڻ ۾ شاگردن جي رهنمائي ۽ حوصلا افزائي ڪرڻ گهرجي تہ جيئن شاگرد درست جواب ڏيڻ ۾ ڪا بہ ڏکيائي محسوس نہ ڪن. جيڪڏهن ڪو شاگرد غلط جواب ڏئي ٿو تہ ان جي رهنمائي ڪندي ان سوال جو درست جواب ٻڌايو وڃي.

- شاگردن کان آمادگيءَ جا سوال ڪيا ويندا.

- سبق جو اعلان ڪرڻ کان پوءِ، سبق جي بلند خواني ڪئي ويندي، هڪ هڪ عبارت جي آسان ۽ واضع لفظن ۾ وضاحت ڪئي ويندي، ان سان گڏ ڏکين لفظن جي معنيٰ پڻ سمجھائي ويندي. بلند خواني دوران شاگردن جي توجہ سبق طرف ڪرائڻ لاءِ انھن کان مختلف سوال ڪيا ويندا.
- سبق جي بلند خوانيءَ کان پوءِ ڪلاس جي مختلف شاگردن کان ھڪ ھڪ عبارت جي بلند خواني ڪرائي ويندي، غلطين جي صورت ۾ سندن رھنمائي ڪئي ويندي ۽ جيڪي شاگرد بھتر انداز ۾ بلند خواني ڪندا انھن کي شاباس ڏني ويندي.
- سبق جي بلند خواني کان پوءِ ڪلاس جي مختلف شاگردن کان مشڪل لفظن جي معنيٰ پڻ پڇا ڪئي ويندي.
- بورڊ تي مشق جو ڪم لکي مختلف شاگردن کان پڙھايو ويندو. بعد ۾ ڪين ڪاپيءَ ۾ لکڻ جي ھدايت ڪئي ويندي.

سبق جي متعلق ڪجھہ سوال

١. انگريزن جو دور ڪڏھن شروع ٿيو؟
٢. شاھ لطيف جو مبشر ڪنھن کي چيو ويندو آھي؟
٣. حضرت سچل سر مست ڪھڑي دور جو شاعر آھي؟

حل ٿيل مشق

(الف) گھڻ چونڊائتا سوال.

١. ١٠٥٠
٢. عربي
٣. سمن
٤. حقيقت/ سچ
٥. مرثيو

(ب) سوالن جا جواب:

١. سنڌ تي عربن جو دور ٧١٢ع کان شروع ٿيو.
٢. عربن جي دور ۾ عربن جي ڪتابن مان معلوم ٿئي ٿو تہ ھن دور ۾ قرآن پاڪ جو سنڌي زبان ۾ ترجمو ڪيو ويو.
٣. سومرن جي دور جي مشھور لوڪ داستانن جا نالا ھيٺ ڏجن ٿا.
(i) سسئي پنھون (ii) عمر مارئي (iii) ليليٰ چنيسر.
٤. سنڌ تي سمن جو دور ١٣٥٠ع کان شروع ٿيو.
٥. ڪلھوڙن جي دور کي سنڌي ادب جو سونھري دور ان ڪري چيو ويجي ٿو جو ھن دور ۾ اسان کي سنڌي زبان جو عظيم ترين شاعر حضرت شاھ عبداللطيف ڀٽائيؒ ملي ٿو.

(ج) لفظن جي معنيٰ ۽ جملا.

لفظ	معنيٰ	جملا
اُهجاڻ	علامت	موهن جي دڙي مان ڪيترائي اُهجاڻ مليا آهن.
ڳيچ	مہندی یا شادی کے گیت	سومرن جي دور ۾ مائي موركان ڳيچ لكيا.
سورهيائي	بہادری	سنڌ جي سورمن جي سورهيائي هر هنڌ مشهور آهي.
بي باڪي	سچائی	سچل جي شاعريءَ ۾ رندي ۽ بيباڪي جون خوبيون آهن.
رسم الخط	رسم الخط	مخدوم ابوالحسن سنڌي رسم الخط لكي.
ڪافي	شاعری کی ایک قسم	ڪافي جو بادشاهه مصري شاهه كي چيو ويندو آهي.

(د) هينين لفظن جا ضد لكي انهن جا جملا ٺاهيو.

لفظ	ضد	جملا
سخي	ڪنجوس	الله تعاليٰ سخي انسانن كي پسند ڪيو آهي.
نيڪ	بد	نيڪ انسان جي هر هنڌ عزت آهي.
كليل	بند	الله جي مدد جا جا دروازا هر هڪ لاءِ هر وقت كليل آهن.
خوشي	غمي	ڪاميابي حاصل ڪرڻ كان پوءِ انسان كي خوشي ٿئي ٿي.
اميري	غريبي	اميري تي تكبر نه ڪرڻ گهرجي.

سرگرمي

- سبق جي مشق جو ڪم ڪلاس ورڪ ڪاپيءَ ۾ لكرايو ويندو.
- هن سبق ۾ ڪهڙيون نصيحتون سمايل آهن، شاگردن كي ان بابت پنهنجي خيالن جو اظهار ڪرڻ جو موقعو ڏنو ويندو. جنهن شاگرد جو جواب بهتر هوندو ان كي شاباش ڏني ويندي.
- شاگرد اخبارن، رسالن يا ڪتابن مان لطيفا، ڳجهارتون پڙهي ۽ اهي ڪلاس ۾ هڪ بي كي ٻڌائين ۽ ڳجهارتون هڪ ٻئي كان پڇرائن.
- شاگردن كان "سنڌي ادب جي مختصر تاريخ" تي مضمون لكرايو.

سبق ڇهون

وطن جي حب

سکيا جي حاصلات

- سڌ سماءَ جي ذريعن تان سماجي ۽ ثقافتي خبرون، ڊراما ۽ فيچر ٻڌي انهن جا اهم نڪتا سمجهي سگهي.
- نظم جي شروعات، پڄاڻي، حاصل مقصد يا واقعي جي تسلسل کي سمجهي پڙهي سگهي.
- ڊراموڏسي / پڙهي ان جي ڪردارن تي راءِ ڏئي سگهي.
- نظم پڙهي/ٻڌي ان جي فني ۽ فڪري خوبين تي راءِ جو اظهار ڪري سگهي.
- ڊرامي ۾ حصو وٺي پنهنجو ڪردار نروار ڪري سگهي.
- استعاري کي سمجهي جملي ۾ ڪم آڻي سگهي.
- تشبيه جي مفهوم کي سمجهي جملا جوڙي سگهي.

خاص مقصد:

- نَوَن لفظن جي ڄاڻ حاصل ڪري سگهي.
- بيتن جون سمجهاڻيون سمجهي ۽ لکي سگهي.
- نظم جو مرڪزي خيال لکڻ جي صلاحيت پيدا ٿي سگهي.
- بيت ۽ بند جي تعريف سمجهي سگهي.
- ڏکين لفظن جي معنيٰ ۽ مفهوم سمجهي سگهي.

امدادي سامان:

- سنڌي ڪتابُ ۷، صفحو نمبر ۱۹ – ۲۱
- بليڪ بورڊ/وائيٽ بورڊ
- سنڌي ڊڪشنري
- فلئش ڪارڊ

پيريڊن جو تعداد:

۲ عدد

سِکيا جو طريقو:

- شاگردن کان آمادگيءَ جا سوال ڪيا ويندا.
- نظم وطن جي حب جو اعلان ڪرڻ کان پوءِ، نظم لفظن جي درست ادائيگي سان گڏ پڙهيو ويندو. ان سان گڏ ڏکين لفظن

جي معنيٰ پڻ سمجهائي ويندي. بلند خواني دوران شاگردن جي توجہ سبق طرف ڪرائڻ لاءِ انهن کان مختلف سوال ڪيا ويندا.

- نظم جي بلند خواني کان پوءِ ڪلاس جي مختلف شاگردن کان نظم پڙهايو ويندو. لفظن جي درست ادائيگي تي سندن ساراهه ڪئي ويندي ۽ جيڪي شاگرد پڙهڻ دوران لفظن جو اُچار غلط پڙهن، انهن جي ناصحاڻي انداز ۾ رهنمائي ڪئي ويندي.
- نظم جي مشق ۾ لکيل سوالن جا جواب پهرين شاگرد کان پڇا ڪيا ويندا. جيڪي شاگرد درست جواب ڏيندا اهي جواب بورڊ تي لکيا ويندا ۽ درست جواب ٻڌائيندڙ شاگردن کي شاباس ڏني ويندي.
- بورڊ تي مشق جو ڪم لکي مختلف شاگردن کان پڙهايو ويندو. بعد ۾ ڪين ڪاپيءَ ۾ لکڻ جي هدايت ڪئي ويندي.

نظم جي متعلق ڪجهہ سوال

۱. هن نظم ۾ لفظ "سنگهار" جو مطلب ڇا آهي؟

۲. هن نظم ۾ سچل سر مست سنڌ جي ڪهڙي مشهور لوڪ داستان جو ذڪر ڪيو آهي؟

۳. حضرت سچل سر مست شاعريءَ ۾ ڪهڙا تخلص استعمال ڪيا آهن؟

شاعر جو تعارف

سچل سرمست جي پيدائش ۱۷۳۹ع ۾ اڳوٽي خيرپور رياست جي ننڍي ڳوٺ درازا ۾ هڪ مذهبي گهراڻي ۾ ٿي. ان جو اصل نالو عبدالوهاب هيو. پر سندس سچائيءَ جي صفت کي ڏسندي ماڻهو کيس سچل يعني سچ ڳالهائڻ وارو چوڻ لڳا. سچل سر مست جي والد جو نالو ميان صلاح الدين ۽ ڏاڏي جو نالو صاحب ڏنو فاروقي هو. سنڌي شاعريءَ ۾ سندس تخلص سچل، سچو ۽ سچي ڏنو آهي ۽ فارسيءَ ۾ آشڪارا آهي. سندس نسب جو سلسلو حضرت عمر رضي الله تعاليٰ سان ملي ٿو. سچل سرمست سنڌي ٻوليءَ کان علاوه عربي، سرائيڪي، پنجابي، اردو، فارسي ۽ بلوچي ٻولين ۾ پڻ شاعري ڪئي آهي، جنهن سبب کيس هفت زبان شاعر بہ سڏيندا آهن. سچل جو ڪلام بيباڪيءَ جو آئينو آهي. رندي ۽ مستيءَ سان پريل آهي، سچل سر مست قرآن پاڪ جو حافظ هو ۽ ان کان سواءِ عربي ۽ فارسيءَ جو عالم هو. سندس حياتيءَ ۾ درگاهہ تي سماع ٿيندو هو. سچل سرمست کي پنهنجي دور جو منصور ثاني سڏيو ويو آهي.

سچل سر مست ۱۴ رمضان المبارڪ ۱۸۲۹ع ۾ هن فاني دنيا مان رحلت ڪري ويو. سچل سرمست جي وفات وقت عمر ۹۰ سال هئي. سچل سرمست جو عُرس هر سال ۱۳ رمضان تي شروع ٿيندو آهي. ٽن ڏينهن جو عُرس درازا شريف، راڻيپور پرسان شروع ٿيندو ۽ ۱۵ رمضان تائين جاري رهندو آهي.

حل ٿيل مشق

(الف) هيٺ ڏنل مصرعہ مڪمل ڪريو.

۱. اَجڙ وار

۲. ويڑا

۳. اڄ پنهوار

۴. مُور

۵. مارئين

(ب) سوالن جا جواب:

۱. هنن بيتن جي شاعر جو نالو حضرت سچل سر مست آهي.

۲. پهرئين بيت ۾شاعر عمر مارئي جي داستان جي وضاحت بيان ڪندي لکيو آهي ته مارئيءَ عمر ڪوٽ ۾ قيد پنهنجن کان پري زندگي جو گهڻو عرصو گذاريڻ کان پوءِ چيو ته مون کي مارونئڙن جي ڏاڍي سيک ستايو آهي، انهن به مون کي ياد ناهي ڪيو پائيان ٿي ته هو منهنجي ڳولا ڪندي اڳتي هليا ويا آهن. هو جتي به آهن پر سک جي زندگي هو به نه گذارينداهوندا. مون کي جن جي ياد ستايو آهي اڄ اهي مارونئڙا مون کان پري آهن.

۳. هن بيت ۾ حضرت سچل سرمست لکي ٿو ته مارئي جي ماروئڙن ان جي سار به نه لڌي ته هوءَ جيئري آهي يا نه. اهڙي صورت ۾ مارئي اهو ويچار ڪيو ته لڳي ٿو مون کي ماروئڙن وساري ڇڏيو آهي. پر مون کي منهنجا ماروئڙا اڄ به ياد آهن.

۴. هنن بيتن مان مون کي پهريون بيت تمام گهڻو پسند آهي ڇا ڪاڻ ته هن بيت ۾ مارئي پنهنجي ماروئڙن جي ياد ۾ کين سِڪ ۽ محبت منجهان ياد ڪري رهي آهي.

۵. هنن بيتن ۾ حضرت سچل سر مست سنڌ جي مشهور لوڪ داستان عمر مارئي بابت لکيو آهي ته جڏهن مارئيءَ کي عمر سومري عمر ڪوٽ ۾ قيد ڪيو ته ان وقت مارئي عمر پاران مليل آسائش کي ٺڏي صرف ۽ صرف پنهنجي اباڻن ڪکن ۽ ماروئڙن کي سارينديرهي. ان جدائيءَ ۾ جيڪڏهن مارئيءَ کي غم ۽ صدمو هو ته اهو پنهنجن جي جدائيءَ جو هو. سندس اها خواهش هئي ته آءُ پنهنجي ماروئڙن سان ملي خوشي ماڻيندس. نيٺ عمر سومري ان جي خواهش پوري ڪئي ۽ پنهنجي ديس ماروئڙن وٽ ڇڏي آيو.

(ج) هيٺين لفظن جي معنيٰ لکي جملا ٺاهيو.

لفظ	معنيٰ	جملا
پکڑا	مکانات	وطن جا پکڑا ۾ انسان لاءِ تمام گهڻي اهميت رکن ٿا.
لَکَ	راستے	پاڪستان جا ڪيترا ئي لک ويران ۽ سنسان آهن.
شال	کاش	شال! اسان کي به حج جي سعادت نصيب ٿئي.
اباڻا	آباؤاجداد	احمد جا اباڻا ڪراچي شهر ۾ رهندا هئا.
خواب	خواب	مون کي خواب ۾ جنت جي زيارت نصيب ٿي.

OXFORD UNIVERSITY PRESS

سرگرمي

- نظم جي خوشخطي ڪلاس ورڪ ڪاپيءَ ۾ لکرائي ويندي.
- ڪلاس جي شاگردن کان نظم جي بلند خواني ڪرائي ويندي. بهتر انداز ۾ بلند خواني ڪرڻ بابت شاگردن ۾ مقابلو ڪرايو ويندو.
- هن نظم ۾ ڪهڙي نصيحت سمايل آهي، شاگردن کي ان بابت پنهنجي خيالن جو اظهار ڪرڻ جو موقعو ڏنو ويندو. جنهن شاگرد جو جواب بهتر هوندو ان کي شاباش ڏني ويندي.
- اسڪول جي لائبريري مان يا گوگل تان ٻگولا ڪري سچل سر مست جا ڪي به پنج بيت لکي ايندا.
- اخبار، رسالي يا ڪنهن به درسي ڪتاب مان قومي نغمو پنهنجي ڪاپيءَ ۾ لکي ايندا.
- وطن جي حب سان لاڳاپيل ڪو به ڊرامو، ڪهاڻي يا ڪو واقعو ڏسي يا ٻڌي ان جي خاص ڪردارن ۽ خاص ٻالهين کي هڪ عبارت جي صورت ۾ لکي قومي ڏينهن يا اسڪول ۾ ٿيندڙ ڪنهن خاص تقريب ۾ اها عبارت سڀني شاگردن آڏو هڪ تقرير جي صورت ۾ پڙهي ٻڌايو.

سبق ستون

تحريڪ پاڪستان ۾ سنڌ

سکيا جي حاصلات

- مقرر يا ليکڪ جي مقصد کي پنهنجن لفظن ۾ بيان ڪري سگهي.
- ڏنل موضوع تي معلومات گڏ ڪري تن منٽن تائين خيالن جو اظهار (تقرير) ڪري سگهي.
- پنهنجي لکٹيءَ کي با معنيٰ بنائڻ لاءِ محاورن، چوڻين ۽ شعرن جو موقعي مهل سان استعمال ڪري سگهي.
- پنهنجي احساسن ۽ جذبن جو اظهار شعر جي صورت ۾ لکي سگهي.
- ڪهاڻي، ڊرامي ۽ واقعي کي پڙهي، ان جي ڪردارن بابت پنهنجي راءِ جو اظهار ڪري سگهي.

خاص مقصد:

- نَوَن لفظن جي ڄاڻ حاصل ڪري سگهي.
- سبق جي مشق جا جواب پاڻ سمجهي ۽ لکي سگهي.
- سبق جو مرڪزي خيال لکڻ جي صلاحيت پيدا ٿي سگهي.
- ڪنايو جي وصف سمجهي سگهي.

امدادي سامان:

- سنڌي ڪتابُ ۷، صفحو نمبر ۲۲ – ۲۵
- بليڪ بورڊ/وائيٽ بورڊ
- سنڌي ڊڪشنري
- فلئش ڪارڊ

پيريڊن جو تعداد:

۳ عدد

سکيا جو طريقو:

- شاگردن کان ذهني آمادگيءَ جا جيڪي سوال ڪيا وڃن، استادن کي انهن سوالن جي جوابن ڏيڻ ۾ شاگردن جي رهنمائي ۽ حوصلا افزائي ڪرڻ گهرجي تہ جيئن شاگرد درست جواب ڏيڻ ۾ ڪا بہ ڏکيائي محسوس نہ ڪن. جيڪڏهن ڪو شاگرد غلط جواب ڏئي تہ تہ ان جي رهنمائي ڪندي ان سوال جو درست جواب ٻڌايو وڃي.
- شاگردن کان آمادگيءَ جا سوال ڪيا ويندا.
- سبق جو اعلان ڪرڻ کان پوءِ، سبق جي بلند خواني ڪئي ويندي، هڪ هڪ عبارت جي آسان ۽ واضع لفظن ۾ وضاحت ڪئي ويندي، ان سان گڏ ڏکين لفظن جي معنيٰ پڻ سمجهائي ويندي. بلند خواني دوران شاگردن جي توجہ سبق طرف

ڪرائڻ لاءِ انهن کان مختلف سوال ڪيا ويندا.

- سبق جي بلند خوانيءَ کان پوءِ ڪلاس جي مختلف شاگردن کان هڪ هڪ عبارت جي بلند خواني ڪرائي ويندي، غلطين جي صورت ۾ سندن رهنمائي ڪئي ويندي ۽ جيڪي شاگرد بهتر انداز ۾ بلند خواني ڪندا انهن کي شاباس ڏني ويندي.
- سبق جي بلند خواني کان پوءِ ڪلاس جي مختلف شاگردن کان مشڪل لفظن جي معنيٰ پڻ پڇا ڪئي ويندي.
- بورڊ تي مشق جو ڪم لکي مختلف شاگردن کان پڙهايو ويندو. بعد ۾ ڪين ڪاپيءَ ۾ لکڻ جي هدايت ڪئي ويندي.

سبق جي متعلق ڪجهه سوال

١. سنڌ جي قانون ساز اسيمبليءَ پاڪستان جو نهراءُ ڪڏهن پاس ڪيو؟
٢. سنڌ جي قانون ساز اسيمبليءَ ۾ پاڪستان جو نهراءُ ڪنهن پيش ڪيو؟
٣. سنڌ اسٽوڊنٽس فيڊريشن جي نئين سِر تنظيم ڪڏهن جوڙي وئي؟

حل ٿيل مشق

(الف) گهڻ چونڊائتا سوال.

١. ١٩٣٨ع ۾
٢. ٣ مارچ
٣. نهراءُ
٤. هندستان مان
٥. سنڌ

(ب) سوالن جا جواب:

١. سنڌ ۾ صوبائي مسلم ليگ جو قيام ١٩٣٨ع ۾ عمل آيو.
٢. مسلم ليگ سنڌ جي شاخ جو پهريون صدر شيخ عبدالمجيد سنڌي هو.
٣. ٣ مارچ ١٩٤٣ع تي سنڌ جي قانون ساز اسيمبليءَ ۾ پاڪستان جو نهراءُ منظور ٿيڻ وقت جيڪي ميمبر شريڪ هئا انهن ۾ محترم جي ايم سيد، شيخ عبدالمجيد سنڌي، امام بخش خان تالپر، ميير محمد تالپر، غلام حسين هدايت الله، غلام مرتضيٰ شاهه، هوتچند هيرانند، پير الاهي بخش، جان محمد جوٽيجو، محمد ايوب کهڙو ۽ ٻيا شامل هئا.
٤. پاڪستان قائم ٿيڻ کان پوءِ هندستان مان لڏي آيل مسلمانن جي وڏي انگ کي سنڌ جي مسلمانن پليڪار ڪندي جيءَ ۾ جاءِ ڏني ۽ مهمان نوازيءَ جو هڪ بي مثال ثبوت پيش ڪيو. جنهن کان پوءِ اهي سنڌ جي شهرن توڙي ڳوٺن ۾ آباد ٿيا.
٥. پاڪستان تحريڪ ۾ سنڌ جي سنڌي شاگردن جي سرگرم تحريڪ جو نالو سنڌ مسلم اسٽوڊنٽس فيڊريشن هو.

(ج) هيٺين لفظن جي معنيٰ لکي جملا ٺاهيو.

لفظ	معنيٰ	جملا
محال	مشکل	آزاديءَ کان سواءِ قوم جو جيئڻ محال آهي.
چوٽڪارو	نجات	سنڌ جي مسلمانن ۱۹۴۷ع ۾ انگريزن کان چوٽڪارو حاصل ڪيو.
بغاوت	بغاوت	سنڌ جي مسلمانن انگريزن خلاف بغاوت جو اعلان ڪيو.
بيداري	خبرداری/ہوشیاری	تحريڪ ذريعي مسلمانن ۾ بيداري آئي.
ٺهراءُ	قرارداد	سنڌ جي مسلمانن پاڪستان جو ٺهراءُ پيش ڪيو.

(د) واحد جمع ٺاهڻ جا طريقا.

واحد	جمع
شهرتَ	شهرتون
فطرتَ	فطرتون
قسمتَ	قسمتون
عظمتَ	عظمتون
حرمتَ	حرمتون
تهمتَ	تهمتون

ڪنايو

(i) احمد جي چُلهِ ۾ ٿي ٻري.

سرگرمي

- سبق جي مشق جو ڪم ڪلاس ورڪ ڪاپيءَ ۾ لکرايو ويندو.
- هن سبق ۾ ڪهڙيون خاص ڳالهيون آهن، شاگردن کي ان بابت پنهنجي خيالن جو اظهار ڪرڻ جو موقعو ڏنو ويندو. جنهن شاگردن جو جواب بهتر هوندو ان کي شاباش ڏني ويندي.
- شاگرد اخبارن، رسالن يا ڪتابن مان لطيفا، ڳجهارتون پڙهي ۽ اهي ڪلاس ۾ هڪ ٻي کي ٻڌائين ۽ ڳجهارتون هڪ ٻئي کان پڇرائن.
- تحريڪ پاڪستان جي عنوان تي تقرير اهڙيءَ ريت لکو جنهن ۾ مثال، چوٽيون، تشبيه، استعارا ۽ اصطلاح موجود هجن. اها تقرير پاڪستان جي قومي ڏينهن تي جوش ۽ جذبي سان پڙهو.
- تحريڪ پاڪستان بابت ڪنهن مشهور تقرير ڪرڻ واري جي تقرير ٻڌي ۽ سمجهي اوهان به تقرير لکو. اها پنهنجي والدين ۽ استادن کي ٻڌائي ان جون خاميون دور ڪري ڪنهن موقعي تي بهتر انداز ۾ تقريري مقابلي ۾ حصو ونڊي تقرير ڪريو.

سبق اٹون

تعليم ۽ تربيت

سکيا جي حاصلات

- روزمرھ جي ڪار وھنوار ۾ ڪيل گفتگو ٻڌي، سمجھي ان جو نتيجو ڪڍي سگھي.
- فعل ۽ ان جا قسم (لازمي ۽ متعدي) سمجھي جملا ٺاھي سگھي.
- ترڪيبن بابت اشارن، ھدايتن ۽ نشانين کي سمجھي ۽ عمل ڪري سگھي.
- عملي زندگيءَ ۾ مثبت روين، برداشت، سھپ، امن، پائيچارو، رواداري ۽ مذھبي ھم آھنگي جو اظھار ڪري سگھي.

خاص مقصد:

- نَوَن لفظن جي ڄاڻ حاصل ڪري سگھي.
- سبق جي مشق جا جواب پاڻ سمجھي ۽ لکي سگھي.
- سبق جو مرڪزي خيال لکڻ جي صلاحيت پيدا ٿي سگھي.
- پاڻ ۾ سٹا ڳڻ پيدا ڪري سگھي.

امدادي سامان:

- سنڌي ڪتابُ ۷، صفحو نمبر ۲۶ – ۲۹
- بليڪ بورڊ/وائيٽ بورڊ
- سنڌي ڊڪشنري
- فلئش ڪارڊ

پيريڊن جو تعداد:

۳ عدد

سکيا جو طريقو:

- شاگردن کان ذھني آمادگيءَ جا جيڪي سوال ڪيا ويڻ، استادن کي انھن سوالن جي جوابن ڏيڻ ۾ شاگردن جي رھنمائي ۽ حوصلا افزائي ڪرڻ گھرجي تہ جيئن شاگرد درست جواب ڏيڻ ۾ ڪا بہ ڏکيائي محسوس نہ ڪن. جيڪڏھن ڪو شاگرد غلط جواب ڏئي ٿو تہ ان جي رھنمائي ڪندي ان سوال جو درست جواب ٻڌايو وڃي.
- شاگردن کان آمادگيءَ جا سوال ڪيا ويندا.
- سبق جو اعلان ڪرڻ کان پوءِ، سبق جي بلند خواني ڪئي ويندي، ھڪ ھڪ عبارت جي آسان ۽ واضع لفظن ۾ وضاحت ڪئي ويندي، ان سان گڏ ڏکين لفظن جي معنيٰ پڻ سمجھائي ويندي. بلند خواني دوران شاگردن جي توجہ سبق طرف

ڪرائڻ لاءِ انهن کان مختلف سوال ڪيا ويندا.

- سبق جي بلند خوانيءَ کان پوءِ ڪلاس جي مختلف شاگردن کان هڪ هڪ عبارت جي بلند خواني ڪرائي ويندي. غلطين جي صورت ۾ سندن رهنمائي ڪئي ويندي ۽ جيڪي شاگرد بهتر انداز ۾ بلند خواني ڪندا انهن کي شاباس ڏني ويندي.
- سبق جي بلند خواني کان پوءِ ڪلاس جي مختلف شاگردن کان مشڪل لفظن جي معنيٰ پڙ پڇا ڪئي ويندي.
- بورڊ تي مشق جو ڪم لکي مختلف شاگردن کان پڙهايو ويندو. بعد ۾ ڪين ڪاپيءَ ۾ لکڻ جي هدايت ڪئي ويندي.

سبق جي متعلق ڪجهه سوال

١. هڪ سڻي شاگرد جون ڪهڙيون خوبيون آهن؟
٢. تعليم ۽ تربيت ۾ ڪهڙو فرق آهي؟
٣. تعليم حاصل ڪرڻ جو ضروري آهي؟

حل ٿيل مشق

(الف) گهڙ چونڊائتا سوال.

١. اولاد
٢. استاد
٣. چوويهه هزار
٤. انسانيت
٥. ڏاڻءُ

(ب) سوالن جا جواب:

١. تعليم حاصل ڪري انسان علم جي زيور سان پنهنجي زندگيءَ ۾ ڪاميابيءَ جو ڏيئو روشن ڪري ٿو ۽ تربيت سان هڪ مڪمل انسان ۽ ڪامياب شخصيت بنجڻ ۾ اهم ڪردار ادا ڪري ٿو.
٢. ٻارن جي بهتر تربيت ڪرڻ ۾ والدين ۽ استادن جو اهم ڪردار آهي.
٣. پراڻي دور ۾ تعليم عام نه هئي. تعليم حاصل ڪرڻ لاءِ ڪشالا ڪيڏا پوندا هئا. جدوجهد ڪرڻي پوندي هئي. اعليٰ تعليم حاصل ڪرڻ هڪ مشڪل ڪان مشڪل عمل هو پر تربيت عام هئي اوطاقن، واٽهڻن، گهرن، دڪانن، ڪچهرين جي ميڙاڪن ۾ هر جاءِ نوجوان نسل لاءِ آکاڻين، ڪجهارتن، قصن، ڪهاڻين، گيتن، لطيفن ۽ شاعريءَ جي صورت ۾ نصيحت جو عمل عام جام هو ۽ نوجوان نسل به ان نصيحت تي عمل ڪرڻ جو جذبو رکندو هو. نوجوان پنهنجي وڏڻن ۽ بزرگن جي ٻڌايل ڳالهين تي عمل ڪرڻ ۾ فخر محسوس ڪندا هئا. جنهن ڪري ان دور جي انسانن ۾ محبت، همدردي، وفاداري ۽ رشتن جي شناس تمام گهڻي عام هئي.
٤. خالق ڪائنات تعليم ۽ تربيت مان سڀ کان وڌيڪ فوقيت تربيت کي ڏني آهي.

۵. ٻارن جي بهتر تربيت لاءِ انهن جي دل ۾ انسانيت جي خدمت ڪرڻ، انهن ۾ انسان ذات جي ڀلائي ۽ انهن جي مشڪل وقت ۾ مدد ڪرڻ جو جذبو پيدا ڪرڻ جي تربيت ڪرڻ گهرجي. ان ۾ ئي سڀن جي بهتري آهي. ائين ڪرڻ سان ئي نوجوانن ۾ انسانيت پيدا ٿيندي. مطلب ته پنهنجي اولاد کي پهريون هڪ سٺو انسان بڻائجي، ان ۾ انسانيت پيدا ڪرڻ جي هر ممڪن ڪوشش ڪجي پوءِ هو اعليٰ تعليم حاصل ڪري هڪ سٺو انجنيئر، ڊاڪٽر، جج، وڪيل، سائنسدان يا ٻيو ڪجهه ثابت ٿي سگهي ٿو.

(ج) هيٺين لفظن جي معنيٰ لکي جملا ٺاهيو.

لفظ	معنيٰ	جملا
ڪشالا	جتن	انسان ڪاميابي حاصل ڪرڻ لاءِ ڪشالا ڪڍي ٿو.
شناس	اخلاق	بزرگن سان ڳالهائڻ جي به شناس هجڻ گهرجي.
واٽهڙن	مسافر	واٽهڙن کي پاڻي پيارڻ ثواب جو ڪم آهي.
ڏاڻُ	شعور	انسان ۾ زندگي گذارڻ جو ڏاڻُ هجڻ ضروري آهي.
جڙ	جڑ	اسان کي گهرجي ته براين جو جڙ کان خاتمو آڻيون.
سيرت	اخلاق	صورت ڪهڙي به هجي پر سيرت سهڻي هجڻ گهرجي.

سرگرمي

- سبق جي مشق جو ڪم ڪلاس ورڪ ڪاپيءَ ۾ لکرايو ويندو.
- هن سبق ۾ ڪهڙيون خاص ڳالهيون آهن، شاگردن کي ان بابت پنهنجي خيالن جو اظهار ڪرڻ جو موقعو ڏنو ويندو. جنهن شاگرد جو جواب بهتر هوندو ان کي شاباش ڏني ويندي.
- شاگردن کان صحت جي ڪارگر اصولن تي مشتمل چارٽ تيار ڪرائي ڪلاس جي سافٽ بورڊ تي لڳرايو.
- اوهان پنهنجي والدين سان گڏ خريداريءَ لاءِ وڃي والد ۽ دڪاندار جي ڀاڙ ۾ گفتگو تي غور ويچار ڪريو. جيڪا سامان جي خريداريءَ بابت رسيد دڪاندار ٺاهي ڏي اها گهر اچي ڀاڙ ٺاهڻ جي ڪوشش ڪريو ۽ ڪلاس جا شاگرد ان گفتگو ۽ رسيد تي غور ويچار ڪريو.
- ٽرئفڪ پوليس جي ويب سائيٽ تي وڃو ۽ ڪن به پنجن ٽريفڪ اشارن، هدايتن ۽ نشانين کي سمجهي ۽ انهن جو مطلب ڪاپيءَ ۾ لکو.

سبق نائون

سُر سُريراڳ

سکيا جي حاصلات

- تقريرون، هدايتون، اشتهارِ اعلان ٻڌي انهن جو تجزيو ڪري سگهي.
- اسڪول جي سطح تي ٿيندڙ مذاڪرن ۾ تياري ڪري حصو وٺي سگهي.
- پنهنجي تقرير ۾ محاورن، چوٽين ۽ شعرن جو موقعي محل موجب استعمال ڪري سگهي.
- درست اُچار، مناسب لهجي، تاثرات ۽ اعتماد سان تقرير ڪري سگهي.
- شاهه عبداللطيف ڀٽائيؒ جي شاعريءَ بابت تقريرِ ۽ مذاڪري ۾ حصو وٺي سگهي.
- شاهه عبداللطيف ڀٽائيؒ جي شاعريءَ بابت مضمون لکي سگهي.

خاص مقصد:

- نَوَن لفظن جي ڄاڻ حاصل ڪري سگهي.
- بيتن جون سمجهاڻيون سمجهي ۽ لکي سگهي.
- نظم جو مرڪزي خيال لکڻ جي صلاحيت پيدا ٿي سگهي.
- بيت ۽ بند جي تعريف سمجهي سگهي.
- ڏکين لفظن جي معنيٰ ۽ مفهوم سمجهي سگهي.

امدادي سامان:

- سنڌي ڪتابُ ۷، صفحو نمبر ۳۰ – ۳۲
- بليڪ بورڊ/وائيٽ بورڊ
- سنڌي ڊڪشنري
- فلئش ڪارڊ

پيريڊن جو تعداد:

۲ عدد

سِکيا جو طريقو:

- شاگردن کان آمادگيءَ جا سوال ڪيا ويندا.
- نظم سُر سريراڳ جو اعلان ڪرڻ کان پوءِ، نظم لفظن جي درست ادائيگي سان گڏ پڙهيو ويندو. ان سان گڏ ڏکين لفظن جي معنيٰ پڻ سمجهائي ويندي. بلند خواني دوران شاگردن جي توجه نظم طرف ڪرائڻ لاءِ انهن کان مختلف سوال ڪيا ويندا.

- نظم جي بلند خواني کان پوءِ ڪلاس جي مختلف شاگردن کان نظم پڙهايو ويندو. لفظن جي درست ادائيگي تي سندن ساراهه ڪئي ويندي ۽ جيڪي شاگرد پڙهڻ دوران لفظن جو اُچار غلط پڙهن، انهن جي ناصحاڻي انداز ۾ رهنمائي ڪئي ويندي.
- نظم جي مشق ۾ لکيل سوالن جا جواب پهرين شاگردن کان پڇا ڪيا ويندا، جيڪي شاگرد درست جواب ڏيندا اهي جواب بورڊ تي لکيا ويندا ۽ درست جواب ٻڌائيندڙ شاگردن کي شاباس ڏني ويندي.
- بورڊ تي مشق جو ڪم لکي مختلف شاگردن کان پڙهايو ويندو. بعد ۾ ڪين ڪاپيءَ ۾ لکڻ جي هدايت ڪئي ويندي.

نظم جي متعلق ڪجهه سوال

١. شاهه جو رسالو ۾ ڪيترا سُر آهن؟
٢. لفظ "سُريراڳ" جو مطلب ڇا آهي؟
٣. وائي ۽ ڪافي ۾ ڪهڙو فرق آهي؟

شاعر جو تعارف

سنڌي ٻوليءَ جو عظيم شاعر حضرت شاه عبداللطيف ڀٽائيؒ ١١٠٢ هجري مطابق ١٦٨٩ عيسوي ۾ جنم ورتو. سندس والد جو نالو سيد حبيب شاه آهي. شاه عبداللطيف ڀٽائيؒ سنڌي ڪلاسيڪي شاعريءَ جو اهو سدا حيات شاعر آهي، جيڪو ڪنهن به تعارف جو محتاج نه آهي. شاهه صاحب نه صرف سنڌ، پاڪستان بلڪ دنيا جو تمام وڏو عالم، شاعر، مدبر ۽ مفڪر هو. سندس ڪلام، فڪر ۽ فن، زبان ۽ ادب جي ڪيترين ئي خوبين سان مالا مال آهي. سندس ڪلام جي ڪتاب جو نالو "شاه جو رسالو" آهي. شاه جو رسالو ۾ "تيه سُر" آهن. شاهه صاحب جي ڪلام ۾ سنڌ جي ثقافت، ٻولي ۽ تاريخ جو املهه خزانو توڙي سياسي، سماجي ۽ معاشي حالتن جو عڪس موجود آهي. شاهه صاحب پنهنجي ڪلام ذريعي انسان ذات کي محبت، پائيچاري، امن، ايڪي، سِڪَ، پريت، محنت، جدوجهد، ديانتداري، اعليٰ انساني ۽ اخلاقي قدرن جو پيغام ڏنو ۽ ڏاڍ، ڏهڪاءُ، ظلم، ناانصافي، ڪوڙ ڪُپت، دغا، دوکي، مڪر ۽ فريب جي مخالفت ڪئي آهي. سندس زندگي، اسلام جي اعليٰ اصولن ۽ قدرن جو نمونو رهي آهي. شاه عبداللطيف ڀٽائيؒ سان زندگيءَ ۾ اڪثر ٿي ڪتاب گڏ هوندا هئا. انهن ڪتابن ۾ قرآن شريف، مثنوي مولانا روم ۽ شاهه ڪريم جي شاعريءَ جو ڪتاب شامل هئا. شاه عبداللطيف ڀٽائيؒ ١٤ صفر ١١٦٥ هجري مطابق ١٧٥٢ عيسوي ۾ وفات ڪري ويو.

حل ٿيل مشق

(الف) هيٺ ڏنل مصرعه مڪمل ڪريو.

١. ڪمي ڪانه
٢. سَلامُ

٣. جُڙيئي مالُ

٤. سمنڊ

٥. لائون مان لهرن

(ب) سوالن جا جواب:

١. هي بيت شاهه جو رسالو جي "سُر سُريراڳ" مان ورتل آهي.

٢. هن بيت ۾ شاعر لکي ٿو ته جيڪي ڪجهه به هن دنيا ۾ آهي، اي رب ڪريم اهو سڀ ڪجهه تنهنجي ئي آڌار تي هلي رهيو آهي. منهنجا رب تو وٽ ٻاجهه جي بلڪل ڪمي نه آهي. مان گنهگار بندو آهيان، سزا جو مستحق آهيان. اي منهنجا رب تون ڪرم ڪر ۽ منهنجي مٿان ٻاجهه ڪر.

٣. هن بيت ۾ حضرت شاهه عبداللطيف ڀٽائيؒ لکي ٿو ته جن پوڄارين سمنڊ جي سيوا ڪئي سي ئي مالا مال ٿي ويا، اهي سمنڊ جي تهه مان جواهرن جون ستڀيون هٿ ڪري ٻاهر نڪري آيا. انهن سمنڊ جي لهرن مان اهڙا لال ڳولي لڌا جن جو اڳهه به ڳرو بلڪ بي حد وڌيڪ آهي.

٤. شاهه جو رسالو ۾ ٣٠ سُر آهن.

٥. هنن بيتن ۾ حضرت شاهه عبداللطيف ڀٽائيؒ اهو پيغام ڏنو آهي ته هي دنيا فاني آهي، هتي هميشه ڪو به نه رهندو ان ڪري جيڪي پنهنجي عملي زندگيءَ ۾ رب کي ريجهائن ٿا انهن جي دنيا ۽ آخرت ڪامياب ٿئي ٿي. شاعر هيرن جو مثال پيش ڪندي لکي ٿو ته جيڪي سمنڊ جي لهرن مان لال هيرا ڳولڻ لاءِ جدوجهد ڪن ٿا الله انهن جي محنت به ضايع ناهي ڪندو پر جيڪڏهن ان حقيقي مالڪ کي راضي ڪرڻ لاءِ ان جي بندگي ڪجي ته پوءَ ٻيڙا پار آهن، اهي انسان جن راتيون جاڳي پنهنجي رب کي ريجهايو آهي انهن دنيا ۾ به الله کي راضي ڪيو آهي.

(ج) لفظن جي معنيٰ جملا.

لفظ	معنيٰ	جملا
تاريءَ	سہارہ	هيءَ زندگي رب جي تاريءَ گذري رهي آهي.
ڪوڙين	کروڑوں	الله جي قدرت ۽ عظمت کي ڪوڙين سلام پيش ڪيون ٿا.
آڳهَ	آگے	بزرگن آڳهَ نه اچڻ گهرجي.
سيوا	خدمت	اسان کي پنهنجن والدين جي سيوا ڪرڻ گهرجي.
پُرِ	مکان/جگہ	محنت ڪندڙ انسان کي پُرَ ملي ويندي آهي.
عميق	گہرا/سمندر	انسان عميق مان هيرا لال ڳولي لڌا.

OXFORD UNIVERSITY PRESS

(د) لفظن جا ضد لکو.

لفظ	ضد	لفظ	ضد
سڃو	اڌ	آخر	اول
مالڪ	نوڪر	گوڙُ	سانت/خاموشي
تعريف	برائي / گلا	اُڇا	سادا
مردُ	عورت	پرپرو	اڇپرو

(هـ) شاھ عبداللطيف ڀٽائيؒ جي شاعري ۾ ان جي شخصيت تي هڪ مضمون پنهنجي ڪاپيءَ ۾ لکندا.

سنڌ جي سونهاري سرزمين تي ڪيترائي الله لوڪ بزرگ، درويش، ولي، شاعر ۽ دانشور پيدا ٿيا. انهن ۾ شاھ عبداللطيف ڀٽائيؒ جو نالو پنهنجي مثال پاڻ آهي. جيڪو نه صرف صوفي بزرگ هو پر سنڌي ٻولي جو عظيم ترين شاعر پڻ هو. شاھ عبداللطيف ڀٽائي سن ١٦٨٩ع مطابق ١١٠٢ هجري ۾ حيدرآباد ضلعي جي هاڻوڪي تنڊي آدم تعلقي جي هڪ ڳوٺ هالا حويلي ۾ ڄائو هو. شاھ عبداللطيف حبيب شاھ جو فرزند، عبدالقدوس شاھ جو پوٽو، جمال شاھ جو پڙپوٽو ۽ شاھ عبدالڪريم بلڙي واري جو تڙ پوٽو هو. شاھ صاحب تاجيءَ پيٽي سيد هو. سندس والده ڏيرن فقيرن منجهان هئي. سندن ڳوٺ ڀٽ ڪان ٿوروئي پنڌ تي آهي، ايان تائين ان ڳوٺ ۾ شاھ جا ڪندا نالي ديھ آهي.

ننڍي ڪنڊ جي عظيم بزرگ ۽ صوفي شاعر حضرت شاھ عبداللطيف ڀٽائي رحہ جي ڏنل تعليم اڄ بہ اسان لاءِ مشعل راھ آهي، سندس صوفياڻو ڪلام سنڌ ڏرتيءَ جي ثقافت ۽ تهذيب کي اجاگر ڪندو آهي. سندس تعليم ۾ محبت، اخوت، امن ۽ پائيچاري جو درس ملي ٿو جيڪو هميشہ قائم ۽ دائم رهندو. هُن زندگيءَ جي هر شعبي سان تعلق رکندڙ ماڻهن جو سماجي ۽ معاشي جائزو ورتو. پنهنجي شاعري ۾ ان جو احوال ان انداز ۾ پيش ڪيو تہ قومن کي پنهنجي سڌاري لاءِ صحيح رستو ڳولڻ ۾ گهڻي مدد ملي، سندس ڪلام جي آفاقيت جو سبب ڪان اهم سبب سندس انداز بيان آهي، جيڪو اڄ بہ سڄي دُنيا ۾ سندس ڪلام پنهنجي ٻنل خوشبوءَ سان معطر ڪري رهيو آهي. هن پنهنجي روحانيت کي شاعري ذريعي عوام ڏانهن منتقل ڪيو. ان مقصد لاءِ هو روزانو عشاءِ جي نماز ڪانپوءِ محفل سماع منعقد ڪندو هو جيڪا فجر جي اذان ڪان اڳ تائين جاري رهندي هئي، ان دوران هو پنهنجو ڪلام پيش ڪندو هو ۽ شرڪت ڪندڙن سان تنبوري سان گڏ پنهنجو ڪلام ٻڌندو هو. پريشانين ۾ مبتلا ماڻهو سڄي رات سندس صوفياڻن ڪلامن مان سڪون قلب حاصل ڪندا هئا. وٽس قرآن ڪريم، مثنوي مولانا رومي ۽ رسالو شاھ ڪريم هر وقت موجود رهندا هئا، انهن ٿنهي ڪتابن جي فلسفي ۽ فڪر، حديث، فقہ، تصوف، وحدانيت ۽ وقت جا سمورا رواجي ڪلام سندس شاعري جو حصو هئا. هو پنهنجي زماني جي سماجي معاشي، سياسي، مذهبي تاريخي، تهذيب ۽ ثقافت جي علم تي مڪمل عبور رکندو هو هو نہ رُڳو سنڌ پر پاڪ ۽ هنڌ ننڍي ڪنڊ جي تاريخ ۽ تمدن تي بہ گهري نظر رکندو هو. موسيقي جو علم بہ جاڻندو هو. سندس ڪلام جو وڏو حصو موسيقي جي سرن تي ٻڌل آهي.

شاھ عبداللطيف جو هتي اعليٰ خيال آهي، جذبو ۽ احساس آهي مشاهدو ۽ مطالعو آهي، هو لفظن جو بادشاھ ۽ آهي، گڏ ئي هو ڪلام ۾ سر ۽ سنگيت يا موسيقي سان هم آهنگ ڪرڻ جو خوبصورت فن ۽ رکندو هو. اهو ئي سبب آهي. جو سندس شاعري دل ۽ دماغ تي پنهنجو اثر ڏيکاريندي آهي تہ ٻڌندڙ سندس عاشق ٿي ويندو آهي، سندس شاعري ۾ خالص عوامي ٻولي موجود آهي، ان ۾ تشبيهون ۽ هڪ لفظ ۾ ڪيترين ئي معنائون هجڻ جي خصوصيت موجود آهي. جنهن سنڌي ٻولي کي مالا مال ڪري تمام خوبصورت روپ ڏنو آهي.

شاھ عبداللطيف پٽائي ٦٣ ورهين جي ڄمار ۾ سن ١٧٥٢ عيسويءَ مطابق ١٤ صفر، ١١٦٥ هجري ۾ مراقبي جي حالت ۾ رحلت فرمائي. سندس مزار حالا حويلي ۾ آهي. هر سال صفر مهيني جي ١٤ تاريخ تي وڏو ميلو لڳندو آهي، جنهن ۾ دنيا جي ڪيترن ئي مُلکن جا اديب، شاعر، محقق ۽ عالم شرڪت ڪندا آهن.

عام ادبي معلومات

١. شاھ عبداللطيف پٽائيؒ سڀ کان پهريون گنجي ٽڪر جو سير ڪيو.
٢. شاھ عبداللطيف پٽائيؒ کي نج سنڌي راڳ جو بانيڪار چيو ويندو آهي.
٣. سُر ڪاموڏ ۾ نوري ڄام تماچي ۽ ڪينجهر جو ذڪر آهي.
٤. شاھ جو رسالو " سُر ڪلياڻ " کان شروع ٿئي ٿو.
٥. سُر ڪاموڏ ۾ نوري ڄام تماچي جو ذڪر آهي.

سرگرمي

- نظم جي خوشخطي ڪلاس ورڪ ڪاپيءَ ۾ لکرائي ويندي.
- ڪلاس جي شاگردن کان نظم جي بلند خواني ڪرائي ويندي. بهتر انداز ۾ بلند خواني ڪرڻ بابت شاگردن ۾ مقابلو ڪرايو ويندو.
- هن نظم ۾ ڪهڙي نصيحت سمايل آهي، شاگردن کي ان بابت پنهنجي خيالن جو اظهار ڪرڻ جو موقعو ڏنو ويندو، جنهن شاگردن جو جواب بهتر هوندو ان کي شاباش ڏني ويندي.
- اسڪول جي لائبريري مان يا گوگل تان ڳولا ڪري شاھ عبداللطيف پٽائيؒ جي شاعريءَ جي ڪتاب شاھ جو رسالو جي سُر سُريراڳ مان کي ۽ پنج بيت لکي ايندا.
- اخبار، رسالي يا ڪنهن ۽ درسي ڪتاب مان قومي نغمو پنهنجي ڪاپيءَ ۾ لکي ايندا.
- شاھ عبداللطيف پٽائيؒ جي شاعري ۽ شخصيت بابت تقريري مقابلي ۾ حصو وٺي والدين ۽ استادن جي مدد سان تياري ڪريو. ان ۾ چوٽيون، اصطلاح، تشبيهون ۽ استعارا پڻ استعمال ڪرڻ جي ڪوشش ڪريو. شاگردن کي "شاھ جو رسالو" جي ٽيهن سُرن جا نالا لکي اچڻ جي هدايت ڪريو.

سبق ڏهون

خلائي جهازءِ خلائي تحقيق

سکيا جي حاصلات

- ڳالهايل جملن جي ترتيب کي ٻڌي سمجهي سگهي.
- هدايتن ءِ حڪمنامن کي ٻڌي بيان ڪري سگهي.
- عبارت پڙهي سوالن جا جواب ڏئي سگهي.
- زمان مضارع موجب جملا سمجهي سگهي.
- اصطلاح جي مفهوم کي سمجهي جملن ۾ ڪم آڻي سگهي.

خاص مقصد:

- نَوَن لفظن جي ڄاڻ حاصل ڪري سگهي.
- سبق جي مشق جا جواب پاڻ سمجهي ءِ لکي سگهي.
- سبق جو مرڪزي خيال لکڻ جي صلاحيت پيدا ٿي سگهي.
- سائنسي ايجادن بابت ڄاڻ حاصل ڪري سگهي.

امدادي سامان:

- سنڌي ڪتابُ ۷، صفحو نمبر ۳۳ – ۳۶
- بليڪ بورڊ/وائيٽ بورڊ
- سنڌي ڊڪشنري
- فلئش ڪارڊ

پيريڊن جو تعداد:

۳ عدد

سِکيا جو طريقو:

- شاگردن کان ذهني آمادگيءَ جا جيڪي سوال ڪيا وڃن، استادن کي انهن سوالن جي جوابن ڏيڻ ۾ شاگردن جي رهنمائي ءِ حوصلا افزائي ڪرڻ گهرجي تہ جيئن شاگرد درست جواب ڏيڻ ۾ ڪا بہ ڏکيائي محسوس نہ ڪن. جيڪڏهن ڪو شاگرد غلط جواب ڏئي ٿو تہ ان جي رهنمائي ڪندي ان سوال جو درست جواب ٻڌايو وڃي.
- شاگردن کان آمادگيءَ جا سوال ڪيا ويندا.
- سبق جو اعلان ڪرڻ کان پوءِ، سبق جي بلند خواني ڪئي ويندي، هڪ هڪ عبارت جي آسان ءِ واضع لفظن ۾ وضاحت

ڪئي ويندي. ان سان گڏ ڏکين لفظن جي معنيٰ پڻ سمجھائي ويندي. بلند خواني دوران شاگردن جي توجہ سبق طرف ڪرائڻ لاءِ انھن کان مختلف سوال ڪيا ويندا.

- سبق جي بلند خوانيءَ کان پوءِ ڪلاس جي مختلف شاگردن کان ھڪ ھڪ عبارت جي بلند خواني ڪرائي ويندي. غلطين جي صورت ۾ سندن رھنمائي ڪئي ويندي ۽ جيڪي شاگرد بھتر انداز ۾ بلند خواني ڪندا انھن کي شاباس ڏني ويندي.
- سبق جي بلند خواني کان پوءِ ڪلاس جي مختلف شاگردن کان مشڪل لفظن جي معنيٰ پڻ پڇا ڪئي ويندي.
- بورڊ تي مشق جو ڪم لکي مختلف شاگردن کان پڙھايو ويندو. بعد ۾ ڪين ڪاپيءَ ۾ لکڻ جي ھدايت ڪئي ويندي.

سبق جي متعلق ڪجھہ سوال

۱. لفظ "خلا" جي معنيٰ ڇا آھي؟
۲. خلا ۾ پير رکندڙ روسي خلائي ماھر جو نالو ڇا آھي؟
۳. سويوز ڇا آھي؟

حل ٿيل مشق

(الف) گھڻ چونڊائتا سوال.

مناسب لفظ چونڊي ھيٺيان جملا مڪمل ڪريو.

۱. ويھين
۲. ۳۹۳ ڪلو گرام
۳. چين
۴. روسي
۵. ٽي

(ب) سوالن جا جواب:

۱. خلائي تحقيق جي شروعات ويھين صدي عيسويءَ کان ٿي.
۲. روس اسپوتنڪ نالي خلائي راڪٽ ۴ اڪٽوبر ۱۹۵۷ع تي موڪليو.
۳. سويوز ھڪ روسي اسپيس ڪرافٽ آھي. انٽرنيشنل اسپيس اسٽيشن جو سامان خلا ۾ پھچائڻو ھجي تہ ان جي لاءِ سويوز ئي استعمال ٿيندو آھي. ان جي ذريعي خلا باز خلا ۾ وڃي سائنسي تحقيق جو ڪم سر انجام ڏئي واپس زمين تي ايندا آھن. پاڻي ۽ خوراڪ بہ انجي ذريعي موڪلي ويندي آھي.
۴. سويوز جا بہ حصا ھوندا آھن ھڪ سويوز ڪيپسول ۽ ٻيو سويوز راڪٽ.
۵. سويوز راڪيٽ جي مٿان سويوز ڪيپسول جڙيل ھوندو آھي. ڪيپسول جا ٽي حصا ھوندا آھن.

(ج)هيٺين لفظن جي معنيٰ لکي جملا ٺاهيو.

لفظ	معنيٰ	جملا
تحقيق	چهان بين	هر ہڏل ڳاله جي پهريون تحقيق ڪرڻ گهرجي.
خلا باز	خلاباز	خلا باز خلا ۾ سائنسي تحقيق جي لاءِ ويندا آهن.
فلڪيات	ستاروں کا علم	پاڪستان ۾ فلڪيات جا ماهر پڻ موجود آهن.
مهاپاري	جنگ عظيم	پهرين مهاپاري لڙائيءَ ۾ بي حد جاني نقصان ٿيو.
تُرت	فوراً	ترت علاج ڪرائڻ عقلمندي آهي.
جدوجهد	کوشش	ڪاميابي حاصل ڪرڻ لاءِ انسان وڏي جدوجهد ٿو ڪري.

(د) اصطلاح

نمبر	اصطلاح	معنيٰ (سنڌي ۾)
١	• ڦڪين جو فرق نہ ڪرڻ	• لاعلاج ٿي ويڻ.
٢	• ڳجه سليو نہ ٿيڻ	• راز فاش ڪرڻ
٣	• ٽپَ ٽرڻ	• تعجب ۾ پئجي ويڻ
۴	• سُس پُس ڪرڻ	• هڪ ٻئي جي ڪنن ۾ ڳالهيون ڪرڻ
۵	• هٿ ٽنگڻ	• سوال ڪرڻ / مدد گهرڻ

(هـ) شاگردن کي موقعو ڏيو تہ اهي پاڻ هي ڪم ڪن.

- "سائنس جا ڪرشما" عنوان تي ١٠٠ لفظن تي مشتمل مضمون لکڻ جي هدايت ڪريو. ان کان اڳ شاگردن جي ان عنوان تحت رهنمائي ڪريو.
- سائنس جا ڪرشما (مضمون)

سائنس جي لغوي معنيٰ آهي ڄاڻ يا علم. اهو علم جيڪو تجربن ۽ مشاهدن، تحقيق ۽ چنڊ ڇاڻ کانپوءِ مؤثر انداز ۾ حاصل ڪيو وڃي، اهو علم جنهن جي روشنيءَ ۾ انسان نظام شمسي جي عمل کي با آساني سمجهي ويو آهي. هي دور سائنس ۽ ٽيڪنالوجي جو دور آهي، تخليق ۽ تحقيق جو دور آهي، انسان کي سائنس بي پناهہ آسائشون ۽ سهوليتون بخشيون آهن. زندگيءَ جي هر شعبي ۾، هر پهلوءَ ۾ سائنس متاثر ڪيو آهي. هزارها ميلن جو سفر اڄ ڪلاڪن ۾ ٽئي ٿو. ڪمپيوٽر ۽ ٽيليويزن سائنس جون حيرت انگيز ايجادون آهن، جن دنيا کي پاڻ ۾ ڳنڊيڻ ڇڏيو آهي.

سائنس انساني خدمت ۽ فائدي لاءِ ايتريون تہ شيون ايجاد ڪيون آهن جو انهن جي ڳڻپ بہ مشڪل آهي. سائنس جي زور تي انسان زمين تہ ڇا پر چنڊ تي بہ وڃي پهتو آهي بلڪ مريخ ۽ عطارد جي بہ ڄاڻ ڏني آهي. اڄ دل ۽ دماغ جهڙن نازڪ عضون جا علاج ٿين ٿا. سائنس انسان جي سوچ، فڪر ۽ سمجهہ ۾ تبديلي آندي آهي. سائنس هڪ طرف مختلف مشينيون ايجاد

ڪيون آهن تہ ٻئي طرف انساني زندگيءَ لاءِ مهلڪ شيون ايجاد ڪيون آهن. اڄ انسان نيزن ۽ تلوارن سان هڪ ٻئي جي آمهون سامهون ٿي جنگ وڙهندو هو.اڄ بمن ۽ ميزائلن سان جنگ لڙي پئي وڃي. سائنس جتي وڏا وڏا فائدا ڏنا آهن، اتي نقصان بہ. بحرحال اها حقيقت آهي تہ انسان جي ترقي جو انحصار سائنس تي آهي، سائنس انسان کي غارن مان ڪڍي هڪ عاليشان زندگي ميسر ڪئي آهي.

سائنس نہ صرف جسماني ۽ مادي آسائشون پر ذهني غذا جو پڻ اهتمام ڪيو آهي. سائنس علم کي سکيو ۽ سستو بنايو آهي، ان لاءِ انسان کي خدا جو شڪر ادا ڪرڻ گهرجي.

سرگرمي

- سبق جي مشق جو ڪم ڪلاس ورڪ ڪاپيءَ ۾ لکرايو ويندو.
- هن سبق ۾ ڪهڙيون خاص ڳالهيون آهن، شاگردن کي ان بابت پنهنجي خيالن جو اظهار ڪرڻ جو موقعو ڏنو ويندو، جنهن شاگرد جو جواب بهتر هوندو ان کي شاباش ڏني ويندي.
- شاگردن کان صحت جي ڪارگر اصولن تي مشتمل چارٹ تيار ڪرائي ڪلاس جي سافٹ بورڈ تي لڳرايو.
- شاگرد پنهنجي اسڪول جي لائبريريءَ ۾ موجود ڪتابن مان يا گوگل تان ڳولا ڪري خلا بابت ٻن صفحن تي معلومات لکي اچن.

سبق يارهون

ڪوٽ ڏيڄي جو قلعو

سکيا جي حاصلات

- ڪنهن بہ ٻگاله خاص اُچار، لهجي، لئہ ۽ ادائيگيءَ سان ورجائي سگهي.
- سادي عبارت کي روزاني لاهہ چاڑهہ (جميلار) لهجي، شدت ۽ رفتار سان سلسليوار پڙهي سگهي.
- لفظ ۽ جملا درست اُچار ۽ رواني‌ءَ سان پڙهي سگهي.
- سادين تصويرن ۽ تحريرن کي سمجهي ۽ پڙهي سگهي.
- عام موضوعن تي في البديہ رواني‌ءَ سان گهٽ ۾ گهٽ هڪ منٽ تقرير ڪري سگهي.

خاص مقصد:

- نَوَن لفظن جي ڄاڻ حاصل ڪري سگهي.
- سبق جي مشق جا جواب پاڻ سمجهي ۽ لکي سگهي.
- سبق جو مرڪزي خيال لکڻ جي صلاحيت پيدا ٿي سگهي.
- ضمير مشترڪ جي وصف سمجهي ان جا جملا ٺاهي سگهي.

امدادي سامان:

- سنڌي ڪتابُ ۷، صفحو نمبر ۳۷ – ۴۰
- بليڪ بورڊ/وائيٽ بورڊ
- سنڌي ڊڪشنري
- فلئش ڪارڊ

پيريڊن جو تعداد:

۳ عدد

سِکيا جو طريقو:

شاگردن کان ذهني آمادگيءَ جا جيڪي سوال ڪيا وڃن، استادن کي انهن سوالن جي جوابن ڏيڻ ۾ شاگردن جي رهنمائي ۽ حوصلا افزائي ڪرڻ گهرجي تہ جيئن شاگرد درست جواب ڏيڻ ۾ ڪا بہ ڏکيائي محسوس نہ ڪن. جيڪڏهن ڪو شاگرد غلط جواب ڏئي ٿو تہ ان جي رهنمائي ڪندي ان سوال جو درست جواب ٻڌايو وڃي.

- شاگردن کان آمادگيءَ جا سوال ڪيا ويندا.

- سبق جو اعلان ڪرڻ کان پوءِ، سبق جي بلند خواني ڪئي ويندي، هڪ هڪ عبارت جي آسان ۽ واضع لفظن ۾ وضاحت ڪئي ويندي، ان سان گڏ ڏکين لفظن جي معنيٰ پڻ سمجھائي ويندي. بلند خواني دوران شاگردن جي توجہ سبق طرف ڪرائڻ لاءِ انھن کان مختلف سوال ڪيا ويندا.
- سبق جي بلند خوانيءَ کان پوءِ ڪلاس جي مختلف شاگردن کان هڪ هڪ عبارت جي بلند خواني ڪرائي ويندي، غلطين جي صورت ۾ سندن رهنمائي ڪئي ويندي ۽ جيڪي شاگرد بھتر انداز ۾ بلند خواني ڪندا انھن کي شاباس ڏني ويندي.
- سبق جي بلند خواني کان پوءِ ڪلاس جي مختلف شاگردن کان مشڪل لفظن جي معنيٰ پڻ پڇا ڪئي ويندي.
- بورڊ تي مشق جو ڪم لکي مختلف شاگردن کان پڙھايو ويندو. بعد ۾ ڪين ڪاپيءَ ۾ لکڻ جي ھدايت ڪئي ويندي.

سبق جي متعلق ڪجھہ سوال

١. ڪوٽ ڏيجي جو قلعو ڪنھن ٺھرايو ھو؟
٢. ڪوٽ ڏيجي جي قلعي جي اڏاوت ۾ ڪيترا سال لڳي ويا؟
٣. ڪوٽ ڏيجي جو قلعو سنڌ جي ڪھڑي ضلعي ۾ آھي؟

حل ٿيل مشق

(الف) گھڻ چونڊائتا سوال.

١. ٽِن
٢. پنجاھہ
٣. ڪنوارو قلعو
٤. دفاعي
٥. 20 ڪلو ميٽر

(ب) سوالن جا جواب:

١. ڪوٽ ڏيجي جو قلعو ان وقت جي تالپر حڪمران ميرسھراب خان تالپر تعمير ڪرايو ھو.
٢. ڪوٽ ڏيجي جو قلعو خيرپور ميرس شھر کان ٢٠ ڪلو ميٽرن جي مفاصلي تي آھي.
٣. ڪوٽ ڏيجي جو قلعو سن ١٧٩٧ع ۾ جُڙي راس ٿيو.
٤. قلعي جو پھريون ۽ مکيہ دروازو ١٥ فوٽ ۽ ٩ انچ ڊگھو آھي.
٥. قلعي جي ڊيگھ ٥٠٠٠ فوٽ، ويڪر ٣٠٠٠ فوٽ ۽ اوچائي زمين کان ٧٠ فوٽ مٿي آھي.

(ج)هيٺين لفظن جي معنيٰ لکي جملا ٺاهيو.

لفظ	معنيٰ	جملا
سرمايو	سرمایہ	شاھ جو رسالو سنڌي ٻوليءَ جو ھڪ وڏو سرماي آھي.
اڏاوت	بناوٹ	اسان جي گھر جي اڏاوت ٽي رھي آھي.
راس	مکمل/آخری	قلعو وڏي محنت کان پوءِ نھي راس ٽيو.
ڏاکڻ	سیڑھی	اسين ڏاکڻ جي مدد سان ڇت تي چڙھي ويا سين.
بُرج	مینار	قلعي ۾ وڏا بُرج نھيل آھن.
رعيت	عوام	رعيت سان ظلم نہ ڪرڻ گھرجي.

(د) ضمير مشترڪ

١. آءٌ هي ڪم پاڻ ڪندس.

٢. مان خود احمد کي بازار ۾ ڏٺو.

٣. اسان پنھنجي خريداري ڪري ڇڏي آھي.

۴. اڪبر پنھنجي نقصان جو پاڻ زميوار آھي.

۵. سيما پنھنجي غلطي مڃي ورتي.

(ھ)واحد/ جمع

واحد	جمع
تالو	تالا
اڇو	اڇا
حملو	حملا
قلعو	قلعا
قافلو	قافلا

(و) شاگردن کان سنڌ جي ڪنھن بہ ھڪ تاريخي قلعي بابت ١٠٠ لفظن تي مشتمل مضمون لکرايو.

رني ڪوٽ (مضمون)

جيئن تہ سنڌ سونھاري تاريخي ماڳن سان مالامال آھي جيڪي ھن ڌرتيءَ جي قديم تھذيب ۽ تمدن جا گواھہ آھن. ھر شعورونڊ کي تاريخ جي ڄاڻ ھئڻ ضروري آھي تہ جيئن مستقبل لاءِ بھتر رٿابندي ڪري سگھجي. سنڌو درياھہ جي ساڃي پاسي انڊس ھاءِ وي تي "سن" شھر کان ٢٨ ڪلوميٽر جي فاصلي تي قديم تاريخ جو اھم نشان "رني ڪوٽ" واقع آھي.

سنڌ جو هي قلعو نہ صرف سنڌ جي ڪوٽن ۾ قلعن ۾ نمايان حيثيت جو مالڪ آهي ليڪن ايراضيءَ جي لحاظ کان دنيا جو وڏي ۾ وڏو قلعو آهي. رني ڪوٽ جو گهيرو ۱۰۸۱۷۴ فٽ برابر ۲۰ ميل يا ۳۲½ ڪلوميٽر آهي. جنهن جو چوٽون حصو پٿر جي ديوار آهي. باقي ٽي حصا قدرتي ديوار يعني جبلن جون ايڪپريون ۾ جبلن جا ڇڻ آهن، جن کي ڪو به پار ڪري نٿو سگهي. هن وسيع قلعي "رني ڪوٽ" اندر هڪ وڏي نڪ آهي جنهن کي نڪ رني يا نڪ روٽي سڏيو وڃي ٿو. هيءَ نڪ ڪوٽ ۾ اولهه پاسي کان موهن در پرسان داخل ٿئي ٿي ۾ اوپر ۾ سن در جي پر مان ٻاهر نڪري وڃي سنڌو درياهه ۾ ڇوڙ ڪري ٿي. هن نڪ کي ڪوٽ ۾ داخل ٿيڻ کان مٿي اولهه ۾ "موهن نڪ" سڏيو وڃي ٿو. رني ڪوٽ اندر نڪ رني يا نڪ روٽي ۾ اوپر ۾ ڪوٽ کان ٻاهر نڪرڻ کان پوءِ ڇوڙ ڪرڻ تائين "سن نڪ" سڏيو وڃي ٿو ۾ چيو وڃي ٿو ته "رني ڪوٽ" ۽ هن نڪ جي نالي سان منسوب ٿيل آهي. رني ڪوٽ ۾ ۽ مکيه در آهن، هڪ اوپر ۾ سن در ۾ ٻيو اولهه ۾ موهن در. رني ڪوٽ جي اندر ۳ ننڍا قلعا پڻ ٺهيل آهن ۱. ميري ڪوٽ ۲. شير ڳڙهه ۳.موهن ڪوٽ. رني ڪوٽ ۾ ٻاهرين ديوار ۾ ۴۷ برج ٺهيل آهن جن ۾ ست برج چورس يا مستطيل ۾ چاليهه برج گول ٺهيل آهن جن ۾ ۽ برج اولهه پاسي کان اڪيلا مورچي طور ٺهيل آهن ۾ چار ٻيا برج هڪ ٻئي سان ويجها ويجها ديوار سان جڙيل آهن. ۽ ٻيا برج هڪ ڊگهي ديوار سان جڙيل آهن اهڙيءَ طرح اولهه پاسي کان بچاءَ لاءِ هنن برجن کان ٿورو اندر هڪ ٻيو برج ۾ ديوار ٺاهي وئي آهي جنهن کي "ل" لکڻ ديوار سڏيو وڃي ٿو. اهڙيءَ طرح سن در کان ڏکڻ طرف واري ديوار جي پڄاڻيءَ کان پوءِ ٿورو اڳتي هڪ اڪيلو برج ٺهيل آهي جيڪو مٿاهينءَ تي هئڻ ڪري رني ڪوٽ ۾ اندر ۾ ٻاهر گهٽي حصي ۾ نظرداريءَ لاءِ ڪم ايندو هوندو باقي ٻيا برج ديوارن سان ۾ ٻاهر جڙيل آهن هن کان سواءِ پنج برج ميري ڪوٽ ۾ پنج برج شير ڳڙهه ۾ ٺهيل آهن. اهڙيءَ ريت رني ڪوٽ جا ٿوٽل برج ۵۷ ليکيا وڃن ٿا.

سرگرمي

- سبق جي مشق جو ڪم ڪلاس ورڪ ڪاپيءَ ۾ لکرايو ويندو.
- هن سبق ۾ ڪهڙيون خاص ڳالهيون آهن، شاگردن کي ان بابت پنهنجي خيالن جو اظهار ڪرڻ جو موقعو ڏنو ويندو. جنهن شاگرد جو جواب بهتر هوندو ان کي شاباش ڏني ويندي.
- شاگردن کان صحت جي اصولن تي مشتمل هڪ چارٽ تيار ڪرايو ۾ ڪلاس جي وائيٽ بورڊ تي لڳرايو.
- شاگردن جا ۽ گروپ ٺهرائي اينڊرائڊ موبائل تي پلي استور تان سنڌي ڪي بورڊ ڊائون لوڊ ڪرڻ جو طريقو سمجهائي، گوگل تان سنڌ جي قلعن ۾ ڪوٽن بابت معلومات حاصل ڪرڻ جي هدايت ڪريو.

سبق ٻارهون

تُرت علاج

سکيا جي حاصلات

- مضمون يا ڪهاڻي لکڻ وقت ان جي جزن (شروعات، متن ۽ پڄاڻي وغيره) جو خيال رکي لکي سگهي.
- تصويرون ڏسي ڪا وٽندڙ تفريحي آکاڻي لکي سگهي.
- اسم ذات(ڪم، حالت ۽ خاصيت) کي سمجهي جملن ۾ استعمال ڪري سگهي.
- سادي رسيد لکي سگهي.

خاص مقصد:

- نَوَن لفظن جي ڄاڻ حاصل ڪري سگهي.
- سبق جي مشق جا جواب پاڻ سمجهي ۽ لکي سگهي.
- سبق جو مرڪزي خيال لکڻ جي صلاحيت پيدا ٿي سگهي.
- ترت علاج جي طريقن کان واقف ٿي سگهي.

امدادي سامان:

- سنڌي ڪتابُ ۷، صفحو نمبر ۴۱ – ۴۷
- بليڪ بورڊ/وائيٽ بورڊ
- سنڌي ڊڪشنري
- فلئش ڪارڊ

پيريڊن جو تعداد:

۳ عدد

سِکيا جو طريقو:

شاگردن کان ذهني آمادگيءَ جا جيڪي سوال ڪيا وڃن، استادن کي انهن سوالن جي جوابن ڏيڻ ۾ شاگردن جي رهنمائي ۽ حوصلا افزائي ڪرڻ گهرجي تہ جيئن شاگرد درست جواب ڏيڻ ۾ ڪا بہ ڏکيائي محسوس نہ ڪن. جيڪڏهن ڪو شاگرد غلط جواب ڏئي ٿو تہ ان جي رهنمائي ڪندي ان سوال جو درست جواب ٻڌايو وڃي.

- شاگردن کان آمادگيءَ جا سوال ڪيا ويندا.
- سبق جو اعلان ڪرڻ کان پوءِ، سبق جي بلند خواني ڪئي ويندي، هڪ هڪ عبارت جي آسان ۽ واضع لفظن ۾ وضاحت ڪئي ويندي، ان سان گڏ ڏکين لفظن جي معنيٰ پڻ سمجهائي ويندي. بلند خواني دوران شاگردن جي توجہ سبق طرف ڪرائڻ لاءِ انهن کان مختلف سوال ڪيا ويندا.

- سبق جي بلند خوانيءَ کان پوءِ ڪلاس جي مختلف شاگردن کان هڪ هڪ عبارت جي بلند خواني ڪرائي ويندي.
غلطين جي صورت ۾ سندن رهنمائي ڪئي ويندي ۽ جيڪي شاگرد بهتر انداز ۾ بلند خواني ڪندا انهن کي شاباس ڏني ويندي.
- سبق جي بلند خواني کان پوءِ ڪلاس جي مختلف شاگردن کان مشڪل لفظن جي معنيٰ پڙ پڇا ڪئي ويندي.
- بورڊ تي مشق جو ڪم لکي مختلف شاگردن کان پڙهايو ويندو. بعد ۾ ڪين ڪاپيءَ ۾ لکڻ جي هدايت ڪئي ويندي.

سبق جي متعلق ڪجهہ سوال

١. تُرت علاج مان ڇا مراد آهي؟
٢. تُرت علاج جا ڪي به به فائدا ٻڌايو؟
٣. هيٽ اسٽروڪ جو ڇا مطلب آهي؟

حل ٿيل مشق

(الف) گهڙ چونڊائتا سوال.

١. تُرت علاج
٢. باهِ ۾ سڙيل
٣. تار
۴. رٽُ
۵. پکي

(ب) سوالن جا جواب:

١. باهِ ۾ سڙيل انسان کي ڪنهن ٽلهي ڪپڙي ۾ ويڙهي باهِ وسائڻ جي ڪوشش ڪجي. جڏهن باهِ وسائڻ ۾ ڪاميابي حاصل ٿي وڃي تہ باهِ کان متاثر ٿيل انسان کي هڪدم اسپتال پهچائڻ جي هر ممڪن ڪوشش ڪجي.
٢. نانگ جي ڏنگڻ جي حالت ۾ ڏنگ لڳل جاءِ کان ٿورو مٿي ڪنهن ڏوري، رومال يا ڪنهن ڪپڙي جي لِيڑ سان جسم جو حصو زور سان ٻڌي ڇڏجي. تہ جيئن زهر جسم ۾ ڦهلجي نہ سگهي. پوءِ جيترو جلد ٿي سگهي مريض کي اسپتال پهچائجي.
٣. بجليءَ جو ڪرنٽ لڳڻ سبب ماڻهو بجليءَ جي تار ۾ ڦاسي پوي ٿو. اهڙي صورت ۾ ان انسان کي ڇڏائڻ لاءِ بجلي، مين بورڊ مان بند ڪرڻ گهرجي. يا خشڪ ڪاٺي جو ٽڪرو ڪٽي بجليءَ جي تار ۾ ڦاٽل ماڻهوءَ کي بچائجي.
۴. هيٽ اسٽروڪ يا لُڪ لڳڻ هڪ ميڊيڪل ايمرجنسي جي صورتحال آهي جنهن ۾ متاثر شخص کي جلد کان جلد طبي امداد ملڻ ضروري آهي. متاثر شخص کي گرمي کان پري ڪنهن محفوظ ۽ ٺڊي جاء تي منتقل ڪريو.
۵. ابتدائي طبي امداد ڪنهن بہ مشڪل حالت ۾ ڪيترين ئي قيمتي جانين کي موت کان بچائي سگهي ٿي. ان کان سواءِ حادثن ۾ زخمي ٿيندڙ انسانن کي معذور ٿيڻ کان پڻ بچائي سگهي ٿي.

(ج)هيٺين لفظن جي معنيٰ لکي جملا ٺاهيو.

لفظ	معنيٰ	جملا
ڳڻتي	فکر	مون کي امتحانن جي تياري جي ڳڻتي آهي.
دٻاءُ	دباؤ	جسم مان وهندڙ رت کي روڪڻ لاءِ دٻاءُ ڏيڻ گهرجي.
سڙيل	جلاهوا	سڙيل حصي کي پاڻيءَ کان بچائڻ ضروري آهي.
لُڪ	گرمی	جون ۾ گرميءَ جي لڪ وڏي وئي آهي.
هٿرادو	مصنوعی	هٿرادو شين جو ڪو به پروسو نه آهي.
خشڪ ڪاٺي	خشک لکڑی	خشڪ ڪاٺي تمام مضبوط هوندي آهي.

(د)هيٺِن لفظن جا ضد لکو.

لفظ	ضد	لفظ	ضد
سخت	نرم	ابتدا	انتها
طاقت	ڪمزوري	اڳياڙي	پڇاڙي
غلام	آقا		

(ھ)اصطلاحن جي سنڌي ۾ معنيٰ

نمبر	اصطلاح	معنيٰ (سنڌي ۾)
١	پنهنجو مت پاڻ هجڻ	بي مثال ڪردار ادا ڪرڻ
٢	سِٽ سِٽڻ	ڪو منصوبو تيار ڪرڻ
٣	سِر ڏئي سَرهو ٿيڻ	قرباني ڏئي ڪاميابي ماڻڻ
۴	اوجهڙ ۾ اٽڪڻ	پريشانين ۾ مبتلا ٿيڻ
۵	کير کنڊ ٿيڻ	پاڻ ۾ هڪ ٿي وڃڻ

(و) شاگردن کي هي مشق پاڻ ڪرڻ ڏيو.

سرگرمي

- سبق جي مشق جو ڪم ڪلاس ورڪ ڪاپيءَ ۾ لکرايو ويندو.
- هن سبق ۾ ڪهڙيون خاص ڳالهيون آهن، شاگردن کي ان بابت پنهنجي خيالن جو اظهار ڪرڻ جو موقعو ڏنو ويندو. جنهن شاگرد جو جواب بهتر هوندو ان کي شاباش ڏني ويندي.

سبق تيرهون

موسم (نظم)

سکيا جي حاصلات

- پنهنجي معلومات کي بيان ڪندي رد عمل گفتگو ۾ شامل ڪري سگهي.
- محاورن، چوٽين، پهاڪن ۽ اصطلاحن کي پڙهي درست استعمال ڪري سگهي.
- ڪنهن به تحرير ۾ چوٽين، پهاڪن، ڳجهارتن، ٽوٽڪن ۽ پرولين ۾ موجود ڏاهپ جي نڪتن کي سمجهي، پنهنجي رد عمل جو اظهار ڪري سگهي.
- لائبريري جو استعمال ڪندي ڪتابن جو مطالعو ڪري سگهي.

خاص مقصد:

- نَوَن لفظن جي جاڻ حاصل ڪري سگهي.
- بيتن جون سمجهاڻيون سمجهي ۽ لکي سگهي.
- نظم جو مرڪزي خيال لکڻ جي صلاحيت پيدا ٿي سگهي.
- بيت ۽ بند جي تعريف سمجهي سگهي.
- ڏکين لفظن جي معنيٰ ۽ مفهوم سمجهي سگهي.

امدادي سامان:

- سنڌي ڪتابُ ۷، صفحو نمبر ۴۵ – ۴۷
- بليڪ بورڊ/وائيٽ بورڊ
- سنڌي ڊڪشنري
- فلئش ڪارڊ

پيريڊن جو تعداد:

۲ عدد

سِکيا جو طريقو:

- شاگردن کان آمادگيءَ جا سوال ڪيا ويندا.
- نظم (موسم) جو اعلان ڪرڻ کان پوءِ، نظم لفظن جي درست ادائيگي سان گڏ پڙهيو ويندو. ان سان گڏ ڏکين لفظن جي معنيٰ پڻ سمجهائي ويندي. بلند خواني دوران شاگردن جي توجہ نظم طرف ڪرائڻ لاءِ انهن کان مختلف سوال ڪيا ويندا.

- نظم جي بلند خواني کان پوءِ ڪلاس جي مختلف شاگردن کان نظم پڙهايو ويندو. لفظن جي درست ادائيگي تي سندن ساراهه ڪئي ويندي ۽ جيڪي شاگرد پڙهڻ دوران لفظن جو اُچار غلط پڙهن، انهن جي ناصحاڻي انداز ۾ رهنمائي ڪئي ويندي.
- نظم جي مشق ۾ لکيل سوالن جا جواب پهرين شاگردن کان پڇا ڪيا ويندا، جيڪي شاگرد درست جواب ڏيندا اهي جواب بورڊ تي لکيا ويندا ۽ درست جواب ٻڌائيندڙ شاگردن کي شاباس ڏني ويندي.
- بورڊ تي مشق جو ڪم لکي مختلف شاگردن کان پڙهايو ويندو. بعد ۾ ڪين ڪاپيءَ ۾ لکڻ جي هدايت ڪئي ويندي.

نظم جي متعلق ڪجهه سوال

١. نظم ۽ غزل ۾ ڪهڙو فرق آهي؟
٢. قافيي جو مطلب ڇا آهي؟
٣. وائي ۽ ڪافي ۾ ڪهڙو فرق آهي؟

شاعره جو تعارف

انيسہ رحمان جو جنم پهرين مئي ١٩٥٢ع ۾ ٽنڈو جام ۾ ٿيو. سندس والد جو نالو محمد يعقوب ميمڻ آهي. سندس قلمي نالو انيس ميمڻ آهي. انيس ميمڻ سنڌ يونيورسٽيءَ مان بين الاقوامي تعلقات ۾ ماسٽر جي ڊگري حاصل ڪئي. ان کان پوءِ عملي زندگيءَ ۾ سڀ کان پهرين پاڪستان ٽيليويزن جي پهرين سنڌي نيوز ريڊر طور خبرن پڙهڻ جو سلسلو شروع ڪيو. انيس ميمڻ ١٩٧٦ع کان پاڪستان نيشنل سينٽر ڪراچيءَ جي ڊائريڪٽر مقرر ٿي. ان جي ڪجهه سالن کان پوءِ پي آءِ اي جي مارڪيٽنگ شعبي ۾ مقرر ٿي، جتان ٢٠٠٢ع ۾ جنرل مينيجر جي عهدي تان رٽائر ٿيڻ کان پوءِ ادبي دنيا ۾ ٧٠ جي ڏهاڪي کان شاعري ۽ مختلف موضوعن تي مضمون ۽ رپورتون وغيره لکي پيو پاتائين. ٨٩- ١٩٨٨ع ۾ عورتن جو رسالو جاري ڪيائين، جنهن جي پاڻ ايڊيٽر طور ڏميواريون سرانجام ڏنائين. هن وقت سراج انسٽيٽيوٽ آف سنڌ اسٽڊيز جي سيڪريٽري آهي، جنهن جي پليٽ فارم تان شاهه لطيف جي فڪر ۽ فلسفي تي ڪيترائي ليڪچر، قومي ۽ بين الاقوامي ڪانفرنسون ڪرائي چڪي آهي ۽ ٢٤ ڪتاب پبلش ڪرايا اٿس. سندس شاعريءَ جو مجموعو "پيڪڙا پيرن ۾" ڇپيل آهي.

حل ٿيل مشق

(الف) هيٺ ڏنل مصرعه مڪمل ڪريو.

١. برف
٢. اُس
٣. اُگهاڙو
٤. ويسُ
٥. پوپٽ

(ب)سوالن جا جواب:

١. هن نظم جي شاعره جو نالو انيس ميمڻ آهي.

٢. هن نظم جي پهرئين ٽن سِٽن ۾ شاعره لکي ٿي ته جڏهن سياري جي مند ۾ صبح ٽئي ٽي ۽ سج ايري اچي ٿو ته ان وقت سرديءَ ۾ ڪمي اچي ٿي اهڙي طرح اهو وقت ڪيڏو نه دلڪش ۽ وٽندڙ هوندو آهي جو سِج جي روشني به بي حد وٽندي آهي.

٣. هن نظم جي آخري ٽن سِٽن ۾ شاعره (انيس ميمڻ) لکيو آهي ته بهار جي مند ۾ جڏهن هر طرف ساوڪ ئي ساوڪ نظر ايندي آهي، ان وقت قدرت جو دلڪش نظارو من موهي ڇڏيندو آهي.

٤. هن نظم جو آخري شعر مون کي پسند آهي. ان ڪري جو هن شعر ۾ شاعر اهو پيغام ڏنو آهي ته بهار جي مند ۾ جڏهن هر طرف ساوڪ ئي ساوڪ نظر ايندي آهي، ان وقت قدرت جو دلڪش نظارو من موهي ڇڏيندو آهي.

٥. هن نظم ۾ شاعره اهو پيغام ڏنو آهي ته سال ۾ چار موسم ٽين ٽا پر هر انسان صرف ۽ صرف بهار جي مند کي پسند ڪندو آهي جڏهن ته اهو بلڪل غلط آهي ڇاڪاڻ ته هر مند جي پنهنجي پنهنجي اهميت آهي، هر مند ۾ الله تعاليٰ جون بي شمار نعمتون اسان کي ملن ٿيون ان ڪري اسان کي هر موسم کي پسند ڪرڻ گهرجي ۽ هر موسم جي نعمتن مان فائدو حاصل ڪري الله جو شڪر ادا ڪرڻ گهرجي.

(ج)هيٺين لفظن جي معنيٰ لکي جملا ٺاهيو.

لفظ	معنيٰ	جملا
تن من	جسم	بهار جي مند ۾ قدرت جا نظارا ڏسي تن من ٺري پوي ٿو.
اوڍڻ	اوڑھنے کا کپڑا	سياري ۾ سرديءَ کان بچڻ لاءِ اوڍڻ استعمال ڪندا آهيون.
سُڪل	خشک	سُرءَ ۾ وڻن جا سُڪل پن ڇڻجي ويندا آهن.
ڦوٽهڙو	شگوفے	بهار جي مند ۾ وڻن ۾ ڦوٽهڙو تازو تازو نظر ايندو آهي.
ويسُ	لباس	مون کي صاف ستڙو ويس پسند آهي.

(د) پهاڪا

نمبر	پهاڪا	معنيٰ
١	ڏني جو پُٺُ ڇڻو	اڻ واقف جو منهن ۾ اٽکي پوڻ.
٢	ڪٽي ڏور سُڃا ، ڪٽي چور سُڃا	سيني جا حالات هڪجهڙا نه هوندا آهن.
٣	اڄ جو ڪم سُياڻي تي نه ڇڏجي	ڪنهن به ڪم ۾ سُستي نه ڪجي.
۴	جيڪو چُلهِ تي سو دِل تي	جيڪي ويجها هوندا آهن ، اهي ئي ياد رهندا آهن.

(ھ) ضمير متڪلم جي جملا

١. آءُ نماز پڙهي ڇڏي.
٢. مان اسڪول نہ وڃي سگھندس.
٣. اسين ڪينجھر ڍنڍ گھمڻ لاءِ ويندا سين.
٤. مان اسڪول ويندس.
٥. اسان پنھنجو ڪم مڪمل ڪري ڇڏيو.

آزاد نظم

آزاد نظم جي معنيٰ اُھو نظم، جيڪو بندش کان آزاد ھُجي. آزاد نظم جديد شاعريءَ جي ھڪ نئين صنف آھي. جيڪا اوڻويھين صديءَ جي آخر ۾ فرينچ شاعريءَ جي "علامت نگاريءَ" واري تحريڪ سان گڏ نئين رنگ ۾ ظاھر ٿي ۽ ان جو باني فرانسز گرئفن نالي آمريڪي شاعر ھو. جيڪو پئرس ۾ رھندو ھو ۽ فرينچ ٻوليءَ ۾ شاعري ڪندو ھو. ننڍي کنڊ ۾ سنڌي شاعريءَ ۾ آزاد نظم جي لھر انگريزي شاعريءَ جي مطالعي سان آئي. آزاد نظم ۾ قافيي ۽ وزن کان آزاد ھئڻ ڪري شاعرن جي تخيل کي مڪمل طور تي اظھار جو موقعو ڏئي ٿو. ھيءَ صنف قافيي ۽ وزن کان تہ آزاد آھي پر ان ۾ شاعراٽيون فني خوبيون ھجڻ لازمي آھن. سنڌي ٻوليءَ ۾ ڪيترن ئي شاعرن آزاد نظم لکيو آھي.

سرگرمي

- نظم جي خوشخطي ڪلاس ورڪ ڪاپيءَ ۾ لکرائي ويندي.
- ڪلاس جي شاگردن کان نظم جي بلند خواني ڪرائي ويندي. بھتر انداز ۾ بلند خواني ڪرڻ بابت شاگردن ۾ مقابلو ڪرايو ويندو.
- ھن نظم ۾ ڪھڙي نصيحت سمايل آھي، شاگردن کي ان بابت پنھنجي خيالن جو اظھار ڪرڻ جو موقعو ڏنو ويندو، جنھن شاگردن جو جواب بھتر ھوندو ان کي شاباش ڏني ويندي.
- پنھنجي پسنديده مند جو نالو لکي ان ۾ واضع ڪيو تہ ان مند ۾ ڪھڙيون قدرتي نعمتون اللہ تعاليٰ پيدا ڪندو آھي ۽ ان مند ۾ ڪھڙيون خوبيون آھن جنھن ڪري اوھان کي اھا مند پسند آھي.

سبق چوڏهون

ڳوٺاڻي زندگي جا رنگ

سکيا جي حاصلات

- عبارت پڙهي (شروعات، نفس مضمون ۽ پڇاڻيءَ بابت) پنهنجي راءِ ڏئي سگهي.
- روزمرهه جي زندگيءَ جي مسئلن بابت پنهنجي تجربن ۽ مشاهدن جي روشنيءَ ۾ ڳاله ٻوله ڪري سگهي.
- پنهنجي مسئلن جو تحريري اظهار ڪري سگهي.
- پاڻيءَ جي اهميت، ضرورت ۽ درست استعمال بابت ڄاڻي سگهي.
- ٻارن جي کاڻين، نظمن، ڪارٽونن، سائنسي ۽ ٻيو مواد آڊيو وڊيو ۽سيڊيز ذريعي حاصل ڪري سگهي.

خاص مقصد:

- نَوَن لفظن جي ڄاڻ حاصل ڪري سگهي.
- سبق جي مشق جا جواب پاڻ سمجهي ۽ لکي سگهي.
- سبق جو مرڪزي خيال لکڻ جي صلاحيت پيدا ٿي سگهي.
- ڳوٺاڻي زندگيءَ بابت ڄاڻ حاصل ڪري سگهي.

امدادي سامان:

- سنڌي ڪتابُ ۷، صفحو نمبر ۴۸ - ۵۱
- بليڪ بورڊ/وائيٽ بورڊ
- سنڌي ڊڪشنري
- فلئش ڪارڊ

پيريڊن جو تعداد:

۳ عدد

سِکيا جو طريقو:

- شاگردن کان ذهني آمادگيءَ جا جيڪي سوال ڪيا وڃن، استادن کي انهن سوالن جي جوابن ڏيڻ ۾ شاگردن جي رهنمائي ۽ حوصلا افزائي ڪرڻ گهرجي ته جيئن شاگرد درست جواب ڏيڻ ۾ ڪا بہ ڏکيائي محسوس نہ ڪن. جيڪڏهن ڪو شاگرد غلط جواب ڏئي ٿو ته ان جي رهنمائي ڪندي ان سوال جو درست جواب ٻڌايو وڃي.
- شاگردن کان آمادگيءَ جا سوال ڪيا ويندا.
- سبق جو اعلان ڪرڻ کان پوءِ، سبق جي بلند خواني ڪئي ويندي، هڪ هڪ عبارت جي آسان ۽ واضع لفظن ۾ وضاحت ڪئي ويندي، ان سان گڏ ڏکين لفظن جي معنيٰ پڻ سمجهائي ويندي. بلند خواني دوران شاگردن جي توجہ سبق طرف

ڪرائڻ لاءِ انهن کان مختلف سوال ڪيا ويندا.

- سبق جي بلند خوانيءَ کان پوءِ ڪلاس جي مختلف شاگردن کان هڪ هڪ عبارت جي بلند خواني ڪرائي ويندي، غلطين جي صورت ۾ سندن رهنمائي ڪئي ويندي ۽ جيڪي شاگرد بهتر انداز ۾ بلند خواني ڪندا انهن کي شاباس ڏني ويندي.
- سبق جي بلند خواني کان پوءِ ڪلاس جي مختلف شاگردن کان مشڪل لفظن جي معنيٰ پڙ پڇا ڪئي ويندي.
- بورڊ تي مشق جو ڪم لکي مختلف شاگردن کان پڙهايو ويندو. بعد ۾ ڪين ڪاپيءَ ۾ لکڻ جي هدايت ڪئي ويندي.

سبق جي متعلق ڪجهه سوال

۱. شهر ۽ ڳوٺ ۾ ڪهڙو فرق آهي؟
۲. ڳوناٽن ماڻهن جا ڪهڙا عام ڪاروبار آهن؟
۳. ٻني ٻارو جو ڇا مطلب آهي؟

حل ٿيل مشق

(الف) گهڙ چونڊائتا سوال.

۱. ڳوٺن ۾
۲. ڳوناٽن
۳. رات جو
۴. مردن
۵. تحفا

(ب) سوالن جا جواب:

۱. پاڪستان جي آبادي جو گهڻي ڀاڱي حصو ڳوٺن ۾ آباد آهي.
۲. ڳوٺن ۾ ڪير، ڏونرو، ماکي، مکڙ، ڀاڄيون ۽ ميوا خالص ۽ تازه ملندا آهن.
۳. ڳوناٽيون عورتون پنهنجي مردن سان گڏجي ٻني ٻاري جو ڪم ڪنديون آهن ۽ فارغ وقت ۾ پرت پريندڙيون آهن يا رِلي ٺاهيندڙيون آهن. مطلب ته ڳوناٽيون عورتون فضول ويهي وقت نه وڃائينديون آهن.
۴. ڳوناٽا ماڻهو دل وندرائڻ لاءِ شام جو ميدان ۾ ونجهه وٽي، والي بال، ڪوڏي ڪوڏي، ملهه ۽ ڪرڪيٽ راند کيڏندا آهن.
۵. اوطاقن تي مرد ڪچهريون ڪندا آهن اڪثر رات واري ماني کانپوءِ ڳوٺ جي اوطاقن تي سڀ ڳوٺ وارا گڏجي ملڪي حالتن، ادبي، سياسي، سماجي ۽ معاشي حالتن بابت هڪ ٻئي سان ويچار ونڊيندا آهن. رات جو دير تائين نوجوان، بزرگ ۽ ٻار اوطاق ۾ ويهي لوڪ ڪهاڻيون، ادبي ڳالهيون، لطيفا، ڳجهارتون، پهاڪا، شعر و شاعري، بادشاهن ۽ وزيرن جون دلچسپ ڪهاڻيون هڪ ٻئي کي ٻڌائي پيا دِل وندرائيندا آهن. خاص طور تي جڏهن ڪو

مهمان ايندو آهي ته سڀ ڀوٽ وارا اوطاق تي پوري رات ڪچهري ڪرڻ لاءِ گڏ ٿيندا آهن.

(ج)هيٺين لفظن جي معنيٰ لکي جملا ٺاهيو.

لفظ	معنيٰ	جملا
سڀاجهڙا	معصوم	ڀوٽاٽا ماڻهو ڏاڍا سڀاجهڙا هوندا آهن.
مکڙ	مکھن	ڀوٽ وارا صبح جي ماني مکڙ سان کائيندا آهن.
سالم	تندرست	تازي ۽ خالص غذا کائڻ سان صحت سالم رهندي آهي.
جهوپڙا	جھونپڑے	ڀوٽ وارن جا جهوپڙا بہ بي حد سهڻا هوندا آهن.
لاڏا	شادی کے گیت	ڀوٽاٽيون عورتون شادين ۾ لاڏا ڳائيندیون آهن.
سُگهڙ	شاعر	اسان جي ملاقات هڪ سُگهڙ سان ٿي.

(د)هيٺِن لفظن جا ضد لکو.

لفظ	ضد	لفظ	ضد
حق	ناحق	گهاٽا	چڀا/ هلڪا
سچ	ڪوڙ	پراٽا	نوان
ڪامياب	ناڪام		

(ه) ضمير موصول جا جملا

١. هي پريشان آهي جو هن جي پين گم ٿي وئي آهي.
٢. هي اهو ڇوڪرو آهي جنهن جي تو کي ڀُولا هئي.
٣. هيءَ اها ئي پين آهي جيڪا مون کي تحفي ۾ ملي.

سرگرمي

- سبق جي مشق جو ڪم ڪلاس ورڪ ڪاپيءَ ۾ لکرايو ويندو.
- هن سبق ۾ ڪهڙيون خاص ڳالهيون آهن، شاگردن کي ان بابت پنهنجي خيالن جو اظهار ڪرڻ جو موقعو ڏنو ويندو. جنهن شاگرد جو جواب بهتر هوندو ان کي شاباش ڏني ويندي.
- شاگرد پنهنجا پنهنجا گروپ ٺاهي ڀوٽاٽي زندگيءَ تي پاڻ ۾ گفتگو ڪريو ۽ اتي ڪهڙا مسئلا آهن انهن جو ڪهڙو حل نڪري سگهي ٿو. اهي ڳالهيون سيني شاگردن سان وڊيو.
- پاٽيءَ جي اهميت، ضرورت ۽ استعمال بابت اهم معلومات حاصل ڪري هڪ چارٽ تي لکي ڪلاس جي سوفٽ بورڊ تي لڳايو. شاگردن کي "ڀوٽاٽي زندگي" تي مضمون لکي اچڻ جي هدايت ڪريو.

سبق پندرهون

ابو ريحان البيروني

سکيا جي حاصلات

- ڪمپيوٽر ۾ انٽرنيٽ تي مليل مختلف معلومات کي سمجهي پڙهي سگهي.
- ڪنهن به عبارت موجب چو، چا، ڪيئن ۽ ڪڏهن جهڙن سوالن جا جواب لکي سگهي.
- پارن جا رسالا ۽ ڪتاب پڙهي پاڻ ۾ تخليقي اظهار ڪري سگهي.
- پارن جي ادبي، سائنسي ۽ تعليمي ميلن ۾ شريڪ ٿي حصو وٺي سگهي.

خاص مقصد:

- نَوَن لفظن جي ڄاڻ حاصل ڪري سگهي.
- سبق جي مشق جا جواب پاڻ سمجهي ۽ لکي سگهي.
- سبق جو مرڪزي خيال لکڻ جي صلاحيت پيدا ٿي سگهي.
- مذڪر ۽ مؤنث لفظن جي سُجاڻ ڪري سگهي.

امدادي سامان:

- سنڌي ڪتابُ ۷، صفحو نمبر ۵۲ – ۵۵
- بليڪ بورڊ/وائيٽ بورڊ
- سنڌي ڊڪشنري
- فلئش ڪارڊ

پيريڊن جو تعداد:

۳ عدد

سِکيا جو طريقو:

- شاگردن کان ذهني آمادگيءَ جا جيڪي سوال ڪيا وڃن، استادن کي انهن سوالن جي جوابن ڏيڻ ۾ شاگردن جي رهنمائي ۽ حوصلا افزائي ڪرڻ گهرجي ته جيئن شاگرد درست جواب ڏيڻ ۾ ڪا به ڏکيائي محسوس نه ڪن. جيڪڏهن ڪو شاگرد غلط جواب ڏئي ٿو ته ان جي رهنمائي ڪندي ان سوال جو درست جواب ٻڌايو وڃي.
- شاگردن کان آمادگيءَ جا سوال ڪيا ويندا.
- سبق جو اعلان ڪرڻ کان پوءِ، سبق جي بلند خواني ڪئي ويندي، هڪ هڪ عبارت جي آسان ۽ واضع لفظن ۾ وضاحت ڪئي ويندي، ان سان گڏ ڏکين لفظن جي معنيٰ پڻ سمجهائي ويندي. بلند خواني دوران شاگردن جي توجهہ سبق طرف

ڪرائڻ لاءِ انهن کان مختلف سوال ڪيا ويندا.

- سبق جي بلند خوانيءَ کان پوءِ ڪلاس جي مختلف شاگردن کان هڪ هڪ عبارت جي بلند خواني ڪرائي ويندي. غلطين جي صورت ۾ سندن رهنمائي ڪئي ويندي ۽ جيڪي شاگرد بهتر انداز ۾ بلند خواني ڪندا انهن کي شاباس ڏني ويندي.
- سبق جي بلند خواني کان پوءِ ڪلاس جي مختلف شاگردن کان مشڪل لفظن جي معنيٰ پڙهڻ ڪئي ويندي.
- بورڊ تي مشق جو ڪم لکي مختلف شاگردن کان پڙهايو ويندو. بعد ۾ ڪين ڪاپيءَ ۾ لکڻ جي هدايت ڪئي ويندي.

سبق جي متعلق ڪجهه سوال

۱. ابو ريحان البيروني ڪڏهن وفات ڪئي؟
۲. هندوستان جا عالم ابو ريحان البيروني کي ڪهڙي نالي سان سڏيندا هئا؟
۳. ابو ريحان کي البيروني ڇو چيو ويندو آهي؟

حل ٿيل مشق

(الف)صحيح ۽ غلط جملن جي سُجاڻ

۱. صحيح
۲. غلط
۳. صحيح
۴. غلط
۵. غلط

(ب)سوالن جا جواب:

۱. ابو ريحان محمد بن احمد البيروني ترڪستان جي مشهور شهر "خوارزم" جي هڪ ننڍڙي ڳوٺ "بيرون" ۾ تاريخ ۴ سيپٽمبر ۹۷۳ع تي جنم ورتو.
۲. علم طبيعيات ۾ البيروني ميڪانڪيت ۾ تجرباتي سائنسي طريقي کي متعارف ڪرايو ۽ ميڪانيڪي سائنس ۾ سڪون ۽ حرڪت کي ملائڻ جو خيال پيش ڪيو. هن پاڻياڻي سڪون کي حرڪت سان ملائي پاڻياڻي حرڪت کي پيدا ڪيو. هن وزن ۽ ڪشش ثقل کي جاچڻ جا نوان طريقا متعارف ڪرايا.
۳. البيروني "ڪتاب الهند" ۾ سنڌي رسم الخط ۽ سنڌي ڪئلينڈر جو ذڪر ڪيو آهي، ان کان سواءِ "، هن ڪتاب ۾ ان وقت سنڌ ۾ لاڳو ڏينهن، مهينن ۽ عام شين جا مشهور نالا لکيا آهن، جيڪي خاص طرح سنڌي هولي ۽ سان لاڳاپيل آهن.
۴. ابو ريحان محمد بن احمد اٽڪل ۱۴۶ ڪتاب لکيا آهن.
۵. بوعلي سينا البيروني جا مشهور شاگرد ٿي گذريا آهن.
۶. ابو ريحان محمد بن احمد تاريخ ۰۹ ڊسمبر ۱۰۴۸ع تي غزنيءَ ۾ هن فاني دنيا مان لاڏاٽو ڪري ويو.

(ج) هيٺين لفظن جي معنيٰ لکي جملا ٺاهيو.

لفظ	معنيٰ	جملا
ڳچ	بہت زیادہ	ڳچ عرصي کان پوءِ برسات پئي آهي.
ڪُنڊ ڪڙڇ	کونے کونے	دنيا جي ڪُنڊ ڪڙڇ ۾ مسلمان آباد آهن.
تهذيب ۽ تمدن	تہذیب وتمدن	انسان کي تهذيب ۽ تمدن جي مطابق زندگي گذارڻ گهرجي.
لاڳيتو	مسلسل	اسان لاڳيتو محنت ڪرڻ سان ضرور ڪاميابي ماڻيندا سين.
پوئلڳ	پیروکار	اسين حضرت محمد رسول الله خَاتَم النَّبِيِّين صَلَّي اللهُ عَلَيهِ وَعَليٰ آلِهٖ وَ اَصحَابِهٖ وَسَلَّم جا پوئلڳ آهيون.
لاڏاڻو	انتقال	احمد ننڍڙي ڄمار ۾ لاڏاڻو ڪري ويو.

(د) مذڪر ۽ مؤنث لفظن جي سُجاڻ.

١. عورتَ
٢. خدمتَ
٣. نصيحتَ
٤. عزتَ
٥. طاقتَ
٦. راحتَ
٧. رحمتَ
٨. فطرتَ
٩. عظمتَ
١٠. شهرتَ

(ھ) ضمير استفهام جا جملا

١. ڪهڙو شاگرد غير حاضر آهي؟
٢. بورڊ ڪنهن خراب ڪيو آهي؟
٣. ڪنهن جو ڪتاب چوري ٿيو آهي؟
٤. مهمانن کي اچڻ ۾ ڪيترو وقت لڳندو؟
٥. هيءُ ڪتاب ڪنهن جو آهي؟

سرگرمي

- سبق جي مشق جو ڪم ڪلاس ورڪ ڪاپيءَ ۾ لکرايو ويندو.
- هن سبق ۾ ڪهڙيون خاص ڳالهيون آهن، شاگردن کي ان بابت پنهنجي خيالن جو اظهار ڪرڻ جو موقعو ڏنو ويندو. جنهن شاگرد جو جواب بهتر هوندو ان کي شاباش ڏني ويندي.
- اسڪول ۾ ٽيندڙ سائنس ايگزيبيشن ۾ سائنس بابت ڪو به هڪ پراجيڪٽ تيار ڪندا.
- اخبار، رسالي، ڪتابن يا گوگل تان ڪن به ٻن مسلمان سائنسدانن جي زندگيءَ بابت معلومات گڏ ڪري انهن مان ڪنهن به هڪ تي مضمون پنهنجي ڪاپيءَ ۾ لکي ايندا.

سبق سورهون

منڙي ٻولي (نظم)

سکيا جي حاصلات

- ڀاکن ۾ چوٽين کي ٻڌي مفهوم سمجهي سگهي.
- گيت ٻڌي ان جي سمجهاڻي ۾ مرڪزي خيال کي پنهنجن لفظن ۾ بيان ڪري سگهي.
- شعر ۾ قافيي جي سُجاڻپ ڪري سگهي.
- ڀاکي جي مفهوم کي سمجهي سگهي.
- مزاحيہ نظم پڙهي پنهنجي راءِ ڏئي سگهي.

خاص مقصد:

- نَوَن لفظن جي ڄاڻ حاصل ڪري سگهي.
- بيتن جون سمجهاڻيون سمجهي ۽ لکي سگهي.
- نظم جو مرڪزي خيال لکڻ جي صلاحيت پيدا ٿي سگهي.
- قافيي جي تعريف سمجهي سگهي.
- ڏکين لفظن جي معنيٰ ۽ مفهوم سمجهي سگهي.

امدادي سامان:

- سنڌي ڪتابُ ۷، صفحو نمبر ٥٦ – ٥٨
- بليڪ بورڊ/وائيٽ بورڊ
- سنڌي ڊڪشنري
- فلئش ڪارڊ

پيريڊن جو تعداد:

۲ عدد

سِکيا جو طريقو:

- شاگردن کان آمادگيءَ جا سوال ڪيا ويندا.
- نظم (موسم) جو اعلان ڪرڻ کان پوءِ، نظم لفظن جي درست ادائيگي سان گڏ پڙهيو ويندو. ان سان گڏ ڏکين لفظن جي معنيٰ پڻ سمجهائي ويندي. بلند خواني دوران شاگردن جي توجہ سبق طرف ڪرائڻ لاءِ انهن کان مختلف سوال ڪيا ويندا.
- نظم جي بلند خواني کان پوءِ ڪلاس جي مختلف شاگردن کان نظم پڙهايو ويندو. لفظن جي درست ادائيگي تي سندن

ساراھ ڪئي ويندي ۽ جيڪي شاگرد پڙھڻ دوران لفظن جو اُچار غلط پڙھڻ، انھن جي ناصحاڻي انداز ۾ رھنمائي ڪئي ويندي.

- نظم جي مشق ۾ لکيل سوالن جا جواب پھرين شاگردن کان پڇا ڪيا ويندا، جيڪي شاگرد درست جواب ڏيندا اھي جواب بورڊ تي لکيا ويندا ۽ درست جواب ٻڌائيندڙ شاگردن کي شاباس ڏني ويندي.
- بورڊ تي مشق جو ڪم لکي مختلف شاگردن کان پڙھايو ويندو. بعد ۾ ڪين ڪاپيءَ ۾ لکڻ جي ھدايت ڪئي ويندي.

نظم جي متعلق ڪجھ سوال

١. نظم ۽ غزل ۾ ڪھڙو فرق آھي؟
٢. قافيي جو مطلب ڇا آھي؟
٣. چوٽي ۽ پھاڪي ۾ ڪھڙو فرق آھي؟

شاعر جو تعارف

اياز قادري نامياروشاعر، افسانہ نگار، ڪھاڻيڪار ۽ ماھر تعليم ھو. ھو ١٩ جنوري ١٩٢٧ع تي لاڙڪاڻي جي مشھور قادري خاندان ۾ ڄائو. سندس پيءُ جو نالو فقير غلام سرور قادري ھو. جيڪو پڻ غزل جو سٺو شاعر ھو. اياز قادريءَ لاڙڪاڻي مدرسہ ھاءِ اسڪول مان مئٽرڪ ڪرڻ بعد ڪراچيءَ مان بي اي (آنرس)، ايم اي (فارسي)، ايم اي (سنڌي) ۽ ايل ايل بيءَ جون ڊگريون حاصل ڪيون. ھن سنڌي غزل جي اوسر تي پي ايڇ ڊي جو مقالو علامہ غلام مصطفيٰ قاسميءَ جي نگرانيءَ ۾ لکي، ڊاڪٽريءَ جي سَند حاصل ڪئي. -اياز قادري- ١٩٥٠ع کان ١٩٧٠ع تائين ايس ايم. ڪاليج ڪراچيءَ ۾ ليڪچرر رھيو. ١٩٧١ع ۾ ڪراچي يونيورسٽيءَ جي سنڌي شعبي جو پھريون چيئرمين مقرر ٿيو ۽ ڏھن سال تائين انھيءَ عھدي تي فائز رھيو. پاڻ ڪراچي يونيورسٽيءَ ۾ "شاھ لطيف چيئر" جو باني ڊائريڪٽر پڻ رھيو. پاڻ سنڌي زبان جي چوٽيءَ جي ڪھاڻيڪار ۽ مان ھو. سندس چونڊ افسانن جو مجموعو "بِلو دادا" جي عنوان سان ١٩٥٦ع ۾ ڇپيو. ڊاڪٽر اياز قادري ١٥ ڊسمبر ١٩٩٧ع تي وفات ڪئي ۽ ڪيس لاڙڪاڻي ۾ اباڻي ڳوٺ ۾ دفن ڪيو ويو.

حل ٿيل مشق

(الف) ھيٺ ڏنل مصرعہ مڪمل ڪريو.

١. ماءُ جي
٢. گولي
٣. چاٽا
٤. ساميءَ
٥. مستي

(ب) سوالن جا جواب:

١. هن نظم جي شاعر جو نالو اياز قادري آهي.

٢. هي نظم شاعريءَ مطابق مخمص آهي.

٣. شاعر هن نظم جي پهرين بند ۾ اها نصيحت ڪئي آهي ته منهنجي سنڌي ٻولي دنيا جي سڀني ٻولين کان منڌي ٻولي آهي ڇاڪاڻ ته انهيءَ ٻوليءَ ۾ مونکي امڙ جي لولي ملي آهي ۽ آءُ ان ئي منڌي ٻوليءَ ۾ پهريون پيرو ٻاتڙي انداز ۾ ڳالهائڻ شروع ڪيو هو. اها ٻولي منهنجي لاءِ تمام گهڻي اهميت ٿي رکي.

٤. هن نظم ۾ شاعر اهو پيغام ڏنو آهي ته هر انسان جي لاءِ ان جي مادري ٻولي تمام منڌي ۽ پياري ٻولي هوندي آهي. اسان جي منڌي ۽ پياري ٻولي سنڌي ٻولي آهي. سنڌي ٻوليءَ جو هڪ هڪ اکر تمام منڌو، پيارو ۽ سُريلو آهي. سنڌي ٻولي شاهه لطيف، سچل ۽ ساميءَ جي ٻولي آهي ڇاڪاڻ ته انهن عظيم شاعرن سنڌي ٻوليءَ لاءِ بيحد جاکوڙ ڪئي ۽ دنيا ۾ سنڌي ٻوليءَ کي متعارف ڪرائڻ ۾ اهم ڪردار ادا ڪيو. سنڌي ٻوليءَ ۾ اسان کي جيجل لوري ڏئي اها ٻولي سيکاري اسان لاءِ سڀ کان وڌ پياري ٻولي سنڌي ٻولي آهي.

(ج) هيٺين لفظن جي معنيٰ لکي جملا ٺاهيو.

لفظ	معنيٰ	جملا
منڌي	میٹھی	سنڌي ٻولي تمام منڌي ٻولي آهي.
چاٽا	پیڑے	امڙ مکڻ جا چاٽا ٺاهي رکيا آهن.
ٻولي	بولی/زبان	سنڌي ٻوليءَ جو رسم الخط بيحد سهڻو آهي.
پياري	پیاری	اسان جي ٻولي اسان کي پياري آهي.
نقطا	نقطے	سنڌي ٻوليءَ جي اکرن ۾ نقطا تمام گهڻا آهن.

(د) قافيو

١. واري بهاري

٢. ٻولي لولي

(ه) پهاڪا ۽ چوٽيون

نمبر	پهاڪا	معنيٰ
١	اها زبان ڇانوَ ۾ ٻه ويهاري ته اُسَ ۾ ٻه	انسان اخلاق سان ئي عزت حاصل ڪري ٿو.
٢	آئي تانڊو ڪٽڻ ٿي وئي بورڇاٽي	ڏوڪي سان سين مٽان حاوي ٿي وڃڻ.
٣	ٻه گدرا هڪ مُٺ ۾ نه ماپن	هڪ وقت ۾ ٻه ڪم نه ٿا ڪري سگهجن.
۴	ٻليءَ کي خواب ۾ ڇيڇڙا	دل ۾ اها حسرت رکڻ جيڪا وسَ کان ٻاهر هجي.
۵	تاڙي هڪ هٿ سان ناهي وڄندي	ٻڌيءَ ۾ وڏي طاقت آهي.

(و) مبتدا ۽ خبر

جملو	مبتدا	خبر
فراز لکي ٿو.	فراز	لکي ٿو.
شاگردُ ڊوڙي ٿو.	شاگردُ	ڊوڙي ٿو.
پکي اُڏامن ٿا.	پکي	اُڏامن ٿا.
ٻار کيڏن ٿا.	ٻارَ	کيڏن ٿا.
نديم روئي ٿو.	نديم	روئي ٿو.

(ز) سنڌي ٻولي مادري ٻولي

سنڌي، دنيا جي قديم ٻولين مان هڪ آهي، جيڪا برصغير ۾ سنڌ جي پنهنجي قديم ٻولي آهي ۽ هندستان جي ڪن مخصوص هنڌن سميت دنيا جي ڪيترن ئي ملڪن ۾ ڳالهائي ويڄي ٿي. جديد تحقيق موجب هيءَ ٻولي سنڌ جي مٿيءَ جي خمير مان ڦٽي نڪتي آهي، جنهن جو بنياد سنڌو ماڙ جي تهذيب سان جڙيل آهي. سنڌ جي نامياارن عالمن ۽ اديبن سميت انگريز ۽ جرمن عالمن توڙي فن لئنڊ، فرانس، رشيا ۽ ٻين ملڪن جي ماهرن ٻ سنڌي ٻوليءَ جي اصل نسل جي ڪوج بابت ڪيترائي نظريا پيش ڪيا آهن، جيڪي سنڌي ٻوليءَ جو بنياد معلوم ڪرڻ لاءِ نهايت ڪارائتا رهيا آهن. سنڌي ٻوليءَ جي بڻ بڻياد بابت جيڪا راءِ حتمي سمجهي وڃي ٿي ۽ هلندڙ دور جي اهم عالمن اُن تي اتفاق ڏيکاريو آهي، سا اها آهي تہ سنڌي ٻوليءَ جون پاڙون سنڌو ماڙ جي تهذيب ۾ ڪتل آهن. موجوده سنڌي ٻوليءَ جو بڻ بڻياد ٻ سنڌو ماڙ واري اها قديم ٻولي آهي، جيڪا قديم زماني ۾ هتان جا ماڙهو پنهنجي روزمرهہ جي ڪاروهنوار، اُٺڻي ويهڻي ۽ وڻج واپار جي ڏي وڻ ۾ ڪتب آڻيندا هئا. اهي لوڪ ۽ سندن تهذيب ۽ تمدن هن وادي ۾ ٻاهران لڏي آيل لوڪن کان الڳ آهي. هي ماڙهو هتان جا اصلوڪا ۽ بنيادي رهاڪو آهن. سنڌي ٻولي هن سرزمين سنڌ تي انهن لوڪن ۽ سماج جي اوسر سان گڏ اُپري، اُسري، وڌي ۽ ويجهي آهي.

سنڌي ٻولي پاڪستان ۾ ڳالهائجندڙ ٻولين مان هڪ مڪيہ ادبي ۽ تعليمي ٻولي آهي، جنهن تي ڪافي تحقيق ٿي آهي ۽ هيءَ ٻولي دنيا جي سڌريل ۽ ادبي علمي ذخيري سان مالامال ٻولين جي صف ۾ شمار ٿئي ٿي. سنڌي ٻولي صوتي لحاظ کان ڀرپور ۽ رڇيل ٻولي آهي، جنهن ۾ دنيا جي اڪثر ٻولين جا اچار اُچارجي سگهن ٿا.. موجوده سنڌ اندر سنڌي ٻوليءَ جا هيٺيان مڪيہ لهجا مڃيا وڃن ٿا. جن مان وري ڪي مقامي لهجا جڙن ٿا. مڪيہ لهجن ۾:

۱. اترادي يعني سَري لي
۲. وچولي
۳. لاڙي
۴. ٿري

۵. ڪوهستاني

۶. ڪچ

ان کان سواءِ "لاسي" بہ سنڌيءَ جو لهجو آهي. سنڌي ٻولي سڌريل ٻولين جيان هڪ ئي منتخب رسم الخط ۾ لکي، ڳالهائي ۽ سمجهي وڃي ٿي. ادب ۽ عام رابطي جي لحاظ کان ان ۾ مرڪزيت قائم آهي. ان کان سواءِ سنڌ کان ٻاهر ڪچي، ڪاڻياواڙي، فراکي، ڪيتراني سنڌي ٻوليءَ جا مکيہ لهجا آهن.

ڈاڪٽر سيما ابڙو

مخمس جي تعريف

مخمس جي معنيٰ "پنج"، هيءُ لفظ عربيءَ جي خمس مان نڪتل آهي. جنهن جي معنيٰ آهي پنج ڪُنڊويا پنج. هيءَ شاعراڻي صنف آهي، جنهن جي هر بند ۾ پنج سِٽون هوندیون آهن. پهرين بند جون پنج ئي سِٽون هم قافيہ هوندیون آهن ۽ ٻين بندن ۾ شروعاتي چار سِٽون هم قافيہ ۽ پڇاڙيءَ واري يعني پنجين سِٽ پهرين بند جي پڇاڙيءَ واري سِٽ سان هم قافيہ هوندي آهي. هِن قسم جا شعر اڪثر ڪري قصن، ڪهاڻين يا ڪنهن بياني مضمون لاءِ چيا ويندا آهن.

سرگرمي

- نظم جي خوشخطي ڪلاس ورڪ ڪاپيءَ ۾ لکرائي ويندي.
- ڪلاس جي شاگردن کان نظم جي بلند خواني ڪرائي ويندي. بهتر انداز ۾ بلند خواني ڪرڻ بابت شاگردن ۾ مقابلو ڪرايو ويندو.
- ٻارن جي لاءِ اخبارن، رسالن، ڪتابن يا گوگل تان مزاحيہ شاعري ڳولا ڪري پاڻ وٽ نوٽ ڪيو ۽ اها مزاحيہ شاعري ڪلاس ۾ شاگردن آڏو پڙهي ٻڌايو.

سبق سترهون

فٽ بال راند

سکيا جي حاصلات

- پنهنجي والدين، مائٽن، دوستن ۽ استادن ڏانهن خط لکي سگهي.
- پنهنجن مشاهدن ۽ خيالن کي پئرائن جي صورت ۾ ترتيبوار لکي سگهي.
- پنهنجن مشاهدن ۽ خيالن لکڻ وقت زبان جي صحت جو خيال رکي سگهي.
- خط جي حصن کي آڏو رکي پنهنجي والدين، رشتيدارن ۽ دوستن يا استادن کي خط لکي سگهي.
- غير رسمي خط لکي سگهي.
- آکاڻي، مضمون نويسي، تقريري مقابلن، مصوري، موسيقي، راندين جي مقابلن ۽ چٽا پيٽين ۾ حصو وٺي ۽ انهن جو احوال لکي ۽ پڙهي سگهي.

خاص مقصد:

- نَوَن لفظن جي ڄاڻ حاصل ڪري سگهي.
- سبق جي مشق جا جواب پاڻ سمجهي ۽ لکي سگهي.
- سبق جو خلاصو يا مرڪزي خيال لکڻ جي صلاحيت پيدا ٿي سگهي.
- واحد لفظن کي جمع ۾ ۽ جمع لفظن کي واحد ۾ تبديل ڪري سگهي.

امدادي سامان:

- سنڌي ڪتابُ ۷، صفحو نمبر ۵۹ – ۶۲
- بليڪ بورڊ/وائيٽ بورڊ
- سنڌي ڊڪشنري
- فلئش ڪارڊ

پيريڊن جو تعداد:

۳ عدد

سِکيا جو طريقو:

- شاگردن کان ذهني آمادگيءَ جا جيڪي سوال ڪيا وڃن، استادن کي انهن سوالن جي جوابن ڈيڊ ۾ شاگردن جي رهنمائي ۽ حوصلا افزائي ڪرڻ گهرجي تہ جيئن شاگرد درست جواب ڈيڊ ۾ ڪا بہ ڏکيائي محسوس نہ ڪن. جيڪڏهن ڪو شاگرد غلط جواب ڏئي ٿو تہ ان جي رهنمائي ڪندي ان سوال جو درست جواب ٻڌايو وڃي.
- شاگردن کان آمادگيءَ جا سوال ڪيا ويندا.

- سبق جو اعلان ڪرڻ کان پوءِ، سبق جي بلند خواني ڪئي ويندي، هڪ هڪ عبارت جو آسان ۽ واضع لفظن ۾ وضاحت ڪئي ويندي، ان سان گڏ ڏکين لفظن جي معنيٰ پڻ سمجهائي ويندي. بلند خواني دوران شاگردن جي توجہ سبق طرف ڪرائڻ لاءِ انهن کان مختلف سوال ڪيا ويندا.
- سبق جي بلند خوانيءَ کان پوءِ ڪلاس جي مختلف شاگردن کان هڪ هڪ عبارت جي بلند خواني ڪرائي ويندي، غلطين جي صورت ۾ سندن رهنمائي ڪئي ويندي ۽ جيڪي شاگرد بهتر انداز ۾ بلند خواني ڪندا انهن کي شاباس ڏني ويندي.
- سبق جي بلند خواني کان پوءِ ڪلاس جي مختلف شاگردن کان مشڪل لفظن جي معنيٰ پڻ پڇا ڪئي ويندي.
- بورڊ تي مشق جو ڪم لکي مختلف شاگردن کان پڙهايو ويندو. بعد ۾ ڪين ڪاپيءَ ۾ لکڻ جي هدايت ڪئي ويندي.

سبق جي متعلق ڪجهہ سوال

١. فٽ بال راند جي ميدان جي ٻيگهہ ڪيتري هوندي آهي؟
٢. ڇٽ بال راند ۾ گهٽيون ٽوليون هونديون آهن؟
٣. پيلي رنگ جو ڪارڊ راندگر کي ڇو ڏيکاريو ويندو آهي؟

حل ٿيل مشق

(الف) گهڻ چونڊائتا سوال.

١. راند
٢. قومي راند
٣. گول ڪيپر
۴. صوبي
۵. ٽولي

(ب) سوالن جا جواب:

١. فٽ بال راند ۾ ٻہ ٽوليون ٿيندیون آهن، هر هڪ ٽوليءَ ۾ يارهن يارهن راندگر ٿيندا آهن.
٢. فوٽ بال راند جو ميدان ١٠٠ فوٽ ڊگهو ۽ ۵٠ فوٽ ويڪرو ٿيندو آهي.
٣. فٽ بال راند پراٽي دور کان جرمني، جپان، آسٽريليا، اٽلي، چين ۽ يونان ۾ کيڏي ويندي هئي.
۴. دنيا ۾ فٽ بال جو بين الا قوامي سطح تي مقابلو هر چئن سالن کان پوءِ ٿيندو آهي.
۵. جيڪڏهن ڪو راندگر راند جي دوران غلطي ڪندو آهي تہ ريفري سڀ کان پهريون کيس پيلي رنگ جو ڪارڊ ڏيکاري وارننگ ڏيندو آهي ۽ جيڪڏهن اهو راندگر ٻيهر ٻہ اُها ئي غلطي ڪندو آهي تہ پوءِ ريفري ان راندگر کي ڪجهہ دير لاءِ ميدان کان ٻاهر ڪڍي ڇڏيندو آهي.

(ج) هيٺين لفظن جي معنيٰ لکي جملا ٺاهيو.

لفظ	معنيٰ	جملا
ڪائنات	دنيا	هن ڪائنات جو خالق ۽ مالڪ هڪ الله آهي.
لطف اندوز	پرلطف ہونا	بهار جي مند ۾ هر انسان لطف اندوز ٿيڻ جي ڪوشش ڪندو آهي.
راندگر	کھلاڑی	فٽ بال راند ۾ هر ٽولي جا يارهن راندگر هوندا آهن.
ڏنڊ	جرمانہ	وعدو پورو نہ ڪرڻ سبب احمد دوست کي ڏنڊ پري ڏنو.
پوئواري	پیروی	اسان کي بزرگن جي نصيحتن جي پوئواري ڪرڻ گهر جي.

(د) هيٺين لفظن جا ضد لکو.

لفظ	ضد	لفظ	ضد
زنده	مُرده	نيڪي	برائي
گهٽو	ٿورو	اندر	ٻاهر
دوست	دشمن		

(ھ) واحد جمع

واحد	جمع
اڪِ	اڪيون
پٽِ	پٽيون
ڇٽِ	ڇٽيون
ماساتِ	ماساتيون
سوٽِ	سوٽيون

سرگرمي

- سبق جي مشق جو ڪم ڪلاس ورڪ ڪاپيءَ ۾ لکرايو ويندو.
- هن سبق ۾ ڪهڙيون خاص ڳالهيون آهن، شاگردن کي ان بابت پنهنجي خيالن جو اظهار ڪرڻ جو موقعو ڏنو ويندو. جنهن شاگرد جو جواب بهتر هوندو ان کي شاباش ڏني ويندي.
- دوست ڏانهن هڪ خط لکو جنهن ۾ ڪيس راندين جي اهميت ٻڌائيندي راندين ۾ حصو وٺڻ جي هدايت ۽ مشورو ڏيو.
- دوست يا ڪنهن عزيز ڏانهن هڪ خط لکي ڪيس اسڪول پاران ٿيندڙ فٽ بال ميچ بابت ڪاميابي يا ناڪامي جي حقيقت کان آگاهي ڏيو ان کان سواءِ ميچ ۾ ڪهڙيءَ ريت ڪاميابي حاصل ٿي، ڪهڙن راندگرن ڪهڙا ڪارناما سر انجام ڏنا، اوهان کي ان ميچ مان ڇا سکڻ لاءِ مليو اهو مشاهدو پٽ دوست کي ٻڌائيندا.

سبق ارڙهون

مُدي جو تپُ

سکيا جي حاصلات

- لفظن ۾ ترکيبن کي ٻڌي استعمال ڪري سگهي.
- عبارت پڙهي ان کي عنوان ڏئي سگهي.
- بيهڪ جي نشانين (دم، ٽورو دم، اڌ دم، سوالیہ ڏنگين، واڪ جي نشانين) جو درست استعمال ڪري سگهي.
- صحت جي حفاظت، وبائي بيمارين (ڪرونا ۾ ٻين پکڙجندڙ بيمارين وغيره) جي بابت ڄاڻي ۾ ان کان بچاءَ بابت اُپاءَ ونڊي سگهي.
- پنهنجي ذاتي حفاظت بابت ڄاڻ حاصل ڪري سگهي.

خاص مقصد:

- نَوَن لفظن جي ڄاڻ حاصل ڪري سگهي.
- سبق جي مشق جا جملا پاڻ سمجهي ۾ لکي سگهي.
- سبق جو مرڪزي خيال لکڻ جي صلاحيت پيدا ٿي سگهي.
- ترکيب ۾ حرف جر جي وصف سمجهي انهن بابت لفظن جي سُجاڻ ڪري سگهي.

امدادي سامان:

- سنڌي ڪتابُ ۷، صفحو نمبر ٦٣ – ٦٦
- بليڪ بورڊ/وائيٽ بورڊ
- سنڌي ڊڪشنري
- فلئش ڪارڊ

پيريڊن جو تعداد:

۳ عدد

سِکيا جو طريقو:

- شاگردن کان ذهني آمادگيءَ جا جيڪي سوال ڪيا وڃن، استادن کي انهن سوالن جي جوابن ڏيڻ ۾ شاگردن جي رهنمائي ۾ حوصلا افزائي ڪرڻ گهرجي تہ جيئن شاگرد درست جواب ڏيڻ ۾ ڪا بہ ڏکيائي محسوس نہ ڪن. جيڪڏهن ڪو شاگرد غلط جواب ڏئي ٿو تہ ان جي رهنمائي ڪندي ان سوال جو درست جواب ٻڌايو وڃي.
- شاگردن کان آمادگيءَ جا سوال ڪيا ويندا.
- سبق جو اعلان ڪرڻ کان پوءِ، سبق جي بلند خواني ڪئي ويندي، هڪ هڪ عبارت جي آسان ۾ واضع لفظن ۾ وضاحت

ڪئي ويندي. ان سان گڏ ڏکين لفظن جي معنيٰ پڻ سمجھائي ويندي. بلند خواني دوران شاگردن جي توجہ سبق طرف ڪرائڻ لاءِ انھن کان مختلف سوال ڪيا ويندا.

- سبق جي بلند خوانيءَ کان پوءِ ڪلاس جي مختلف شاگردن کان ھڪ ھڪ عبارت جي بلند خواني ڪرائي ويندي. غلطين جي صورت ۾ سندن رھنمائي ڪئي ويندي ۽ جيڪي شاگرد بھتر انداز ۾ بلند خواني ڪندا انھن کي شاباس ڏني ويندي.
- سبق جي بلند خواني کان پوءِ ڪلاس جي مختلف شاگردن کان مشڪل لفظن جي معنيٰ پڻ پڇا ڪئي ويندي.
- بورڊ تي مشق جو ڪم لکي مختلف شاگردن کان پڙھايو ويندو. بعد ۾ ڪين ڪاپيءَ ۾ لکڻ جي ھدايت ڪئي ويندي.

سبق جي متعلق ڪجھہ سوال

١. مدي جو تپ ڪھڙي جيوڙي جي سبب ٿيندو آھي؟
٢. مُدي جي تپ جون ڪي بہ بہ نشانيون ٻڌايو؟
٣. مُدي جي تپ کي انگريزي ٻوليءَ ۾ ڇا چيو ويندو آھي؟

حل ٿيل مشق

(الف) گھڻ چونڊائتا سوال.

١. بروقت
٢. آرام
٣. اُباري
۴. رات جو
۵. تِري

(ب) سوالن جا جواب:

١. مدي جي بخارکي انگريزيءَ ۾ Typhoid Fever چيو ويندو آھي.
٢. مُدي جو بخار گھٽو ڪري گندگي، گندي پاڻيءَ، خراب ۽ ٻاھر جي غير معياري کاڌن جي استعمال سبب ٿئي ٿو.
٣. مُدي جي بخار ڪارڻ مريض کي بخار ٿيندو آھي، بخار بہ آھستي آھستي تيز ٿي ويندو آھي. بخار ڏينھن جي مقابلي ۾ رات جو وڌيڪ تيز ٿي ويندو آھي، مريض سُستي محسوس ڪندو آھي، ھر وقت جسم ۽ ٽَنگُن ۾ سُور ٿيندو آھي. کڏھن کنگھہ بہ ٿيندي آھي ۽ نَڪ مان رتُ بہ وھندو آھي. مريض کي پيٽ ۾ سور بہ ٿيندو آھي، ان کان سواءِ قبضي يا دست بہ ٿيندا آھن، دل ڪچي پڻ ٿيندي آھي. جيتوڻيڪ بخار تيز ٿيندو آھي پر نبض جي رفتار گھٽ ٿي ويندي آھي. ھڪ ھفتي کان پوءِ پيٽ تي ۽ پُنيءَ تي ڳاڙھي رنگ جا داغ ظاھر ٿيندا آھن.
۴. مدي جي تپ کان بچاءَ لاءِ ھيٺين ڳالھين تي عمل ڪرڻ گھرجي.

- پيئڻ جو پاڻي اُباري استعمال ڪرڻ گھرجي.
- پنھنجي گھر کي صاف ستڙو رکڻ گھرجي.

- سبزيون ۾ فروٽ ڏوئي صاف ڪري استعمال ڪرڻ گھرجي.
- غير معياري هوٽلن تي کاڌو نہ کائڻ گھرجي.
- مدي جي تپ جي حالت ۾ ٻاھريون شيون کائڻ کان مڪمل پرهيز ڪرڻ گھرجي.
- گھر جي سيني پاتين کي باٿ روم جي استعمال بعد هٽ باقائدگيءَ سان صاف ڪرڻ گھرجن.
- مُدي جي بخار جي سجاڻ لاءِ رت ۾ پيشاب جو ليبارٽريءَ مان ٽيست ڪرايو ويندو آهي. بيماريءَ جي سجاڻپ لاءِ رت جون ڪجھ خاص ٽيسٽون پڻ ڪيون ويندیون آهن.

(ج) هيٺين لفظن جي معنيٰ لکي جملا ٺاهيو.

لفظ	معنيٰ	جملا
جِيوڙا	جراثيم	مُدي جي بخار جا جِيوڙا خطرناڪ آهن.
ٽانوَ	برتن	کاڌي پيتي جا ٽانوَ صاف هجڻ گھرجن.
بيهوش	بےهوش	گرميءَ جي ڪري انسان بيهوش ٿي سگھي ٿو.
سُستي	کاهلي	نيڪ ڪم ڪرڻ ۾ سُستي نہ ڪرڻ گھرجي.
هلاڪت	موت	بر وقت علاج نہ ڪرائڻ سان هلاڪت ٿي سگھي ٿي.
ويجھڙائي	قريب	ويجھڙائيءَ ۾ اسين اسلام آباد گھمڻ ويندا سين.

(د) ترڪيب

١. احمد وٽ مِنو انب آهي.		٢. اڄ مون وٽ آءُ.	
احمد	اسم	اڄ	ظرف
وٽ	حرف جر	مون	ضمير
منو	صفت	وٽ	حرف جر
انب	اسم	آءُ	فعل
آهي	فعل		
٣. جو آيو سو اگھيو.		٤. هيءَ ڏيئي جي وٽِ آهي.	
جو	ضمير	هيءَ	ضمير
آيو	فعل	ڏيئي	اسم
سو	ضمير	جي	حرف جر
اگھيو	فعل	وٽِ	اسم
		آهي.	فعل

۵. هيءُ ڪتاب پارس جو آهي.	
هيءُ	ضمير
ڪتاب	اسم
پارس	اسم
جو	حرف جر
آهي	فعل

(ھ) حرف جر

۱. احمد ڪي بخار آهي.
۲. توهان جا مهمان اچي ويا آهن.
۳. سيما وٽ ٻہ موبائل فون آهن.
۴. هن جو گهر تمام پري آهي.
۵. هي اڪبر جو پاءُ آهي.

(و) ٻيهڪ جي نّشانين سان عبارت

ڪوٽ هجي يا شهر، هن جديد ترقي يافتہ ۽ سائنسي دور ۾ هر انسان تعليم يافتہ، باشعور، تهذيب يافتہ ۽ باڪردار آهي. اسان جو مُلڪ پاڪستان قدرتي نعمتن سان مالا مال آهي. ڪوٽ هجي يا شهر، هر جاءِ تي قدرت جي نعمتن جي ڪا ٻہ ڪمي نہ آهي. ائين چئجي تہ شهري زندگي ۽ ڪوناٽي زندگي ٻہ الله تعاليٰ جي انمول نعمتن مان هڪ نعمت آهي. اسان وٽ اڪثر شهر ۾ رهندڙ دوستن ۽ مٽن مائٽن جو ڪوناٽن دوستن ۽ مٽن مائٽن سان شهري ۽ ڪوناٽي زندگيءَ بابت هڪ بحث هلندو رهندو آهي.

سرگرمي

- سبق جي مشق جو ڪم ڪلاس ورڪ ڪاپيءَ ۾ لکرايو ويندو.
- هن سبق ۾ ڪهڙيون خاص ڳالهيون آهن، شاگردن کي ان بابت پنهنجي خيالن جو اظهار ڪرڻ جو موقعو ڏنو ويندو. جنهن شاگرد جو جواب بهتر هوندو ان کي شاباش ڏني ويندي.
- پيئڻ جي پاڻيءَ کي گهر ويني ڪهڙي ريت صاف ٻڌائي سگهجي ٿو، ان جو طريقو ڪلاس ۾ سيني شاگردن آڏو پيش ڪيو ۽ واضع لفظن ۾ سمجهايو.
- پنهنجي پاڙي جي ڪنهن ڈاڪٽر سان ملاقات ڪري ان کان ڦهلجندڙ مختلف وبائن ۽ انهن جي حفاظتي اپائن بابت معلومات حاصل ڪري ڪلاس ۾ شاگردن آڏو ٻڌايو.
- ترڪيبن بابت آسان لفظن ۾ سمجهايو. سبق جا ڏکيا ۽ نوان لفظ زباني سمجهائڻ سان گڏ ڪاپيءَ ۾ پڻ لکرايو.

سبق اوٽيهون

هوش محمد شيدي

سکيا جي حاصلات

- واقعن ۾ ڪهاڻين کي ٻڌي انهن جي ڪردارن بابت ٻڌائي سگهي.
- سبق پڙهي خلاصو لکي سگهي.
- درسي متن کان سواءِ ڪنهن به اڻڈٺل عبارت کي ٻڌي يا پڙهي سوالن جا جواب لکي سگهي.
- مختلف مضمون پڙهي انهن جي جُزن موجب پنهنجي راءِ لکي سگهي.
- صفت جي قسمن کي سمجهي جملن ۾ ڪم آڻي سگهي.
- ظرف ۾ ان جي قسمن کي سمجهي جملن ۾ استعمال ڪري سگهي.

خاص مقصد:

- نَوَن لفظن جي جاڻ حاصل ڪري سگهي.
- سبق جي مشق جا جواب پاڻ سمجهي ۾ لکي سگهي.
- سبق جو مرڪزي خيال لکڻ جي صلاحيت پيدا ٿي سگهي.
- واحد ۾ جمع جا طريقا سمجهي واحد لفظن کي جمع ۾ تبديل ڪري سگهي.

امدادي سامان:

- سنڌي ڪتابُ ۷، صفحو نمبر ٦٧ – ٧٠
- بليڪ بورڊ/وائيٽ بورڊ
- سنڌي ڊڪشنري
- فلئش ڪارڊ

پيريڊن جو تعداد:

۳ عدد

سِکيا جو طريقو:

- شاگردن کان ذهني آمادگيءَ جا جيڪي سوال ڪيا ويڃن، استادن کي انهن سوالن جي جوابن ڏيڻ ۾ شاگردن جي رهنمائي ۾ حوصلا افزائي ڪرڻ گهرجي تہ جيئن شاگرد درست جواب ڏيڻ ۾ ڪا بہ ڏکيائي محسوس نہ ڪن. جيڪڏهن ڪو شاگرد غلط جواب ڏئي ٿو تہ ان جي رهنمائي ڪندي ان سوال جو درست جواب ٻڌايو وڃي.
- شاگردن کان آمادگيءَ جا سوال ڪيا ويندا.

- سبق جو اعلان ڪرڻ کان پوءِ، سبق جي بلند خواني ڪئي ويندي، هڪ هڪ عبارت جي آسان ۽ واضع لفظن ۾ وضاحت ڪئي ويندي، ان سان گڏ ڏکين لفظن جي معنيٰ پڻ سمجھائي ويندي. بلند خواني دوران شاگردن جي توجہ سبق طرف ڪرائڻ لاءِ انھن کان مختلف سوال ڪيا ويندا.
- سبق جي بلند خوانيءَ کان پوءِ ڪلاس جي مختلف شاگردن کان ھڪ ھڪ عبارت جي بلند خواني ڪرائي ويندي، غلطين جي صورت ۾ سندن رھنمائي ڪئي ويندي ۽ جيڪي شاگرد بھتر انداز ۾ بلند خواني ڪندا انھن کي شاباس ڏني ويندي.
- سبق جي بلند خواني کان پوءِ ڪلاس جي مختلف شاگردن کان مشڪل لفظن جي معنيٰ پڻ پڇا ڪئي ويندي.
- بورڊ تي مشق جو ڪم لکي مختلف شاگردن کان پڙھايو ويندو. بعد ۾ ڪين کاپيءَ ۾ لکڻ جي ھدايت ڪئي ويندي.

سبق جي متعلق ڪجھہ سوال

١. ھوش محمد شيديءَ سنڌ جي سر زمين لاءِ ڪھڙو نعرو ھنيو ھو؟
٢. ھوش محمد شيدي سنڌ جي دربار ۾ ڪڏھن حاضر ٿيو؟
٣. ڪتاب "ڪانڪيوست آف سنڌ" ڪنھن جو لکيل آھي؟

حل ٿيل مشق

(الف) گھڻ چونڊائتا سوال.

١. بھادري ۽ سورھيائپ
٢. بيخوفيءَ سان
٣. ھوشو شيديءَ
٤. بيحد بيحد بھادر
٥. بارود کي

(ب) سوالن جا جواب:

١. ١٨٤٣ع تي انگريزن ۽ ٽالپرن وچ ۾ حيدرآباد جي ٻاھران ڏٻي واري ماڳ تي جنگ جو آغاز ٿيو. جيڪا اڳتي ھلي "ڏٻي واري جنگ" جي نالي سان مشھور ٿي.
٢. وليم نيپئر پنھنجي ڪتاب "دي ڪانڪيوست آف سنڌ" (سنڌ جي فتح) ۾ لکي ٿو تہ "ھوش محمد شيدي ذھني توڙي جسماني طور بيحد بھادر ھو. اھو بھادر انسان ميرن جو غلام ھوندي ٻين ميرن جي سپاھہ سان گڏجي غضب ۽ دھشت سان تيستائين وڙھندو رھيو. جيستائين سندس جسم ۾ آخري ساھ باقي ھو.
٣. ھوش محمد شيدي ١٨١١ع ڌاري سنڌ جي دربار ۾ حاضر ٿيو.
٤. ھوش محمد شيدي انھيءَ جنگ ۾ ھڪ انگريز سپاھي جي گولين لڳڻ سبب شھيد ٿي ويو.
٥. جنگ جي دوران ھڪ انگريز عملدار ميرن جي بارود کي باھِ ڏني، جنھن ڪارڻ ٽالپرن کي جنگ ۾ ناڪامي نصيب ٿي.

(ج) هيٺين لفظن جي معنيٰ لکي جملا ٺاهيو.

لفظ	معنيٰ	جملا
سرويچ	بهادر	سنڌ جي سر زمين تي ڪيترا ئي سرويچ پيدا ٿيا آهن.
سپه سالار	سربراه/ليڈر	هوش محمد شيدي هڪ بهادر سپه سالار هو.
سُرخرو	ڪامياب	محنت ڪندڙ انسان هر موڑ تي سُرخرو ٿئي ٿو.
بهادري	بهادری	ڪنهن کي معاف ڪرڻ تمام وڏي بهادري آهي.
سورمو	بهادر	هوش محمد شيدي سنڌ جو سورمو هو.

(د) ظرف ۽ ان جا قسم جا جملا

۱. چانهِ ۾ ڪنڊُ بلڪل گهٽ آهي.
۲. اڄ گرمي وڌي وئي آهي.
۳. سپاٽي موڪل آهي.
۴. گهوڙو آهستي آهستي ڊوڙي ٿو.

ظرف زمان

۱. اڄ احمد اسڪول نه ويندو.
۲. شام جو اسان وٽ مهمان ايندا.

ظرف مڪان

۱. اسلم هِتِ اچي ويهُ.
۲. تون هاڻي هيٺ لهي وڃُ.

(ه) واحد، جمع

واحد	جمع	واحد	جمع
هاري	هاري	صديقي	صديقي
قاضي	قاضي	پٽي	پٽي
درزي	درزي	ڪاسائي	ڪاسائي
موچي	موچي	ڪوري	ڪوري
ڏوبي	ڏوبي	حلوائي	حلوائي

(و) صفت

۱. دانيال هوشيار ڇوڪرو آهي.
۲. هيءُ پارڪ تمام سُنو ٿهيل آهي.
۳. انب ڏاڍو ڪٽو آهي.
۴. هيءُ ڇوڪرو سياڻو آهي.
۵.

صفت تفضيل.

۱. انب، صوف کان مٺو آهي.
۲. احمد، پنهنجي پاءُ کان وڌيڪ ذهين آهي.
۳. سليم ۽ ارشد منجهان ڪنهن ۾ هڪ کي انعام ملندو.
۴. اوهان مان ڪو به هڪ شاگردُ انعام حاصل ڪندو.
۵. احمد کان وڌيڪ علي ذهين آهي.

سرگرمي

- سبق جي مشق جو ڪم ڪلاس ورڪ ڪاپيءَ ۾ لکرايو ويندو.
- هن سبق ۾ ڪهڙيون نصيحتون سمايل آهن، شاگردن کي ان بابت پنهنجي خيالن جو اظهار ڪرڻ جو موقعو ڏنو ويندو، جنهن شاگردن جو جواب بهتر هوندو ان کي شاباش ڏني ويندي.
- هن سبق جو خلاصو آسان لفظن ۾ لکندا.
- هڪ گروپ ٺاهي اخبار، رسالي يا ڪنهن ڪهاڻين جي ڪتاب مان ڪا به هڪ ڪهاڻي دوستن کي ٻڌايو بعد ۾ ان ڪهاڻيءَ بابت هڪ ٻئي کان سوال پڇا ڪيو ۽ جائزو وٺو ته ڪهڙي دوست وڌيڪ سوالن جا درست جواب ڏنا آهن.
- نصابي ڪتاب کان سواءِ ڪا ٻي دلچسپ ڪهاڻي شاگردن کي ٻڌايو بعد ۾ ان بابت شاگردن کان سوال ڪريو ۽ اهي جواب کين پنهنجي ڪاپيءَ ۾ لکڻ جي هدايت ڪريو.

سبق ويهون

چؤسِتو (نظم)

سکيا جي حاصلات

- ڪوبہ واقعو ٻڌي پنهنجن لفظن ۾ ٻڌائي سگهي.
- ڪنهن بہ خوشي ۽ غم جو اظهار پنهنجي لفظن ۾ بيان ڪري سگهي.
- روز مره جي زندگيءَ ۾ ٿيندڙ واقعن بابت ٻڌائي سگهي.
- شعر ۾ تجنيس تام ۽ ناقص جي سُڃاڻپ ڪري سگهي.
- لفظن ۾ ڪم ايندڙ اڳياڙين ۽ پڇاڙين کي سمجهي انهن کي استعمال ڪري سگهي.

خاص مقصد:

- نَوَن لفظن جي ڄاڻ حاصل ڪري سگهي.
- بند جون سمجهاڻيون سمجهي ۽ لکي سگهي.
- نظم جو مرڪزي خيال لکڻ جي صلاحيت پيدا ٿي سگهي.
- شعر ۽ بند ۾ فرق سمجهي سگهي.
- ڏکين لفظن جي معنيٰ ۽ مفهوم سمجهي سگهي.

امدادي سامان:

- سنڌي ڪتابُ ۷، صفحو نمبر ۷۱ – ۷۳
- بليڪ بورڊ/وائيٽ بورڊ
- سنڌي ڊڪشنري
- فلئش ڪارڊ

پيريڊن جو تعداد:

۲ عدد

سِکيا جو طريقو:

- شاگردن کان آمادگيءَ جا سوال ڪيا ويندا.
- نظم (چؤسِتو) جو اعلان ڪرڻ کان پوءِ، نظم لفظن جي درست ادائيگي سان گڏ پڙهيو ويندو. ان سان گڏ ڏکين لفظن جي معنيٰ پڻ سمجهائي ويندي. بلند خواني دوران شاگردن جي توجہ سبق طرف ڪرائڻ لاءِ انهن کان مختلف سوال ڪيا ويندا.

- نظم جي بلند خواني کان پوءِ ڪلاس جي مختلف شاگردن کان نظم پڙهايو ويندو. لفظن جي درست ادائيگي تي سندن ساراه ڪئي ويندي ۽ جيڪي شاگرد پڙهڻ دوران لفظن جو اُچار غلط پڙهن، انهن جي ناصحاڻي انداز ۾ رهنمائي ڪئي ويندي.
- نظم جي مشق ۾ لکيل سوالن جا جواب پهرين شاگردن کان پڇا ڪيا ويندا، جيڪي شاگرد درست جواب ڏيندا اهي جواب بورڊ تي لکيا ويندا ۽ درست جواب ٻڌائيندڙ شاگردن کي شاباس ڏني ويندي.
- بورڊ تي مشق جو ڪم لکي مختلف شاگردن کان پڙهايو ويندو. بعد ۾ ڪين ڪاپيءَ ۾ لکڻ جي هدايت ڪئي ويندي.

نظم جي متعلق ڪجهه سوال

١. شعر ۽ بند ۾ ڪهڙو فرق آهي؟
٢. قافيي جو مطلب ڇا آهي؟
٣. نظم "چؤ سِتو" جي شاعر جو نالو ڇا آهي؟

شاعر جو تعارف

- محمد صديق "مسافر" ١ اپريل ١٨٧٩ع تي ٽنڊي باگي، ضلعي بدين ۾ جنم ورتو. محمد صديق مسافر جي پيءِ جو نالو بلال هو. سندس نيڪ خصلتن جي ڪري سندس نالو بدلائي گلاب رکيو ويو. محمد صديق "مسافر" شروعاتي تعليم ٽنڊي باگي ۾ حاصل ڪئي ۽ حيدرآباد مان فائنل جو امتحان پاس ڪري، پهرين جنوري ١٩٠٢ع تي پرائمري ماستر ٿيو. ان کانپوءِ جلدي ترقي ڪري ٽريننگ ڪاليج فار مين حيدرآباد ۾ استاد ٿيو. ڪيس شعر ۽ ادب سان گهرو لڳاءُ هو. شاعري ۾ ڪيترين ئي صنفن، جهڙوڪ، غزل، قصيدا، رباعيون، مثنويون، مسدس، قطعا، نظم، گيت، مناجات ۽ ڪافيون وغيره تي خوب لکيو اٿس ۽ سيئي صنفون يادگار آهن. شاعري سان گڏو گڏ نثر تي پڻ گهٽو ڪجهه لکيو اٿس، مطلب ته سندس قلم جي قرب سنڌي ادب کي بي بها لکڻيون عطا ڪيون آهن. سندس علمي، ادبي ۽ تحقيقي مقالا پنهنجو مٽ پاڻ آهن. محمد صديق "مسافر" جي شاعريءَ جا ٻه ڪتاب "ڪُليات مسافر" ۽ "گلشن خيال" تمام مقبول ڪتاب آهن. مسافر ٨٢ ورهين جي ڄمار ۾ ٢٣ سيپٽمبر ١٩٦١ع ۾ وفات ڪئي.

حل ٿيل مشق

(الف) هيٺ ڏنل مصرعه مڪمل ڪريو.

١. خدا جو گهر
٢. بُرائيءَ مان
٣. خدا وند
٤. حق پسندي
٥. بُلندي

(ب) سوالن جا جواب:

١. هن نظم ۾ لفظ "خاڪساري جي واڻ" مان شاعر جو اهو مقصد آهي تہ عاجزي ۽ نِوڙت واري راهہ.

٢. نظم جي ٻيو نمبر بند ۾ اها نصيحت سمايل آهي تہ "برائيءَ جو بدلو بُرائي نہ بلڪ پلائي آهي".

٣. شاعر هن بند ۾ لکي ٿو تہ اي مسافر جيڪڏهن تون الله جو فرمانبردار ٻانهو ٿي حق ۽ سچ جي راهہ تي هلڻ چاهين ٿو ۽ جيڪڏهن تون دنيا ۾ عزت، عظمت ۽ بلند مقام حاصل ڪرڻ چاهين ٿو تہ دنيا ۾ سادگي، نياز ۽ نِوڙت سان زندگي گذار ۽ هر هڪ سان سڻي اخلاق سان پيش اچ.

٤. حوالو:

هي نظم اسان جي سنڌي درسي ڪتاب جي نظم واري حصي مان ورتو ويو آهي، هن نظم جو نالو نيڪي آهي ۽ هن نظم جي لکندڙ شاعر جو نالو محمد صديق آهي ۽ " مسافر " سندس تخلص آهي.

مرڪزي خيال.

• هن نظم ذريعي شاعر اسان کي اهو پيغام ڏنو آهي تہ انسان کي نيڪ رستي (الله جي راهہ) تي هلڻ لاءِ سڀ کان پهريون پنهنجي دل ۾ سچائيءَ سان ماڻهن سان نيڪي ڪرڻ جو جذبو پيدا ڪرڻو پوندو ۽ ان مقصد کي زندگيءَ جو مقصد بڻائي ڇڏي پوءِ ڪٽي ڪوبہ ان نيڪيءَ جي بدلي برائي ڪري پر دنيا سان پلائي ئي ڪرڻي آهي، الله جي حقن جي ادائيگي سان گڏ انسانن جي حقن جي ادائيگي ڪرڻ بہ ضروري آهي، تڪبر کان پاسو ڪجي. ڇاڪاڻ تہ تڪبر جي ڪري ڪيترين ئي قومون تباہ برباد ٿي ويون. نِوڙت، صبر ۽ برداشت سان زندگيءَ جو هر ڪم سر انجام ڏجي. اها ئي انسانيت آهي. ائين ڪرڻ سان ئي انسان دنيا ۽ آخرت ۾ ڪاميابي حاصل ڪندو.

٥. هن نظم جي شاعر جو نالو محمد صديق "مسافر" آهي.

(ج) لفظن جي معنيٰ ۽ جملا

لفظ	معنيٰ	جملا
رضا	راضی رہنا	اسان کي الله جي رضا ۾ راضي رهڻ گهرجي.
بُرائي	برائی	ڪنهن بہ انسان سان بُرائي نہ ڪرڻ گهرجي.
توفيق	ہدایت	الله! اسان کي نيڪ عمل ڪرڻ جي توفيق عطا فرمائي.
ارجمندي	سعادتمندی	اسان کي هر موڙ تي بزرگن جي ارجمندي نصيب ٿئي.
خاڪساري	عاجزی	اسان کي خاڪساريءَ واري واٽ ونڻ گهرجي.

(د) تجنيس ناقص

١. وَرَ ۾ ڪونهي وَرُ، ڏيرن وَرُ وڏو ڪيو.

٢. ڇوڪري، ڇوڪَري ها ته ڇوڪِري ها.

٣. انور پُٽ کي چيو ته ساهُ پَٽِ نه ته پَٽَ تي ڪِري پوندين.

۴. هڪ پِير جو پَير زخمي ٿي پيو.

۵. مِينهن جي ڪري مَينهن خوش نظر اچي رهي آهي.

(ھ) تجنيس تام

١. منهنجي دوستن مون تي وارَ ڪيا، هڪ پيرو نه پر هزار وارَ ڪيا.

٢. دعا هميشه نماز کان پوءِ دعا گهرندي آهي.

٣. ماز پوليس ٻار کي کيڏي ته مار ڏني اٿيئن.

۴. احمد سَير ڪري هڪ سِير انب خريد ڪيا.

۵. اتر سنڌ ۾ بادشاهه واپاري کان اتر ۾ هڪ مينهن ورتي.

(و) اڳياڙي ۽ پڇاڙي

١. باڪمال: مولانا دين محمد وفائي هڪ باڪمال انسان هو.

٢. عقلمند: احمد هڪ عقلمند ۽ سلجهيو شاگرد آهي.

•

سرگرمي

- نظم جي خوشخطي ڪلاس ورڪ ڪاپيءَ ۾ لکرائي ويندي.
- ڪلاس جي شاگردن کان نظم جي بلند خواني ڪرائي ويندي. بهتر انداز ۾ بلند خواني ڪرڻ بابت شاگردن ۾ مقابلو ڪرايو ويندو.
- هن نظم ۾ ڪهڙي نصيحت سمايل آهي، شاگردن کي ان بابت پنهنجي خيالن جو اظهار ڪرڻ جو موقعو ڏنو ويندو. جنهن شاگرد جو جواب بهتر هوندو ان کي شاباش ڏني ويندي.
- شاگرد نيڪي ڪرڻ جا ڪي به ڏهه طريقا هڪ پيپر تي لکي اڇن.
- ڪلاس جا شاگرد هڪ هڪ ٿي سيني آڏو پنهنجي زندگيءَ جو يا والدين، متن مائٽن جو اهڙو ڪو واقعو ٻڌائن جنهن ۾ ڪنهن انسان يا الله جي مخلوق سان نيڪي ڪئي وئي هجي.
- شاگردن کي عام ادبي معلومات ياد ڪرڻ جي هدايت ڪريو. سندن رهنمائي ڪريو ته نيڪي هر موڙ تي انسان جي ڪم ايندي آهي ۽ برائي ڪرڻ وارو هر هنڌ ذليل ۽ خوار ٿيندو آهي.

سبق ايڪيهون

درخواست

سکيا جي حاصلات

- پنهنجي گهر، ڳوٺ يا شهر سان لاڳاپيل مسئلن کي حل ڪرائڻ لاءِ اعليٰ عملدارن کي درخواست لکي سگهي.
- اخبار جي ايڈيٽر ڏانهن خط لکي سگهي.
- اخبار جي ايڈيٽر کي وڌندڙ ماحولياتي گدلاڻ بابت خط لکي سگهي.
- اخبار جي ايڈيٽر کي پنهنجي علائقي ۾ لائبريريءَ جي ضرورت بابت خط لکي سگهي.
- مختلف مسئلن کي حل ڪرائڻ لاءِ اعليٰ عملدارن کي درخواستون لکي سگهي.

خاص مقصد:

- نَوَن لفظن جي ڄاڻ حاصل ڪري سگهي.
- درخواست جي اصولن کان سڌيءَ ريت واقف ٿي سگهي.
- خط ۽ درخواست لکڻ جي صلاحيت پيدا ٿي سگهي.
- پهاڪن ۽ چوڻين ۾ فرق ظاهر ڪري سگهي.

امدادي سامان:

- سنڌي ڪتابُ ۷، صفحو نمبر ۷۴ – ۷۶
- بليڪ بورڊ/وائيٽ بورڊ
- سنڌي ڊڪشنري
- فلئش ڪارڊ

پيريڊن جو تعداد:

۳ عدد

سِکيا جو طريقو:

- شاگردن کان ذهني آمادگيءَ جا جيڪي سوال ڪيا وڃن، استادن کي انهن سوالن جي جوابن ڏيڻ ۾ شاگردن جي رهنمائي ۽ حوصلا افزائي ڪرڻ گهرجي تہ جيئن شاگرد درست جواب ڏيڻ ۾ ڪا بہ ڏکيائي محسوس نہ ڪن. جيڪڏهن ڪو شاگرد غلط جواب ڏئي ٿو تہ ان جي رهنمائي ڪندي ان سوال جو درست جواب ٻڌايو وڃي.
- شاگردن کان آمادگيءَ جا سوال ڪيا ويندا.
- سبق جو اعلان ڪرڻ کان پوءِ، سبق جي بلند خواني ڪئي ويندي، هڪ هڪ عبارت جي آسان ۽ واضع لفظن ۾ وضاحت

ڪئي ويندي. ان سان گڏ ڏکين لفظن جي معنيٰ پڻ سمجھائي ويندي. بلند خواني دوران شاگردن جي توجہ سبق طرف ڪرائڻ لاءِ انھن کان مختلف سوال ڪيا ويندا.

- سبق جي بلند خوانيءَ کان پوءِ ڪلاس جي مختلف شاگردن کان ھڪ ھڪ عبارت جي بلند خواني ڪرائي ويندي. غلطين جي صورت ۾ سندن رھنمائي ڪئي ويندي ۽ جيڪي شاگرد بھتر انداز ۾ بلند خواني ڪندا انھن کي شاباس ڏني ويندي.
- سبق جي بلند خواني کان پوءِ ڪلاس جي مختلف شاگردن کان مشڪل لفظن جي معنيٰ پڻ پڇا ڪئي ويندي.
- بورڊ تي مشق جو ڪم لکي مختلف شاگردن کان پڙھايو ويندو. بعد ۾ ڪين ڪاپيءَ ۾ لکڻ جي ھدايت ڪئي ويندي.

سبق جي متعلق ڪجھہ سوال

١. حاشيو ڇا کي چيو ويندو آھي؟
٢. خط ۽ درخواست ۾ ڪھڙو فرق آھي؟
٣. "سرو" لفظ جي معنيٰ ڇا آھي؟

حل ٿيل مشق

(الف) ھيٺيان خال پريو.

١. حاشيو
٢. جناب اعليٰ / جناب عاليہ
٣. تاريخ
۴. الف، ب، ج
۵. سِري ۾

(ب) لفظن جي معنيٰ ۽ جملا.

لفظ	معنيٰ	جملا
خانگي	پرائيويٹ/نجي	برڪت ھڪ خانگي اسڪول ۾ پڙھائي رھيو آھي.
نماڻو	غريب/معصوم	سمير ھڪ نماڻو شاگرد آھي.
مفلسي	غربت	احمد مفلسيءَ ڪارڻ تعليم حاصل نہ ڪري سگھيو
نالياورو	مشھور	شيخ اياز ھڪ نالياورو اديب ۽ شاعر آھي.
ڪارڪردگي	کارکردگی/کارنامہ	علي محنت ڪري اعليٰ ڪارڪردگيءَ جو مظاھرو ڪيو.
مھانگائي	مہنگائی	پاڪستان ۾ مھانگائي تمام وڌي چڪي آھي.

(ج) پھاڪا

نمبر	پھاڪو	معنيٰ
١	پنھنجي گھر ۾ ٻلي به شينھن	پنھنجي در تي ڏڇڻو به بھادر ھوندو آھي.
٢	جيڏا آٺ تيڏا لوڏا	جيڏو وڏو ڪم ، اوترو ئي ان جو خرچ ھوندو.
٣	جيءُ خوش ته جھان خوش	خوشحال انسان ئي دنيا مان لطف اندوز ٿئي ٿو.
۴	جيڪو ڏاڍو سو گابو	طاقتور انسان ئي ھر جاءِ تي سوپارو ٿئي ٿو.
۵	جھڙا روح تھڙا ختما	ھر ڪم جو دارومدار نيت تي آھي.
٦	جھڙي ڪرٽي، تھڙي پرٽي	جھڙو ڪم ڪيو ويندو اھڙو ئي ان جو انجام ٿيندو.

سرگرمي

- سبق جي مشق جو ڪم ڪلاس ورڪ ڪاپيءَ ۾ لکرايو ويندو.
- ھن سبق ۾ ڪھڙيون نصيحتون سمايل آھن، شاگردن کي ان بابت پنھنجي خيالن جو اظھار ڪرڻ جو موقعو ڏنو ويندو. جنھن شاگردن جو جواب بھتر ھوندو ان کي شاباش ڏني ويندي.
- اسڪول جي لائبريري يا گوگل تان ڳولا ڪري ڪي به پنج پھاڪا ۽ انھن جي سنڌي معنيٰ ڪاپيءَ ۾ لکي ايندا.
- اخبار جي ايڊيٽر ڏانھن خط لکو جنھن ۾ ٿيندڙ مھانگائي ۽ بيروزگاري تي ڪنٽرول ڪرڻ لاءِ عملي قدم کڻڻ واري خبر شايع ڪرڻ جي گذارش ڪريو.
- اخبار جي ايڊيٽر ڏانھن خط لکي ڪيس ماحوليات جي آلودگي تي قابو پائڻ بابت حڪومت کي حفاظتي اپاءَ وٺڻ جي خبر شايع ڪرڻ لاءِ لکو.
- شاگردن کي درخواست، خط، ادبي خط اخبار ۽ مراسلي لکڻ جو اصل مقصد سمجھايو.

سبق ٻاويهون

شيخ سعديؒ

سکيا جي حاصلات

- سبق ٻڌي معلومات حاصل ڪري سوالن جا جواب ڏئي سگهي.
- سنڌي ٻوليءَ ۾ اي ميل، فيس بڪ، واٽس اپ ۽ ٽيڪسٽ ميسج پڙهي، لکي ۽ موڪلي سگهي.
- ڪمپيوٽر ۽ انٽرنيٽ تان عام معلومات حاصل ڪري سگهي.
- ڪمپيوٽر ۽ انٽر نيٽ تان علمي، ادبي ۽ تفريحي مواد ڳولي ۽ اُتاري سگهي.
- اسڪول جي هيڊ ماستر / هيڊ ماسترياڻي ڏانهن موڪل ونڊ يا اسڪول جي مسئلي کي حل ڪرائڻ لاءِ درخواست لکي سگهي.
- حرف جملو ۽ ان جي قسمن کي سمجهي حرف جملو جا لفظ جملن ۾ ڪم آڻي سگهي.

خاص مقصد:

- نَوَن لفظن جي ڄاڻ حاصل ڪري سگهي.
- سبق جي مشق جا جواب پاڻ سمجهي ۽ لکي سگهي.
- سبق جو مرڪزي خيال لکڻ جي صلاحيت پيدا ٿي سگهي.
- حالت اضافت جي وصف سمجهي ان بابت جملا ٺاهي سگهي.

امدادي سامان:

- سنڌي ڪتابُ ۷، صفحو نمبر ۷۷ – ۸۰
- بليڪ بورڊ/وائيٽ بورڊ
- سنڌي ڊڪشنري
- فلئش ڪارڊ

پيريڊن جو تعداد:

۳ عدد

سِکيا جو طريقو:

- شاگردن کان ڏهني آمادگيءَ جا جيڪي سوال ڪيا وڃن، استادن کي انهن سوالن جي جوابن ڏيڻ ۾ شاگردن جي رهنمائي ۽ حوصلا افزائي ڪرڻ گهرجي تہ جيئن شاگرد درست جواب ڏيڻ ۾ ڪا بہ ڏکيائي محسوس نہ ڪن. جيڪڏهن ڪو شاگرد غلط جواب ڏئي ٿو تہ ان جي رهنمائي ڪندي ان سوال جو درست جواب ٻڌايو وڃي.

- شاگردن کان آمادگيءَ جا سوال ڪيا ويندا.
- سبق جو اعلان ڪرڻ کان پوءِ، سبق جي بلند خواني ڪئي ويندي، هڪ هڪ عبارت جي آسان ۽ واضع لفظن ۾ وضاحت ڪئي ويندي، ان سان گڏ ڏکين لفظن جي معنيٰ پڻ سمجهائي ويندي. بلند خواني دوران شاگردن جي توجہ سبق طرف ڪرائڻ لاءِ انهن کان مختلف سوال ڪيا ويندا.
- سبق جي بلند خوانيءَ کان پوءِ ڪلاس جي مختلف شاگردن کان هڪ هڪ عبارت جي بلند خواني ڪرائي ويندي، غلطين جي صورت ۾ سندن رهنمائي ڪئي ويندي ۽ جيڪي شاگرد بهتر انداز ۾ بلند خواني ڪندا انهن کي شاباس ڏني ويندي.
- سبق جي بلند خواني کان پوءِ ڪلاس جي مختلف شاگردن کان مشڪل لفظن جي معنيٰ پڻ پڇا ڪئي ويندي.
- بورڊ تي مشق جو ڪم لکي مختلف شاگردن کان پڙهايو ويندو. بعد ۾ ڪين ڪاپيءَ ۾ لکڻ جي هدايت ڪئي ويندي.

سبق جي متعلق ڪجهہ سوال

١. شيخ سعدي جو اصل نالو ڇا هو؟
٢. شيخ سعدي جي والد جي وفات کان پوءِ سندس پرورش ڪنهن ڪئي؟
٣. شيراز ڏانهن واپسيءَ وقت فارس جي ڪهڙي حاڪم شيخ سعديءَ جو آڏر پاءُ ڪيو؟
۴. ابن بطوطہ کان پوءِ ايشيا جو ٻيو ڪهڙو وڏو سياح مجيو ويندو آهي؟

حل ٿيل مشق

(الف) گهڻ چونڊائتا سوال.

١. بغداد
٢. شيخ سعدي
٣. بوستان
۴. ١٢٩١
۵. ڏکُ

(ب) سوالن جا جواب:

١. شيخ سعدي ١٢١٣ع ۾ ايران جي شهر شيراز ۾ جنم ورتو.
٢. شيخ سعدي جي والد جو نالو مصلح الدين هو.
٣. شيخ سعدي سير سفر جو بي حد شوقين هو سير ۽ سفر سان گڏ تعليم حاصل ڪرڻ جو مقصد پورو ڪرڻ لاءِ هن زندگي جا ٣٠ سال ٻاهر گذاريا.
۴. شيخ سعدي جا مشهور ڪتاب "بوستان" ۽ "گلستان" آهن.

- جيڪو اوهان کي ڏُک ڏئي ان کي چڏي ڏيو پر جنهن کي چڏي ڏيو ان کي ڏُک نہ ڏيو.
- بُري صحبت وارن دوستن کان ڪنڌا بهتر آهن، جيڪي صرف هڪ دفعو زخم ڏين ٿا.
- آسمان تي نظر ضرور رکو پر اهو نہ وساريو تہ اوهان جا پير زمين تي آهن.
- جيڪڏهن توهان الله جي عبادت نہ ٿا ڪري سگهو تہ پوءِ گناهہ ڪرڻ بہ چڏي ڏيو.

۵. شيخ سعدي ۱۲۹۱ع ۾ هن فاني دنيا مان رحلت ڪري وڃي خالق حقيقي سان مليو.

(ج) لفظن جي معنيٰ ۽ جملا

لفظ	معنيٰ	جملا
ڪمال	حيرت انگيز	ڪمپيوٽر جي ايجاد هڪ وڏو ڪمال جو ڪارنامو آهي.
ڳُجهه	پوشيده	الله جي ڳجهه کي ڪو بہ سمجهي نہ ٿو سگهي.
آڌرياءُ	استقبال	ڳوٺ وارن منهنجو تمام سهڻيءَ ريت آڌرياءُ ڪيو.
شرف	اعزاز	مون کي الله تعاليٰ عمرو ادا ڪرڻ جو شرف عطا ڪيو.
مقبوليت	شهرت	سنڌي ادب جي مقبوليت دنيا جي ڪنڊ ڪڙ ۾ آهي.
مفلسي	غربت	انور مفلسيءَ ڪارڻ وڏيڪ تعليم حاصل نہ ڪري سگهيو.

(د) حرف جملو

۱. احمد ۽ سليم سنا دوست آهن.
۲. نيرن جي مانيءَ ۾ بصري ۽ لسي ڏني وئي.
۳. رات هجي يا ڏينهن، الله جو شڪر ادا ڪرڻ گهر جي.
۴. اوهان کي موڪل ملندي جيڪڏهن اوهان درخواست لکو.
۵. سيما فيل ٿي پئي جڏهن تہ ان محنت بہ ڪئي هئي.

(ه) حالت اضافت

۱. انور وارو ڪتاب اسلم وٽ آهي.
۲. انور وارو ماباٸل پارس وٽ آهي.
۳. سيما جي ڪار چوري ٿي وئي.
۴. اوهان جو تحفو اوهان کي ملي ويندو.
۵. احمد واري گهڙي مهانگي آهي.

(و) لفظن جا مذڪر/مؤنث ۾ جملا

مذڪر	مؤنث	جملا
راجا	راڻي	راجا ۾ راڻي جو قصو تمام مشهور آهي.
نانگُ	نانگڻ	جوڳيءَ نانگ کي قاسائڻ جي ڪوشش ڪئي.
پاءُ	پيٽ	احمد ۾ سيما پاڻ ۾ پاءُ ۾ پيٽ آهن.
اُنُ	ڏاچي	اسان ٽر ۾ اُنَ تي ويهي سفر ڪيو سين.
سياڻو	سياڻي	انور سياڻو ۾ سلجھڻو چوڪرو آهي.

سرگرمي

- سبق جي مشق جو ڪم ڪلاس ورڪ ڪاپيءَ ۾ لکرايو ويندو.
- هن سبق ۾ ڪهڙيون نصيحتون سمايل آهن، شاگردن کي ان بابت پنهنجي خيالن جو اظهار ڪرڻ جو موقعو ڏنو ويندو. جنهن شاگردن جو جواب بهتر هوندو ان کي شاباش ڏني ويندي.
- هن سبق جو خلاصو آسان لفظن ۾ لکندا.
- هڪ گروپ ٺاهي اخبار، رسالي يا ڪنهن ڪهاڻين جي ڪتاب مان ڪا به هڪ ڪهاڻي دوستن کي ٻڌايو بعد ۾ ان ڪهاڻيءَ بابت هڪ ٻئي کان سوال پڇا ڪيو ۽ جائزو وٺو ته ڪهڙي دوست وڌيڪ سوالن جا درست جواب ڏنا آهن.
- نصابي ڪتاب کان سواءِ ڪا ٻي دلچسپ ڪهاڻي شاگردن کي ٻڌايو بعد ۾ ان بابت شاگردن کان سوال ڪريو ۽ اهي جواب کين پنهنجي ڪاپيءَ ۾ لکڻ جي هدايت ڪريو.
- شيخ سعدي جي زندگيءَ تي هڪ مختصر نوٽ لکرايو. ان کان اڳ شاگردن جي ان عنوان بابت رهنمائي ڪريو.
- استاد جي تعاون سان ڪلاس جي شاگردن جو هڪ واٽس اپ گروپ ٺاهي روزانو تمام شاگرد قول، نصيحتون. نيڪ عمل ۽ ٻيو گھڻو ڪجھ گروپ ۾ شيئر ڪن.
- شاگردن جو هڪ واٽس اپ گروپ ٺاهڻ ۾ انهن جي رهنمائي ڪريو. کين روزانو ڪا به نصيحت، انهن شاگردن کي ٻڌايو. ان سلسلي ۾ شاگردن جي ڀرپور رهنمائي ڪئي ويجي.

سبق ٹيويهون

سگهَ ڏي سائين (نظم)

سکيا جي حاصلات

- شعرن ۾ ڪتب آندل نون لفظن کي سمجهي درست اُچار سان پڙهي سگهي.
- نظم جو مفهوم يا بنيادي خيال لکي سگهي.
- لغت مان لفظن جي معنيٰ ڳولي درست استعمال ڪري سگهي.
- ٻٽن لفظن کي سمجهي انهن جو درست استعمال ڪري سگهي.
- فعل متعدي معروف کي فعل متعدي مجهول ۾ بدلائي سگهي.

خاص مقصد:

- نَوَن لفظن جي ڄاڻ حاصل ڪري سگهي.
- بند جون سمجهاڻيون سمجهي ۽ لکي سگهي.
- نظم جو مرڪزي خيال لکڻ جي صلاحيت پيدا ٿي سگهي.
- ڏکين لفظن جي معنيٰ ۽ مفهوم سمجهي سگهي.

امدادي سامان:

- سنڌي ڪتابُ ۷، صفحو نمبر ۸۱ – ۸۳
- بليڪ بورڊ/وائيٽ بورڊ
- سنڌي ڊڪشنري
- فلئش ڪارڊ

پيريڊن جو تعداد:

۲ عدد

سِکيا جو طريقو:

- شاگردن کان آمادگيءَ جا سوال ڪيا ويندا.
- نظم (سگه ڏي سائين) جو اعلان ڪرڻ کان پوءِ، نظم لفظن جي درست ادائيگي سان گڏ پڙهيو ويندو. ان سان گڏ ڏکين لفظن جي معنيٰ پڻ سمجهائي ويندي. بلند خواني دوران شاگردن جي توجه سبق طرف ڪرائڻ لاءِ انهن کان مختلف سوال ڪيا ويندا.
- نظم جي بلند خواني کان پوءِ ڪلاس جي مختلف شاگردن کان نظم پڙهايو ويندو. لفظن جي درست ادائيگي تي سندن

ساراھ ڪئي ويندي ۽ جيڪي شاگرد پڙھڻ دوران لفظن جو اُچار غلط پڙھن، انھن جي ناصحاڻي انداز ۾ رھنمائي ڪئي ويندي.

- نظم جي مشق ۾ لکيل سوالن جا جواب پھرين شاگردن کان پڇا ڪيا ويندا، جيڪي شاگرد درست جواب ڏيندا اھي جواب بورڊ تي لکيا ويندا ۽ درست جواب ٻڌائيندڙ شاگردن کي شاباس ڏني ويندي.
- بورڊ تي مشق جو ڪم لکي مختلف شاگردن کان پڙھايو ويندو، بعد ۾ ڪين ڪاپيءَ ۾ لکڻ جي ھدايت ڪئي ويندي.

نظم جي متعلق ڪجھ سوال

١. ھن نظم جي شاعر بابت اوھان ڇا ٿا ڄاڻو؟
٢. ھن نظم ۾ ڪيترا قافيہ موجود آھن؟
٣. مصرعو ڇاکي چئبو آھي؟

شاعر جو تعارف

- تنوير عباسي سنڌ جو نالیوارو عالم، شاعر، محقق، مترجم، لطيفيات جو ماھر ۽ سچل شناس، سندس اصل نالو نور نبي عباسي ھو. ھن ٧ ڊسمبر ١٩٣٤ع تي، ضلعي خيرپور جي ھڪ ننڍڙي شھر سوپي ديري ۾ گل محمد عباسيءَ جي گھر ۾ جنم ورتو. ڈاڪٽر تنوير عباسيءَ ساڈو ھيرانند اڪيڈمي، ڪراچيءَ مان پرائمري تعليم حاصل ڪئي. مئٽرڪ جو امتحان اين. جي. وي ھاءِ اسڪول ڪراچيءَ مان پاس ڪيائين. انٽر سائنس ڊي. جي. سنڌ گورنمينٽ ڪاليج ڪراچيءَ مان ۽ ايم. بي. بي. ايس، لياقت ميڈيڪل ڪاليج، ڄام شوري مان پاس ڪيائين . ڈاڪٽر تنوير عباسي شاگردیءَ واري زماني کان شاعري ڪندو ھو. ابتدا ۾ روايتي شاعري ڪيائين، پر اڄڪلي ھلي سنڌي جديد شاعريءَ ۾ نوان لاڙا آندائين. ھن جو شمار سنڌ جي وڏن شاعرن ۾ ڪيو وڃي ٿو. تنوير عباسيءَ جي علمي ۽ ادبي ادارن سان وابستگي، ھڪ وڏي عرصي تائين رھي. رڳون ٽيون رباب ۽ سج تريءَ ھينان سندس مشھور ڪتاب آھن. سنڌي ٻوليءَ جي ويھين صديءَ جو ھي ھڪ ڏاھو انسان، ٢٥ نومبر ١٩٩٩ع تي، اسلام آباد ۾ لاڏاڻو ڪري ويو.

حل ٿيل مشق

(الف) ھيٺ ڏنل مصرعہ مڪمل ڪريو.

١. ڈاھي
٢. دنيا
٣. اڄڪلي
٤. مقصد
٥. موتيءَ داڻو

(ب) سوالن جا جواب:

١. هن نظم جو پهريون شعر اسان کي بيحد پسند آهي، ڇاڪاڻ ته هن شعر ۾ شاعر الله تعاليٰ کان دعا گهرندي ڪوڙ کان همیشہ لاءِ پاسو ڪرڻ ۽ ڪوڙ کان هر موڙ تي بچڻ جي هدايت ٿو گهري.

٢. هن شعر ۾ شاعر لکي ٿو ته منهنجا رب ڪريم اسان جي مٿان پنهنجي ڪرم جي نظر رک ته جيئن اسين زندگيءَ جي هر موڙ تي ۽ هر ڪم ۾ اڳرا هجون. توڙي جو ڪٽي ڏينهن هجي يا رات پر ڪاميابي اسان جو مقدر هجي.

٣. هن نظم ۾ شاعر اسان کي اهو پيغام ڏنو آهي ته الله جي تمام تر مخلوقات مان انسان اشرف المخلوقات آهي. هر انسان ۾ ڪا نہ ڪا خوبي ضرور سمايل آهي. جيڪڏهن اسين دنيا جي عارضي خواهشن ۽ آسائشن کي حاصل ڪرڻ بدران پنهنجي رب کي ريجهايون ۽ ڪوڙ، نفرت، ڏوکي، غيبت ۽ ڪدورت جهڙين برائين کان پاسو ڪيون ۽ پاڻ ۾ پيار ۽ محبت سان رهون. ائين ڪرڻ سان اسين نہ رڳو دنيا ۾ پر آخرت ۾ بہ ڪاميابي ماڻيندا سين.

٤. هن نظم جي شاعر جو نالو تنوير عباسي آهي.

٥. هن نظم ۾ شاعر لکي ٿو ته هر انسان ۾ الله تعاليٰ ڪا نہ ڪا خوبي سمائي آهي ۽ هر انسان هڪ ٻئي کان وڌيڪ ڪردار ۾ بهترين ۽ اعليٰ مقام رکي ٿو جيڪڏهن اسين هڪ ٻئي کي ان حقيقي نگاهه سان ڏسون

(ج) هيٺين لفظن جي معنيٰ لکي جملا ٺاهيو.

لفظ	معنيٰ	جملا
ميرُ	برائي/غلاظت	اسان کي دلين ۾ ميل نہ رکڻ گهرجي.
دير	دير	نيڪ ڪم ۾ دير نہ ڪرڻ گهرجي.
ڪوڙُ	جهوٽ	ڪوڙ انسان جي ڪردار کي تمام گهٽو نقصان پهچائي ٿو.
امن	امن	اسلام ۾ امن سان زندگي گذارڻ جي هدايت ڪئي وئي آهي.
وِڪَ	قدم	الله! اسان جو وِڪ وِڪ تي ايمان سلامت رکي.

(د) فعل متعدي ۽ فعل متعدي مجهول جا جملا

١. ڪتاب لکي ٿو.

٢. گانو ڳائي ٿو.

٣. سبق پڙهي ٿو.

(ه) مذڪر مؤنث لفظن جي سُجاڻ.

١. مردُ

٢. هٿُ

٣. ٻارُ

OXFORD UNIVERSITY PRESS

۴. گِيتُ

۵. هرُ

(و) ٻڌا لفظ

ٻڌا لفظ	جملا
کيل تماشو	بجليءَ کاتي لوڊ شيڊنگ جو کيل تماشو ناهي ڇڏيو آهي.
رنجُ ملال	اسان کي دلين مان رنجُ ملال ختم کرڻ گهرجي.
رڌ پچاءُ	رڌ پچاءُ هميشہ وقت تي کرڻ گهرجي.
رم جهم	اڄ موسم رم جهم لڳي پئي آهي.
شرم مرم	کوڙ ڳالهائڻ وقت انس کي شرم مرم نہ آيو.

سرگرمي

- نظم جي خوشخطي ڪلاس ورڪ ڪاپيءَ ۾ لکرائي ويندي.
- ڪلاس جي شاگردن کان نظم جي بلند خواني ڪرائي ويندي. بهتر انداز ۾ بلند خواني کرڻ بابت شاگردن ۾ مقابلو ڪرايو ويندو.
- هن نظم ۾ ڪهڙي نصيحت سمايل آهي، شاگردن کي ان بابت پنهنجي خيالن جو اظهار کرڻ جو موقعو ڏنو ويندو. جنهن شاگردن جو جواب بهتر هوندو ان کي شاباش ڏني ويندي.
- پاڻ مر گڏجي رهڻ بابت اسلامي تعليم ڇا ٿي چوي؟ اوهان قرآن جون آيتون ۽ حديثون گڏ ڪري پاڻ ۾ ان عنوان تي هڪ ٻئي کي معلومات ڏيو. معلومات حاصل ڪري ان عنوان تي هڪ مضمون تيار ڪري پنهنجي ڪاپيءَ ۾ لکو.
- ٻہ دوست پاڻ ۾ گڏجي هڪ ڊرامو تيار ڪري ڪلاس ۾ سيني آڏو پيش ڪن، جنهن ۾ اهي پاڻ ۾ هڪ دوست جهيڙو ڪري رهيو هجي ۽ ٻيو اها سمجهاڻي ڏئي رهيو هجي تہ پاڻ ۾ پيار محبت ۽ پائيچاري سان رهڻ گهرجي. ان ۾ ئي اسان جي بهتري آهي.
- شاگردن کي سندي ادب جي حوالي سان ڪلاسيڪل شاعريءَ بابت معلومات ڏيو. نظم جي بلند خواني شاگردن کان پڻ ڪرايو ۽ نون لفظن جي جاڻ ڏيو.

سبق چوويهون

اجرڪ: ثقافت جو نشان

سکيا جي حاصلات

- سماجي ۽ ثقافتي موضوعن تي گفتگو ڪندي پنهنجو رد عمل ظاهر ڪري سگهي.
- سڌ سماءَ جي ذريعن وسيلي بيان ڪيل واقعن تي پنهنجي راءِ جو اظهار ڪري سگهي.
- سڌ سماءَ جي ذريعن تان ڄاڻ حاصل ڪري پنهنجي راءِ لکي سگهي.
- سڌ سماءَ جي مختلف پروگرامن ۾ سماجي ۽ ثقافتي حوالن سان ڳالهائي سگهي.
- سڌ سماءَ جي ذريعن وسيلي نشر ٿيندڙ پروگرامن جي حوالي سان ڳاله ٻوله ڪري سگهي.

خاص مقصد:

- نَوَن لفظن جي ڄاڻ حاصل ڪري سگهي.
- سبق جي مشق جا جواب پاڻ سمجهي ۽ لکي سگهي.
- سبق جو مرڪزي خيال لکڻ جي صلاحيت پيدا ٿي سگهي.
- عبارت پڙهي سوالن جا جواب ڏئي سگهي.

امدادي سامان:

- سنڌي ڪتابُ ۷، صفحو نمبر ۸۴ – ۸۷
- بليڪ بورڊ/وائيٽ بورڊ
- سنڌي ڊڪشنري
- فلئش ڪارڊ

پيريڊن جو تعداد:

۳ عدد

سِکيا جو طريقو:

- شاگردن کان ذهني آمادگيءَ جا جيڪي سوال ڪيا ويڃن، استادن کي انهن سوالن جي جوابن ڏيڻ ۾ شاگردن جي رهنمائي ۽ حوصلا افزائي ڪرڻ گهرجي تہ جيئن شاگرد درست جواب ڏيڻ ۾ ڪا بہ ڏکيائي محسوس نہ ڪن. جيڪڏهن ڪو شاگرد غلط جواب ڏئي ٿو تہ ان جي رهنمائي ڪندي ان سوال جو درست جواب ٻڌايو ويجي.
- شاگردن کان آمادگيءَ جا سوال ڪيا ويندا.
- سبق جو اعلان ڪرڻ کان پوءِ، سبق جي بلند خواني ڪئي ويندي، هڪ هڪ عبارت جي آسان ۽ واضع لفظن ۾ وضاحت

ڪئي ويندي. ان سان گڏ ڏکين لفظن جي معنيٰ پڻ سمجھائي ويندي. بلند خواني دوران شاگردن جي توجہ سبق طرف ڪرائڻ لاءِ انھن کان مختلف سوال ڪيا ويندا.

- سبق جي بلند خوانيءَ کان پوءِ ڪلاس جي مختلف شاگردن کان ھڪ ھڪ عبارت جي بلند خواني ڪرائي ويندي. غلطين جي صورت ۾ سندن رھنمائي ڪئي ويندي ۽ جيڪي شاگرد بھتر انداز ۾ بلند خواني ڪندا انھن کي شاباس ڏني ويندي.
- سبق جي بلند خواني کان پوءِ ڪلاس جي مختلف شاگردن کان مشڪل لفظن جي معنيٰ پڻ پڇا ڪئي ويندي.
- بورڊ تي مشق جو ڪم لکي مختلف شاگردن کان پڙھايو ويندو. بعد ۾ ڪين ڪاپيءَ ۾ لکڻ جي ھدايت ڪئي ويندي.

سبق جي متعلق ڪجھ سوال

١. عربن اجرڪ کي ڪھڑي نالي سان سڏيو آھي؟
٢. اجرڪ جي تياري ۾ اٽڪل ڪيترا مصالحا استعمال ٿين ٿا؟
٣. اجرڪ اتر سنڌ جي ڪھڑي شھر ۾ ٺاھي ويندي آھي؟

حل ٿيل مشق

(الف) گھڻ چونڊائتا سوال.

١. سوٽي
٢. ڇرائي
٣. لاڙوارن
۴. چار
۵. علامت

(ب) سوالن جا جواب:

١. اجرڪ ڇوڏھن مختلف مرحلن مان گذري مڪمل ٿئي ٿي. اجرڪ جي ڇرائي جا وري پنج مختلف مرحلا آھن.
٢. ھن وقت اجرڪ گھٽو ڪري سنڌ جي لاڙ وارن شھرن ۾ ٺھي ٿي جھڙوڪ نصرپور، ٽنڊو محمد خان، سيڪات، مٽياري، ھالا، پٽ شاھ، ماتلي ۽ اتر واري حصي سکر ۾ اجرڪ ٺھي ٿي.
٣. اجرڪ جا پور سوين قسمن جا آھن، جن ۾ چڪي، ڇلو موتين جڙيو گُڏڙي، ڪڪر، مھراڻ، قلمدان، ڪاشي، ونگو، بادام، ڏاڙھونءَ گل، ڊسڪو ڪارڪ، ٻوٽو غاليچو وغيره شامل آھن.
۴. ڊيزائن ۽ رنگ جي لحاظ کان اجرڪ جا قسم ڏھن کان مٿي آھن، انھن جا نالا ٻہ الڳ الڳ آھن.
۵. موجوده دور ۾ اجرڪ مان ٽايون، شرٽون، اسڪرٽ، پڙا، زنانا چولا ۽ شلوارون وغيره ٺاھيون وڃن ٿيون، ان کان سواءِ درن ۽ درين جا پردا، ڪشن ڪور، وھاڻن جا پوش، ميز پوش ٻہ اجرڪ مان ٺاھجن ٿا.

(ج) هيٺين لفظن جي معنيٰ لکي جملا ٺاهيو.

لفظ	معنيٰ	جملا
سوکڙي	تحفہ/سوغات	اجرڪ سنڌ جي ثقافت جي سوکڙي آهي.
ڇرائي	چھپائی	اجرڪ جي ڇرائي جا پنج مرحلا ڏار آهن.
پُور	مہریں	اجرڪ جي ڊيزائن جا مختلف پور هوندا آهن.
پٽڪو	پگڑی	پٽڪو سنڌ جي ثقافت جي هڪ علامت آهي.
بزرگ	بزرگ	آءُ هڪ بزرگ کان تمام گھٹو فيض حاصل ڪيو.
مانُ	عزت	ڳوٺ وارن مونکي وڏو مانُ ڏنو.

سرگرمي

- سبق جي مشق جو ڪم ڪلاس ورڪ ڪاپيءَ ۾ لکرايو ويندو.
- هن سبق جو خلاصو آسان لفظن ۾ لکندا.
- هڪ گروپ ٺاهي اخبار، رسالي يا ڪنهن ڪھاڻين جي ڪتاب مان ڪا به هڪ ڪھاڻي دوستن کي ٻڌايو بعد ۾ ان ڪھاڻيءَ بابت هڪ ٻئي کان سوال پڇا ڪيو ۽ جائزو ونو ته ڪھڙي دوست وڌيڪ سوالن جا درست جواب ڏنا آهن.
- نصابي ڪتاب کان سواءِ ڪا ٻي دلچسپ ڪھاڻي شاگردن کي ٻڌايو بعد ۾ ان بابت شاگردن کان سوال ڪريو ۽ اهي جواب کين پنهنجي ڪاپيءَ ۾ لکڻ جي هدايت ڪريو.
- سنڌ جي ثقافت جي خاص نشاني "سنڌي ٽوپي" بابت معلومات هڪ چارٽ تي لکي اچو.
- سنڌ جي ثقافتي ڏينهن تي مختلف پروگرامن ۾ شرڪت ڪريو، اخبارون ۽ رسالا پڙهي، ڪلاس ۾ شاگردن آڏو ان مڪمل معلومات بابت هڪ تقرير ڪريو ۽ پنهنجي خيالن جو پڌ اظهار ڪريو.
- شاگردن کي سنڌ جي ثقافت بابت جاڻ ڏيو، سبق جي بلند خواني ڪرايو ۽ سندن رهنمائي ڪريو، ثقافتي پروگرامن ۾ شرڪت ڪرڻ ۽ انهن بابت تقرير تيار ڪرڻ ۾ انهن جي رهنمائي ڪريو.
- سنڌ ڪلچر ڊي جي حوالي سان خبرون، ڊراما، فيچر نشريات ٻڌو/ ڏسو، انهن مان اهم نڪتا نوٽ ڪريو ۽ ڪلاس روم ۾ ساڻي شاگردن سان پنهنجي راءِ ڏيو. ٻين شاگردن جا رايا پڻ ٻڌو ۽ انهن سان بحث ڪريو.

- ڏنل رنگن جا نالا ڳوليو.

اڇو، پيلو، خاڪي، سائو، فيروزي، ڪارو، ڳاڙهو، نارنگي، نيرو، واڱڻائي

پ	پ	س	ڳ	ڳ	ز	د	ڳ	ج	ض	ڏ	خ
و	ک	جه	گه	س	و	چ	ا	خ	ذ	ر	ق
پ	ڪ	جه	خ	گه	ا	ج	ڑ	پ	ج	ط	ج
ظ	ت	ب	پ	ٹ	ڳ	ط	ھ	ک	پ	س	گ
م	پ	ع	ف	ش	ٹ	ج	و	ء	ا	س	و
ح	گ	خ	ي	ٹ	ا	ٹ	ش	ج	ح	ح	ڏ
ز	ڪ	د	ر	و	ء	ص	ء	ڳ	ج	ذ	ٹ
م	ا	ٹ	و	ر	ي	ن	م	ٹ	ت	ح	پ
ٹ	ر	ج	ز	ا	ل	ا	ض	گه	ڪ	گه	ق
ت	و	ل	ي	پ	ي	ر	ٹ	ل	ک	ڍ	ء
ب	گ	گه	خ	چ	ڳ	ن	ڳ	ز	ق	ف	ذ
گ	ک	ش	پ	ک	ن	گ	د	ذ	ٹ	ٹ	ڳ
ظ	ق	ص	گ	ن	ط	ي	ڪ	ا	خ	ج	ع

سبق پنجويهون

ادب ۽ اخلاق (نظم)

سکيا جي حاصلات

- نظم پڙهي ان جو مرڪزي خيال بيان ڪري سگهي.
- نثر ۽ نظم جي فرق کي سمجهي پڙهي سگهي.
- نظم جي صوتي ڪيفيتن مان لطف اندوز ٿي سگهي.
- پکين ۽ جانورن سان سنو ورتاءُ ڪري سگهي.
- زمان ماضي قريب موجب جملا جوڙي سگهي.
- ماضي قريب ۽ بعيد مطابق جملا بدلائي سگهي.
- حرف ندا (خوشي، عجب، افسوس، ارمان، تمنا وغيره) جو درست استعمال ڪري سگهي.

خاص مقصد:

- نَوَن لفظن جي ڄاڻ حاصل ڪري سگهي.
- شعرن جون سمجهاڻيون سمجهي ۽ لکي سگهي.
- نظم جو مرڪزي خيال لکڻ جي صلاحيت پيدا ٿي سگهي.
- ڪنايو جي وصف سمجهي ان بابت جملن جي سُڌاڻ ڪري سگهي.
- ڏکين لفظن جي معنيٰ ۽ مفهوم سمجهي سگهي.

امدادي سامان:

- سنڌي ڪتابُ ۷، صفحو نمبر ۸۸ – ۹۰
- بليڪ بورڊ/وائيٽ بورڊ
- سنڌي ڊڪشنري
- فلئش ڪارڊ

پيريڊن جو تعداد:

۲ عدد

سِکيا جو طريقو:

- شاگردن کان آمادگيءَ جا سوال ڪيا ويندا.
- نظم ادب ۽ اخلاق جو اعلان ڪرڻ کان پوءِ، نظم لفظن جي درست ادائيگي سان گڏ پڙهيو ويندو. ان سان گڏ ڏکين لفظن

جي معنيٰ پڻ سمجهائي ويندي. بلند خواني دوران شاگردن جي توجه سبق طرف ڪرائڻ لاءِ انهن کان مختلف سوال ڪيا ويندا.

- نظم جي بلند خواني کان پوءِ ڪلاس جي مختلف شاگردن کان نظم پڙهايو ويندو. لفظن جي درست ادائيگي تي سندن سارا ڪئي ويندي ۽ جيڪي شاگرد پڙهڻ دوران لفظن جو اُچار غلط پڙهن، انهن جي ناصحاڻي انداز ۾ رهنمائي ڪئي ويندي.
- نظم جي مشق ۾ لکيل سوالن جا جواب پهرين شاگردن کان پڇا ڪيا ويندا، جيڪي شاگرد درست جواب ڏيندا اهي جواب بورڊ تي لکيا ويندا ۽ درست جواب ٻڌائيندڙ شاگردن کي شاباس ڏني ويندي.
- بورڊ تي مشق جو ڪم لکي مختلف شاگردن کان پڙهايو ويندو. بعد ۾ ڪين ڪاپيءَ ۾ لکڻ جي هدايت ڪئي ويندي.

نظم جي متعلق ڪجهه سوال

١. هن نظم ۾ ڪيترا شعر آهن؟

٢. هن نظم جي شاعر جو تخلص ڇا آهي؟

٣. نظم "ادب ۽ اخلاق" مان ڇا مراد آهي؟

شاعر جو تعارف

- گل محمد سومرو ٢٠ فيبروري ١٩٧٦عيسوي تي ضلعي خيرپور ميرس جي هڪ ننڍڙي شهر لقمان ۾ جنم ورتو. سندس والد جو نالو محمد بخش سومرو آهي. گل محمد سومرو ميٽرڪ گورنمنٽ ناز پائلٽ سيڪنڊري اسڪول خيرپور ميرس مان ڪئي. شاهه عبداللطيف يونيورسٽي خيرپور ميرس مان ايم اي سنڌي جو امتحان پاس ڪرڻ بعد ڪراچي ۾ سنڌي سبجيڪٽ جي استاد جون ذميواريون سر انجام ڏيڻ شروع ڪيائين ۽ گڏ اقرا يونيورسٽي ڪراچي مان ايم فل (ايجوڪيشن) جي ڊگري حاصل ڪيائين. پاڻ هڪ نالياورو تعليمدان، شاعر، ليکڪ، صحافي، ڪالم نگار ۽ آڪسفرڊ يونيورسٽي پريس جو مصنف آهي. سندس لکيل ادبي ۽ نصابي ڪتابن جو انگ ١٣ آهي. جن ۾ ڪهاڻين جو ڪتاب "اڻپوري خواهش"، "مايا" ۽ شاعريءَ جو ڪتاب "خيالن جي خوشبو" وڏي شهرت بخشي. شاعريءَ ۾ سندس تخلص" بيوس" آهي. اجرڪ پبليڪيشن جو سرواڻ ۽ روزاني اجرڪ اخبار جو چيف ايڊيٽر آهي. ان کان علاوه آل سنڌ پرائيويٽ اسڪول ٽيچرز ائسوسيئيشن جو چيئرمين پڻ آهي. هن وقت ملڪ جي نالياوري تعليمي اداري بيڪن هائوس اسڪول سسٽم ۾ سنڌي سبجيڪٽ اسپيشلسٽ جون ذميواريون سرانجام ڏئي رهيو آهي.

حل ٿيل مشق

(الف) هيٺ ڏنل مصرعه مڪمل ڪريو.

١. احساس

٢. قانون

۳. اعتماد

۴. اپياس

۵. نعرو

(ب) سوالن جا جواب:

۱. هن نظم جي شاعر جو نالو گل محمد سومرو (بيوس) آهي.

۲. شعر نمبر 4 ۾ شاعر اها حقيقت بيان ڪئي آهي ته هن جديد، سائنسي ۽ ترقي يافته دور ۾ انسان وٽ صرف ۽ صرف ڌگرين جا انبار آهن باقي ڪتابن جو مطالعو مڪمل طور تي ختم ٿي چڪو آهي. اهو ئي سبب آهي جو انسان مان ادب ۽ اخلاق ختم ٿي چڪو آهي.

۳. هن شعر ۾ شاعر لکي ٿو ته هر انسان انسانيت ۽ همدرديءَ جون ڳالهيون ته تمام گهڻيون ۽ هر هنڌ ٿو ڪري ته پوءِ انسانن ۽ خاص طور تي معصوم انسانن جو قتل عام آخر ڪير ڪري رهيو آهي. انسانن جون همدرديءَ واريون ڳالهيون صرف ڏيکاءُ آهن باقي انسانيت انسانن مان موڪلائي وئي آهي.

۴. هن نظم جو پهريون شعر بيحد نصيحت آموز آهي ڇاڪاڻ ته هن شعر ۾ شاعر اها حقيقت بيان ڪئي آهي ته انسان تعليم يافته هجڻ ۽ هن جديد دور ۾ زندگي گذارڻ جي باوجود به ايترو ته انسانيت جي احساس کان پري ٿي چڪو آهي جو رشتن جي سُڃاڻ به ختم ٿي چڪي آهي. ڇاڪاڻ ته انسان مان اهو ادب ۽ اخلاق ختم ٿي چڪو آهي.

۵. هن نظم ۾ اهو پيغام ڏنو ويو آهي ته اسان کي علم حاصل ڪرڻ سان گڏ پنهنجو پاڻ ۾ انسانيت جو جذبو پڻ پيدا ڪرڻ گهرجي. ڇاڪاڻ ته علم اسان کي انسانيت، تهذيب، شعور، ادب ۽ اخلاق سيکاري ٿو. جيڪڏهن علم حاصل ڪرڻ کان پوءِ اهي خوبيون اسان ۾ نه هجن ته پوءِ علم حاصل ڪرڻ جو ڪو به فائدو نه آهي. ان ڪري اسان کي گهرجي ته علم حاصل ڪرڻ سان گڏ انسانيت ۽ احساس جو جذبو به پنهنجي فطرت ۾ شامل ڪري انهيءَ مطابق زندگيءَ جو هر ڪم سر انجام ڏيون.

(ج) هيٺين لفظن جي معنيٰ لکي جملا ٺاهيو.

لفظ	معنيٰ	جملا
انصاف	انصاف	اسان کي يتيمن سان انصاف ڪرڻ گهرجي.
ادب ۽ اخلاق	ادب اور اخلاق	اسان کي ادب ۽ اخلاق مطابق زندگي گذارڻ گهرجي.
اعتماد	یقین/بھروسہ	هڪ ٻئي تي اعتماد ڪرڻ هڪ بهترين عمل آهي.
انبار	ڈھیر سارے	الله تعاليٰ اسان انسانن لاءِ نعمتن جا انبار پيدا ڪيا آهن.
اپياس	مطالعہ	اسان کي ڪتابن جو اپياس ڪرڻ گهرجي.

(د) زمان ماضي قريب ۽ زمان ماضي بعيد جا جملا

زمان ماضي قريب	زمان ماضي بعيد
پارس نماز پڑهي پئي.	پارس نماز پڑهي هئي.
طيبہ خط لکيو پئي.	طيبہ خط لکيو هو.

(ھ) ڪنايو جا جملا

١. احمد جي چُلهِ پئي ٽي ٻري.
٢. .اڪبر چڪيءَ تان اٽو ٻيهرائي آيو.
٣. .استاد، شاگرد جي حرڪت تي باهہ ٽي ويو.
۴. سهيل انصاف لاءِ عدالت جو دروازو ڪڙڪايو.

مجاز مرسل

مجاز مُرسل مان مراد ڪا نئين وات ونڊ يا لفظن جي غير حقيقي معنيٰ ونڊ آهي. اهڙي وات جو مڪان مان مراد "مڪين" سبب مان مراد مسبب/ نتيجو ۽ جُز مان مراد ڪُل هجي.

١. احمد جي پوري ڳوٺ ۾ نيڪي پئي ڳائجي جيئن:
٢. هِتي ڳوٺ مان مراد ڳوٺ جا "رهاڪو" آهي.
٣. آسمان مان ڪَڪَر پيو ٿو وسي.
۴. هِتي ڪڪر(سبب) مان مراد "مِينهن جو وسڻ" مسبب آهي.
۵. لوهُ پهرين لوهَ کي ڪَٽيندو آهي.
٦. هِتي پهرين لوهَ مان مراد ان جي جُز يعني ان مان ٺهيل ڪٽيندڙ شيءَ آهي ۽ ٻيو لوهُ ان جو ڪُل آهي.

(و) حرف ندا

١. افسوس! آءُ زندگي فضول ڪمن ۾ گهاري ڇڏي.
٢. ڪاش! آءُ ٻہ محنت ڪريان ها، تہ ڪاميابي حاصل ٿئي ها.
٣. گهوڑا ڙي! گرمي تہ ماري ڇڏيو آهي.
۴. شاباس! اوهان جي ڪاپي ۾ صاف ستڙو ڪم ٿيل آهي.
۵. هاءِ هاءِ اڄ تمام گهٽي گرمي آهي.

سرگرمي

- نظم جي خوشخطي ڪلاس ورڪ ڪاپيءَ ۾ لکرائي ويندي.
- ڪلاس جي شاگردن کان نظم جي بلند خواني ڪرائي ويندي. بهتر انداز ۾ بلند خواني ڪرڻ بابت شاگردن ۾ مقابلو

ڪرايو ويندو.

- هن نظم ۾ ڪهڙي نصيحت سمايل آهي، شاگردن کي ان بابت پنهنجي خيالن جو اظهار ڪرڻ جو موقعو ڏنو ويندو. جنهن شاگردن جو جواب بهتر هوندو ان کي شاباش ڏني ويندي.
- ڪلاس جا شاگرد هڪ هڪ ٿي سيني آڏو پنهنجي زندگيءَ جو يا والدين، مٽن مائٽن جو اهڙو ڪو واقعو ٻڌائن جنهن ۾ ڪنهن انسان يا الله جي مخلوق سان نيڪي ڪئي وئي هجي.
- شاگردن کي عام ادبي معلومات ياد ڪرڻ جي هدايت ڪريو. سندن رهنمائي ڪريو ته نيڪي هر موڙ تي انسان جي ڪم ايندي آهي ۽ برائي ڪرڻ وارو هر هنڌ ذليل ۽ خوار ٿيندو آهي.
- ادب ۽ اخلاق جي عنوان تي ۱۰۰ لفظن تي مشتمل هڪ مضمون لکو.
- اخلاق مان مراد الله جي تمام مخلوقات سان سٺو رويو اختيار ڪرڻ گهرجي. ان عنوان بابت هڪ مضمون تيار ڪري ڪلاس جي سيني شاگردن آڏو پڙهي ٻڌايو.

سبق چوويهون

سورٹِ راءِ ڏياڄ

سکيا جي حاصلات

- ڪهاڻي ٻڌي ڪردارن بابت سوالن جا جواب ڏئي سگهي.
- ڪهاڻي يا واقعو ٻڌي / پڙهي ان جي ڪردارن بابت پنهنجي راءِ ڏئي سگهي.
- پنهنجي آتم ڪهاڻي لکي سگهي.
- ڪهاڻي پڙهي ان جي نتيجن بابت خيالن جو اظهار ڪري سگهي.
- اخبارن ۾ هارن جا ادبي صفحا پڙهي ۽ پنهنجون لکڻيون ڇپجڻ لاءِ موڪلي سگهي.

خاص مقصد:

- نَوَن لفظن جي ڄاڻ حاصل ڪري سگهي.
- سبق جي مشق جا جواب پاڻ سمجهي ۽ لکي سگهي.
- سبق جو مرڪزي خيال لکڻ جي صلاحيت پيدا ٿي سگهي.
- حالت ندا جي وصف سمجهي ان بابت لفظن جي سُجاڻ ڪري سگهي.

امدادي سامان:

- سنڌي ڪتابُ ۷، صفحو نمبر ۹۱ – ۹۴
- بليڪ بورڊ/وائيٽ بورڊ
- سنڌي ڊڪشنري
- فلئش ڪارڊ

پيريڊن جو تعداد:

۳ عدد

سِکيا جو طريقو:

شاگردن کان ذهني آمادگيءَ جا جيڪي سوال ڪيا وڃن. استادن کي انهن سوالن جي جوابن ڏيڻ ۾ شاگردن جي رهنمائي ۽ حوصلا افزائي ڪرڻ گهرجي تہ جيئن شاگرد درست جواب ڏيڻ ۾ ڪا بہ ڏکيائي محسوس نہ ڪن. جيڪڏهن ڪو شاگرد غلط جواب ڏئي ٿو تہ ان جي رهنمائي ڪندي ان سوال جو درست جواب ٻڌايو وڃي.

- شاگردن کان آمادگيءَ جا سوال ڪيا ويندا.
- سبق جو اعلان ڪرڻ کان پوءِ، سبق جي بلند خواني ڪئي ويندي، هڪ هڪ عبارت جي آسان ۽ واضع لفظن ۾ وضاحت

ڪئي ويندي. ان سان گڏ ڏکين لفظن جي معنيٰ پڻ سمجھائي ويندي. بلند خواني دوران شاگردن جي توجہ سبق طرف ڪرائڻ لاءِ انھن کان مختلف سوال ڪيا ويندا.

- سبق جي بلند خوانيءَ کان پوءِ ڪلاس جي مختلف شاگردن کان ھڪ ھڪ عبارت جي بلند خواني ڪرائي ويندي. غلطين جي صورت ۾ سندن رھنمائي ڪئي ويندي ۽ جيڪي شاگرد بھتر انداز ۾ بلند خواني ڪندا انھن کي شاباس ڏني ويندي.
- سبق جي بلند خواني کان پوءِ ڪلاس جي مختلف شاگردن کان مشڪل لفظن جي معنيٰ پڻ پڇا ڪئي ويندي.
- بورڊ تي مشق جو ڪم لکي مختلف شاگردن کان پڙھايو ويندو. بعد ۾ ڪين ڪاپيءَ ۾ لکڻ جي ھدايت ڪئي ويندي.

سبق جي متعلق ڪجھہ سوال

۱. راجا انيراءِ ڪير ھو؟
۲. جھونا ڳڙھ تي ڪھڙو حاڪم حڪومت ڪندو ھو؟
۳. سورٹ ڪير ھو؟

حل ٿيل مشق

(الف) گھڻ چونڊائتا سوال.

۱. محل
۲. ٻيجل
۳. پسم
۴. زال
۵. راجا انيراءِ

(ب) سوالن جا جواب:

۱. راءِ ڏياچ جي ٻيٽ کي فقير دُعا ڪئي تہ "پٽ ملندئي پر اھو ئي راءِ ڏياچ (ياءُ) جي سِسي ڏڙ کان ڌار ڪندئي."
۲. راجا انيراءِ رتني ڪنيار کان سورٹ جو سَڳ گھريو.
۳. جڏھن ٻيجل سِر ڪٽي انيراءِ جي دربار ۾ پھتو تہ انيراءِ اھڙي سخي مُڙس جو سِر لاھي اڇڻ تي کيس ديس نيڪالي ڏئي ڇڏي
۴. ھن تاريخي داستان جي ڪھاڻيءَ سان منسوب روايتون ۽ ڳالھيون ھڪ اھڙو منظر پيش ڪن ٿيون، جيڪي جيءَ کي جھوريندڙ ۽ عبرت آموز ھئڻ سان گڏ "ڏياچ" جي خود قرباني يعني سِر جي سخا جي عمل کي پيش ڪن ٿيون. سخا جي ھن تاريخي واقعي جي صداقت ۽ سماج اندر سماجي روايت ۽ عمل کي زندھہ رکڻ واري ڳالھہ رھندي دنيا تائين پئي ڳائبي.
۵. ھن ڪھاڻيءَ ۾ سندڙ جي سخين ۽ ڏاتارن ۾ راءِ ڏياچ جو ڪردار تمام اھم آھي. ڇاڪاڻ تہ ھو سخاوت ۾ پنھنجو مٽ پاڻ ھو.

(ج) هيٺين لفظن جي معنيٰ لکي جملا ٺاهيو.

لفظ	معنيٰ	جملا
صندوق	لکڑی کا بوکس	صندوق ۾ ڪپڑا رکيل آهن.
پڙهو	اعلان	بادشاهه خواب جي تعبير ڪرائڻ لاءِ پڙهو گهمايو.
پشيمان	شرمنده	چور پنهنجي غلطيءَ تي پشيمان هو.
ڏاتار	سخی	الله جي ذات ڏاتار آهي.
چارڻ	چرواها	ڳوٺ ۾ هڪ چارڻ ٻڪريون چاري رهيو هو.
شڪاري	شکاری	هڪ شڪاريءَ هرڻ جو شڪار ڪيو.

(د) واحد، جمع

واحد	جمع
وفا	وفائون
برڪا	برڪائون
رضا	رضائون
قضا	قضائون
فتويٰ	فتوائون

(ه) حالت ندا

١. اوا! احمد هيڏانهن اچ.
٢. انور! هيٺ لهي آءُ.
٣. .اچو! تہ اسڪول هلون.
٤. .الا! اوهان مٿي اچو.
٥. اوسائين! اوهان بہ اچو تہ نماز پڙهوين.

سرگرمي

- سبق جي مشق جو ڪم ڪلاس ورڪ ڪاپيءَ ۾ لکرايو ويندو.
- هن سبق جو خلاصو آسان لفظن ۾ لکندا.
- هڪ گروپ ٺاهي اخبار، رسالي يا ڪنهن ڪهاڻين جي ڪتاب مان ڪا بہ هڪ ڪهاڻي دوستن کي ٻڌايو بعد ۾ ان

ڪاڻيءَ بابت هڪ ٻئي کان سوال پڇا ڪيو ۽ جائزو ونو تہ ڪمڙي دوست وڌيڪ سوالن جا درست جواب ڏئا آهن.

- نصابي ڪتاب کان سواءِ ڪا ٻي دلچسپ ڪهاڻي شاگردن کي ٻڌايو بعد ۾ ان بابت شاگردن کان سوال ڪريو ۽ اهي جواب کين پنهنجي ڪاپيءَ ۾ لکڻ جي هدايت ڪريو.
- سبق جو مرڪزي خيال پنهنجي لفظن ۾ لکو.
- ڪهاڻين جي ڪتابن جو مطالعو ڪري هڪ مختصر ڪهاڻي لکو. اها ڪهاڻي استادن جي سهڪار سان ڪنهن اخبار يا رسالي ۾ شايع ڪرڻ لاءِ موڪليو.
- شاگردن کان هن سبق جي ڪهاڻيءَ بابت راءِ معلوم ڪريو بعد ۾ شاگردن کان سوال نمبر ۵ جو سيني شاگردن کان جواب معلوم ڪريو.

سبق ستاويهون

آيو بهار (نظم)

سکيا جي حاصلات

- اسکول، گهر ۽ آس پاس ۾ ٿيندڙ تقريبن بابت ٻڌائي سگهي
- پنهنجن احساسن ۽ جذبن ۽ خيالن جي آڌار تي منظرنگاري ۽ مڪالما نگاري موجب وٽندڙ آکاڻي لکي سگهي.
- فطرت جي منظرن جو حسن بيان ڪري سگهي.
- شادي ۽ ٻين تقريبن جا دعوت نامہ لکي سگهي.
- ماحوليات جي گدلاڻ کان بچاء جي اپاء لاء ڪردار ادا ڪري سگهي.

خاص مقصد:

- اسکول، گهر ۽ آس پاس ۾ ٿيندڙ تقريبن بابت ٻڌائي سگهي.
- پنهنجن احساسن، جذبن ۽ خيالن جي آڌار تي منظر نگاري ۽ مڪالما نگاري موجب وٽندڙ آکاڻي لکي سگهي.
- فطرت جي منظرن جو حسن بيان ڪري سگهي.
- شادي ۽ ٻين تقريبن جا دعوت نامہ لکي سگهي.
- ماحوليات جي گدلاڻ کان بچاءَ جي اُپاءَ لاءِ ڪردار ادا ڪري سگهي.

امدادي سامان:

- سنڌي ڪتابُ ۷، صفحو نمبر ۹۵ – ۹۷
- بليڪ بورڊ/وائيٽ بورڊ
- سنڌي ڊڪشنري
- فلئش ڪارڊ

پيريڊن جو تعداد:

۲ عدد

سِکيا جو طريقو:

- شاگردن کان آمادگيءَ جا سوال ڪيا ويندا.
- نظم (آيو بهار) جو اعلان ڪرڻ کان پوءِ، نظم لفظن جي درست ادائيگي سان گڏ پڙهيو ويندو، ان سان گڏ ڏکين لفظن جي معنيٰ پڻ سمجهائي ويندي. بلند خواني دوران شاگردن جي توجہ سبق طرف ڪرائڻ لاءِ انهن کان مختلف سوال ڪيا ويندا.

- نظم جي بلند خواني کان پوءِ ڪلاس جي مختلف شاگردن کان نظم پڙهايو ويندو. لفظن جي درست ادائيگي تي سندن ساراه ڪئي ويندي ۽ جيڪي شاگرد پڙهڻ دوران لفظن جو اُچار غلط پڙهن، انهن جي ناصحاڻي انداز ۾ رهنمائي ڪئي ويندي.
- نظم جي مشق ۾ لکيل سوالن جا جواب پهرين شاگردن کان پڇا ڪيا ويندا، جيڪي شاگرد درست جواب ڏيندا اهي جواب بورڊ تي لکيا ويندا ۽ درست جواب ٻڌائيندڙ شاگردن کي شاباس ڏني ويندي.
- بورڊ تي مشق جو ڪم لکي مختلف شاگردن کان پڙهايو ويندو. بعد ۾ ڪين ڪاپيءَ ۾ لکڻ جي هدايت ڪئي ويندي.

نظم جي متعلق ڪجهه سوال

١. هن نظم ۾ ڪهڙو قافيو استعمال ڪيو ويو آهي؟

٢. هن نظم جي شاعر جو نالو ڇا آهي؟

٣. بهار جي موسم بابت اوهان ڇا ڄاڻو ٿا؟

شاعر جو تعارف

- ايياز قادري نامياروشاعر، افسانه نگار، ڪهاڻيڪار ۽ ماهر تعليم هو. هو ١٩ جنوري ١٩٢٧ع تي لاڙڪاڻي جي مشهور قادري خاندان ۾ ڄائو. سندس پيءُ جو نالو فقير غلام سرور قادري هو. جيڪو پڻ غزل جو سٺو شاعر هو. ايياز قادريءَ لاڙڪاڻي مدرسه هاءِ اسڪول مان مئٽرڪ ڪرڻ بعد ڪراچيءَ مان بي اي (آنرس)، ايم اي (فارسي)، ايم اي (سنڌي) ۽ ايل ايل بيءَ جون ڊگريون حاصل ڪيون. هن سنڌي غزل جي اوسر تي پي ايڇ ڊي جو مقالو علامه غلام مصطفيٰ قاسميءَ جي نگرانيءَ ۾ لکي، ڊاڪٽريءَ جي سَند حاصل ڪئي. ـايياز قادريـ ١٩٥٠ع کان ١٩٧٠ع تائين ايس ايم. ڪاليج ڪراچيءَ ۾ ليڪچرر رهيو. ١٩٧١ع ۾ ڪراچي يونيورسٽيءَ جي سنڌي شعبي جو پهريون چيئرمين مقرر ٿيو ۽ ڏهن سالن تائين انهيءَ عهدي تي فائز رهيو. پاڻ ڪراچي يونيورسٽيءَ ۾ "شاهه لطيف چيئر" جو باني ڊائريڪٽر پڻ رهيو. پاڻ سنڌي زبان جي چوٽيءَ جي ڪهاڻيڪارن مان هو. سندس چونڊ افسانن جو مجموعو "ٻلو دادا" جي عنوان سان ١٩٥٦ع ۾ ڇپيو. ڊاڪٽر ايياز قادري ١٥ ڊسمبر ١٩٩٧ع تي وفات ڪئي ۽ ڪيس لاڙڪاڻي ۾ اباڻي ڳوٺ ۾ دفن ڪيو ويو.

حل ٿيل مشق

(الف) هيٺ ڏنل مصرعه مڪمل ڪريو.

١. بوند

٢. وسڪار

٣. ٻار.

۴. مِينهن

۵. ٹڏڪار.

(ب) سوالن جا جواب:

۱. جواب: هن نظم جي شاعر جو نالو اياز قادري آهي.

۲. جواب: شعر نمبر 4 ۾ شاعر لکي ٿو ته مينهوڳي موسم ۾ هڪ ته برسات جو لطف حاصل ڪرڻ کان سواءِ آسمان تي بادلن جو ڏوڙڻ به ائين لڳندو آهي جيئن ننڍڙا ٻار ڏڪ جو مقابلو ڪري رهيا آهن. آسمان تي بادلن جو اهو منظر به ڏاڍو لطف اندوز هوندو آهي.

۳. جواب: هن شعر ۾ شاعر لکي ٿو ته جڏهن برسات پوندي آهي ته ان کان اڳ آسمان تان سِڄ جي تپش ڪارڻ گرمي شدت سان ٿي رهي هوندي آهي برسات پوڻ ڪري هر طرف ٹڏڪار ٿي پوندو آهي ان وقت موسم ڏاڍو پر لطف ٿي پوندو آهي، هر انسان ان موسم مان لطف اندوز ٿيڻ جي ڪوشش ڪندو آهي.

۴. جواب: هن نظم جو ٻيو نمبر شعر ٻيحد پيارو آهي ان ۾ شاعر لکي ٿو ته هلڪي هلڪي بوندا باندي پوڻ سان انسان توڙي جانور ۽ پکي پکڙ سڀ لطف اندوز ٿيندا آهن برسات جا ننڍڙا ننڍڙا ڦڙا زمين تي ڪرندي ائين محسوس ٿيندا آهن جيئن موتين جي وسڪار ٿي رهي آهي، واهَ قدرت تنهنجا رنگ.

۵. جواب: هن نظم ۾ شاعر الله جي قدرت ۽ نعمتن ۾ انمول نعمت بهار جي مند جي واکاڻ بيان ڪندي لکيو آهي ته بهار جي مند به الله تعاليٰ جي عطا ڪيل انمول نعمتن مان هڪ آهي. جڏهن بهار جي مند ايندي آهي ته هر طرف ساوڪ ئي ساوڪ نظر ايندي آهي ائين لڳندو آهي ته قدرت ڪائنات کي ڪير سان ڏوئي ساوڪ جو لباس پهرايو آهي. ٽڏڙيون ٽڏڙيون هوائون مخلوق جو من موهي ڇڏيندیون آهن. بهار جي مند ۾ وري برسات ته هر طرف انسان جي لاءِ تفريح جو هڪ قدرتي تحفو آهي جنهن مان انسان سيئي ڏک ڏاکڙا وساري مڪمل طور لطف اندوز ٿيندو آهي.

(ج) هينين لفظن جي معنيٰ لکي جملا ٺاهيو.

لفظ	معنيٰ	جملا
مِينهوڳي	برسات کا موسم	مينهوڳي موسم جو لطف ئي پنهنجو آهي.
ٹڏڪار	ٹھنڈک	بهار جي موسم ۾ هر طرف ٹڏڪار هوندو آهي.
اُيَ	آسمان	اُيَ تي تارا ٽمڪن ٿا.
ڪنوڻ	آسمانی بجلی	برسات جي دوران ڪنوڻ چمڪا ڏئي رهي هوندي آهي.
بادل	بادل	آسمان تي ڪارا بادل چانيل آهن.
هُٻڪار	مہکار	بهار جي مند ۾ هر طرف هُٻڪار لڳي پئي آهي.

(د) مذڪر مؤنث لفظن جي سُجاڻ

مذڪر	مؤنث
شهرُ	نصيحت
غزلُ	قابليت
منبُ	ڪرسي

(ھ) ڪافي

جي ونِي حُب وجن، ڏِي، انهن کي ڪيئن نہ سُجاڻا!
ڇڏي لاڳاپا لوڪ جا، پِريان پنڌ پوَن.
ڏونگر سي ڏورينديون، محبت جن کي مَن.
آيل عاشقن جون، ڪوڪان پِيَڙَم ڪَن.
اَديون هن ارواح کي، تاسِف ڏنو تَن.
"سچو" صدقي اُن تان، جي ونِي درد وڃَن.

سرگرمي

- نظم جي خوشخطي ڪلاس ورڪ ڪاپيءَ ۾ لکرائي ويندي.
- ڪلاس جي شاگردن کان نظم جي بلند خواني ڪرائي ويندي. بهتر انداز ۾ بلند خواني ڪرڻ بابت شاگردن ۾ مقابلو ڪرايو ويندو.
- هن نظم ۾ ڪهڙي نصيحت سمايل آهي، شاگردن کي ان بابت پنهنجي خيالن جو اظهار ڪرڻ جو موقعو ڏنو ويندو. جنهن شاگردن جو جواب بهتر هوندو ان کي شاباش ڏني ويندي.
- باغ جو سير ڪرڻ لاءِ وڃو. اتان جي منظر نگاري، قدرتي نظارن ۽ سونهن بابت هڪ مضمون تيار ڪري ڪلاس جي سيني شاگردن آڳيان پڙهي ٻڌايو.
- اسڪول ۾ وڻڪاري مهم بابت هڪ پروگرام منعقد ڪريو جنهن ۾ مختلف شخصيتن کي دعوت ڏيو. ان ۾ ڪين ماحولياتي الودگي کان بچڻ بابت طريقا ٻڌائڻ جي گذارش ڪريو.
- سڀ شاگرد گڏجي هي نظم بلند آواز ۾ درست اچار سان گڏ پڙهڻ جي هدايت ڪريو. شاگردن کي سنڌي ادب جي حوالي سان ڪلاسيڪل شاعريءَ بابت معلومات ڏيو.

استادن لاءِ خاص هدايتون

هڪ پيريڊ لاءِ تجويز ڪيل نمونو

نمبر	وضاحت	وقت جي ورهاست
١	امادگيءَ جا سوال / سبق جي عنوان مطابق گذريل معلومات ذريعي شاگردن جي توجہ عنوان تائين پهچائڻ. شاگردن کي سبق جي عنوان مطابق مختصر معلومات ڏيڻ.	٥ منٽ
٢	سبق جو اعلان ۽ سبق جي حاصل مقصد کان آگاهي ڏيڻ. سبق ذريعي جيڪو پيغام ڏنو ويو آهي، ان جي حقيقت سمجهائڻ.	٥ منٽ
٣	سبق يا نظم جي بلند خواني/ لکڻ جو ڪم / شاگردن جي توجہ جو جائزو ۽ شاگردن کان بلند خواني ڪرائڻ جو ڪم	٢٥ منٽ
۴	ڪلاس ۾ ڪرايل ڪم جو جائزو ۽ گهر جو ڪم ڏيڻ بابت رهنمائي ڪرڻ.	٥ منٽ

تجويز ڪيل تدريسي حڪمت عمليون

هن نصاب جي اِها گهرج آهي تہ شاگردن کي هوليءَ جي مختلف سرگرمين ذريعي هوليءَ جي سکيا واري عمل ۾ شامل ڪجي. استادن ۽ تربيتي ادارن کي ان ڳاله جو خيال رکڻ گهرجي تہ نہ رڳو هوليءَ جي سکيا وارن جديد طريقن کان واقف هجن، بلڪ انهن کي استعمال ڪرڻ جي قابليت بہ رکندا هجن.

ايليمينٽري ڪلاسن (ڇهين کان اٺين تائين) ۾ استادن کي هڪ مثالي استاد جي حيثيت سان آڏو اچڻ گهرجي تہ جيئن شاگردن کي اهڙيون سموريون سنڌي هوليءَ جون سهوليتون مهيا ڪيون وڃن، جن سان انهن کي سنڌي هوليءَ جي بنيادي مهارتن ٻڌڻ، ڳالهائڻ، پڙهڻ، لکڻ ۽ سکڻ ۾ مدد ملي سگهي. موجوده دور ۾ هوليءَ جي تدريس جا جيڪي آزمايل طريقا ڪم آندا وڃن ٿا، انهن جو خلاصو استادن جي سهولت لاءِ هيٺ ڏجي ٿو. سبقن جي تياريءَ وقت استاد هيٺ ڏنل طريقن کي پنهنجي روزاني تدريسي سرگرمين جو حصو بڻائين.

ڳالهہ هولهہ.

"ڳالهائڻ ۽ ٻڌڻ" هوليءَ جي بنيادي مهارتن ۾ شامل آهن. ڳالهائڻ ۽ ٻڌڻ جي سرگرمين کي معنيٰ دار ۽ اثرائتو بنائڻ لاءِ هيٺ ڏنل نقطن تي ڌيان ڏيڻ گهرجي.

١. سرگرميون/ سوال/ مشقون شاگردن جي ذهني سطح مطابق هجڻ گهرجن.

٢. شاگردن کي مختلف طريقن سان پنهنجي ڄاڻ جي اظهار ڪرڻ جو موقعو ڏيڻ گهرجي ۽ کين پنهنجيءَ رفتار سان سکڻ جو موقعو ڏيڻ گهرجي. سُست شاگرد اڳتي هلي تيزي ۽ اعليٰ ڪارڪردگيءَ جو مظاهرو ڪري سگهن

ٿا. ان لاءِ انهن جي خاموش هجڻ کي تسليم ڪيو وڃي ۽ ڀَالهائڻ تي انهن جي حوصلہ افزائي ڪئي وڃي.

۳. جيڪڏهن ڪنهن شاگرد کان ڪا غلطي ٿي وڃي تہ ان کي هيسائڻ بجاءِ همٿائڻ گهرجي يا ٻئي شاگرد کان يا خود استاد (ضرورت موجب) مثبت انداز ۾ اصلاح ڪري تہ جيئن شاگرد ۾ ٻولي سِکڻ جو جذبو ۽ پنهنجي غلطيءَ جي اصلاح ڪرڻ جي سگهَ پيدا ٿئي.

۴. ڀَالہ ٻوله وقت شاگردن کي هڪ ٻئي جي ويجهو دائري جي شڪل ۾ ويهاري سگهجي ٿو تہ جيئن هو هڪ ٻئي کي ٻڌي ۽ ڏسي ٻہ سگهن.

لفظن جي راند

سنڌي ٻوليءَ ۾ لفظن جي ذخيري وڌائڻ جون مختلف تدريسي تدبيرون آهن، جن مان ڪجهہ هيٺ ڏجن ٿيون.

۱. لفظ جي آخري اکي سان نئون لفظ ٺاهڻ. جيئن پنهنجي نالي جي آخري اکر سان ڪو صفت جو لفظ ٻڌائڻ. جيئن: منهنجو نالو نديم آهي، مونکي منو انب پسند آهي. هن جملي ۾ نديم نالي جو آخري اکر "م" آهي ۽ ان سان جڙندڙ صفت "منو" آهي.

۲. مختلف لفظن يا اکرن تي مشتمل فلئش ڪارڊ استعمال ڪيا وڃن، جن مان موضوع بابت لفظ چونڊي سگهجن. نوان لفظ جوڑڻ، مرڪب لفظ ٺاهڻ، لفظن جي مدد سان آکاڻي ترتيب ڏيڻ وغيره.

۳. سوالن تي ٻڌل پرک/ ڪسوٽيءَ واري راند کيڏڻ: ڪنهن شخصيت يا ماڳ مڪان کي سوالن ذريعي معلوم ڪرڻ، جنهن جو جواب "ها" يا "نہ" ۾ هجڻ گهرجي.

۴. يادگيريءَ واري راند، جيئن ڪا ڊگهي فهرست ياد ڪرڻ، هڪ منٽ تائين مختلف شيون ڏسڻ، پوءِ يادگيريءَ سان ٻڌائڻ تہ ڪهڙيون شيون ڏٺيون هيون؟

۵. پرولين جي درست جوابن جي چونڊ، ڳجهارت، ذهني/ معلوماتي آزمائش وغيره.

سوال پُڇڻ

ٻوليءَ جي تدريس ۾ هڪ اثرائتي سرگرمي آهي، ڇاڪاڻ تہ هڪ معياري سوال سان نہ رڳو شاگرد جي سوچ جو معيار ۽ تخيل جو اندازو لڳائي سگهجي ٿو بلڪ سوال جي نوعيت موجب بهتر انداز ۾ شاگردن کان معياري جواب ملڻ ممڪن ٿي ويندو. استادن کي گهرجي تہ سوال ترتيب ڏيڻ وقت هيٺ ڏنل نقتن جو خيال رکن.

۱. ها، نہ ۽ هڪ لفظ تي مشتمل سوال رڳو نہ پڇڻ گهرجن پر سوالن ۾ وڌيڪ سبب وارا سوال پڻ پڇيا وڃن، جن ۾ ڇو، ڇا، ڪيئن وغيره جهڙا سوال ٻہ هجن. مثال: توهان کي ڪهڙي راند/ موسم/ ميوو پسند آهي ۽ ڇو؟ گهٽو ڪري اهڙي قسم جا ٻہ سوال پڇيا وڃن. جن ۾ شاگردن کي جملن ۾ پنهنجي راءِ ڏيڻي پوي.

۲. بلومز ٽيڪسانومي جي درجن مطابق هر سطح جا سوال تيار ڪرڻ گهرجن.

۳. سوالن کي سمجهڻ ۽ جواب ڏيڻ لاءِ شاگردن کي مناسب وقت ڏيڻ گهرجي. مشاهدو ۽ مليل معلومات کي ڪم آڻڻ ۽ نتيجن ڪيڻ جي حوصلہ افزائي ڪئي وڃي.

۴. شاگرد جيڪو چوڻ گهرن، انهن کي ان جي آزادي هجي. غلط جواب جي صورت ۾ ٻين شاگردن کان پُڇي سگهجي

ٿو يا خود استاد رهنمائي ڪري سگهي ٿو. اهو عمل اهڙي انداز سان ڪيو وڃي جو شاگردن جو اعتماد بحال رهي.

۵. اهڙو ماحول پيدا ڪيو وڃي جو شاگرد خود سوال ترتيب ڏين ۽ پنهنجن ساٿين کان پڇن.

فڪري تحرڪ

شاگردن جو ذهن اپارڻ هڪ اهڙي تدبير آهي جنهن موجب ڪنهن عنوان تي شاگردن جا خيال ۽ معلومات ڇاڻي، ان عنوان مطابق معلومات فراهم ڪئي ويندي آهي، جڏهن به ڪو نئون سبق پڙهائڻو هجي ته سڀ کان پهرين ان موضُع بابت استاد، شاگردن سان ڳاله ٻوله ڪري، ان موضوع بابت کين ٻن جملن ۾ خيال پيش ڪرڻ لاءِ چئي سڀني شاگردن جي حوصلا افزائي ڪرڻ گهرجي. انهن ٻن جملن ۾ استاد نثر يا نظم جي مرڪزي خيال يا خلاصي بابت پڇا ڪري سڀني شاگردن کي سرگرميءَ ۾ شامل ڪرڻ جي ڪوشش ڪري. شاگردن پاران مليل سڀ جواب بورڊ تي لکي ان بابت تجزيو ڪرايو وڃي.

ذهن / تصور جاچڻ

شاگردن جي مدد ڪئي وڃي ته ڇاڻايل عنوان تي پنهنجي خيالن کي ذهن ۾ ڪيئن ترتيب ڏين؟ ڪهڙي ڳاله پهرين يا ڪهڙي ڳاله پوءِ رکڻي يا لکڻي آهي. جيئن ڪو مضمون لکڻ لاءِ ان جي اهم نقطن بابت لکڻ ۽ متن جي اهم نقطن جو جائزو ونڻي ان کي پيش ڪرڻ وغيره.

اڳڪٿي

هن طريقه ڪار هيٺ شاگردن کي غور ۽ فڪر جي دعوت ڏئي، انهن جي تخليقي صلاحيتن کي اپاريو ويندو آهي. جيئن:

- شاگرد غور ڪري ڪنهن آکاڻيءَ جي پڇاڻي ٻڌائي سگهن.
- ڪنهن سوال جي جواب يا نتيجي جو اڳواٽ اندازو لڳائي سگهن.
- تصوير / واقعي يا ڪنهن ڪتاب جو سرورق ڏسي، آکاڻي / عنوان جي اڳڪٿي ڪري سگهن.
- واقعي ۽ ڪردار بابت اڳڪٿي ڪري ٻڌائي سگهن.

ڪلاس جو گڏيل بحث مباحثو

ڪلاس جو گڏيل بحث مباحثو هڪ ڪارائتو طريقو آهي. جنهن ذريعي ٿوري ئي وقت ۾ پوري ڪلاس کي سرگرم ڪري سگهجي ٿو. جڏهن ڪنهن نئين سبق جي شروعات ڪرڻي هجي يا سبق پڙهائڻ بعد اندازو لڳائڻو هجي ته جيڪو ڪجهه پڙهايو ويو آهي ان بابت شاگردن کيتري ڄاڻ حاصل ڪئي آهي؟. اهڙيءَ صورت ۾ هيءَ سرگرمي مناسب آهي. مثال طور: ڪو به عنوان ڏئي ڪلاس ۾ بحث مباحثو ڪرايو وڃي.

انفرادي جوڙن ۾ يا گڏجي سرگرميون ڪرائڻ

ڪنهن هڪ يا هڪ کان وڌيڪ سبقن جي پڙهائڻ واري سلسلي کي شاگردن جي شرڪت سان هيٺ ڏنل سرگرمين کي استعمال ڪري سگهجي ٿو.

انفرادي سرگرمي

شاگردن کي انفرادي طور سرگرمي ڪرڻ جو موقعو ڏنو ويندو آهي ته جيئن هو پاڻ کي پُر سڪون ۽ آزاد سمجهي، پنهنجي رفتار سان سِکي سگهي. اهڙي طرح ان کي پنهنجي ساڻين تي پاڻڻ بجاءِ پنهنجي صلاحيتن کي آزمائڻ جو موقعو ملندو. پڙهڻ ۾ لکڻ جي عمل ۾ هن طريقي جو استعمال موزون آهي.

جوڙن ۾ سرگرمي

جوڙن ۾ سرگرمي ڪرڻ سان شاگردن کي شريڪ ٿي ڪم ڪرڻ موقعو ملندو آهي. ان کان سواءِ انهن ۾ ٻولي سکڻ جي صلاحيت واري مشق ۾ اضافو ٿيندو آهي. اهڙي طرح شاگرد پنهنجي ساٿيءَ سان ڳاله ٻوله ڪرڻ ۾ لهرائيندا نه آهن، شاگردن کي مسئلي جي حل ۽ نتيجن کي حاصل ڪرڻ لاءِ اعتماد سان هڪٻئي جي مدد ڪرڻ جو موقعو ملندو آهي.

گروپ ۾ سرگرمي

ڇهن يا پنجن شاگردن کي گروپ ۾ ڪم ڪرڻ جو به موقعو ڏنو ويندو آهي. ائين ڪرڻ سان پاڻ ۾ ڪين آزاديءَ سان ڳاله ٻوله ڪرڻ جو موقعو ملندو آهي. ٻوليءَ جي مهارتن واري سلسلي ۾ مدد پڻ ملندي آهي. استاد سرگرميءَ جي گهرج موجب هڪجهڙن يا مختلف ذهني سطح جي شاگردن جا گروپ ناهي سگهن ٿا. ان ڳاله جو خيال رکيو وڃي ته هر شاگرد کي شرڪت ڪرڻ جو موقعو ملي.

تصويري خاڪو

هن طريقي ۾ شاگردن کي مختلف تصويرون ڏئي، تصويرن جي منظر نگاري ۽ تصويرن جي مختلف جزن جي وضاحت ڪرائي ويندي آهي. اهڙيءَ طرح شاگردن جي خيالن کي اُپاري سگهجي ٿو. ڪهاڻيءَ جي واقعن جي ترتيب ڏيارڻ سگهجي ٿي.

رهنمائيءَ سان پڙهڻ

ڪنهن به ڪلاس ۾ شاگرد ذهني طور تي سکيا جي حوالي سان هڪجهڙا نه هوندا اهن. انهن جي سکڻ ۽ سمجهڻ جو انداز به مختلف هوندو آهي. شاگرد پنهنجي ذهني قابليت ۽ لياقت آهر پنهنجي رفتار سان سکندا آهن. هيٺ ڏنل طريقن سان شاگردن جي انفرادي ضرورتن جو خيال رکي سگهجي ٿو.

١. شاگردن جي تعليمي ضرورتن، ذهني سطح ۽ دلچسپيءَ مطابق اپياسي مواد چونڊيو وڃي. قابليت جي لحاظ کان شاگردن جا گروپ جوڙيا وڃن. هڪ ئي ڪهاڻي يا ڪو متن هر گروپ کي ڏنو وڃي ۽ مواد شاگردن جي قابليت مطابق آسان ۽ ڏکيو وڃي. اهڙيءَ طرح تفهيمي سوال به هر گروپ جي تعليمي قابليت مطابق ڏنا وڃن.

٢. ڪنهن به موضوع تي جوڙن ۾ پڙهائي اهڙيءَ طرح ڪرائي وڃي جو هڪ شاگرد ٻئي جو مددگار ثابت ٿئي. سمعي ۽ بصري شين جو استعمال پڻ ڪيو وڃي.

٣. ڪجهه شاگرد متحرڪ رهي بهتر ڪارڪردگيءَ جو مظاهرو ڪندا آهن. جڏهن ته ڪجهه شاگرد هڪ ئي جڳه

تي ويهي اثرائتي ڪارڪردگي ڏيکاريندا آهن. اهڙيءَ طرح شاگردن جي مزاج مطابق اهڙو ماحول پيدا ڪيو وڃي جيئن هر شاگرد پنهنجي صلاحيت مطابق پڙهڻ واري عمل ۾ پرپور حصو وٺي.

ٽيڪنالاجي

ڊجيٽل ٽيڪنالاجي، هن دور ۾ هر فرد جي اهم ضرورت آهي. ڪلاس ۾ اهڙيون سرگرميون ڪرايون وڃن جن ۾ شاگردن کي موبائل، ڪمپيوٽر، انٽرنيٽ، ريڊيو ۽ ٽيليويزن وغيره تان معلومات حاصل ڪرڻ ۽ استعمال ڪرڻ جو موقعو ملي. اسڪول ۾ جيڪڏهن ڪمپيوٽر ۽ انٽرنيٽ جي سهولت موجود آهي تہ ان مان بہ فائدو ورتو وڃي.

سنڌي زبان جي سکيا لاءِ هيٺيون مددي شيون مناسب رهنديون.

١. چوندڙ بيتن/ نظمن جا چارٽ/ فليش ڪارڊ.
٢. پرولين ۽ قولن جا چارٽ/ ڪارڊ
٣. نظمن ۽ آکاڻين جا ننڍڙا ڪتاب ۽ تصويري آکاڻيون
۴. مختلف پئراگرافن جا چارٽ
۵. لطيفن ۽ سفرنامن جا ننڍڙا ڪتاب
٦. اخبارون، رسالا ۽ مخزنون
٧. ادبي، تاريخي ۽ قومي شخصيتن جون تصويرون
٨. گرامر جا چارٽ ۽ ماڊل وغيره
٩. نظمن ۽ آکاڻين جون سي ڊيز
١٠. ٻارن لاءِ ڇپايل با تصوير ڊڪشنريون
١١. شخصيتن متعلق ننڍڙا ڪتاب
١٢. شاه عبداللطيف ڀٽائي رحمتہ الله عليہ جي بيتن جا چارٽ
١٣. چوٽين ۽ پهاڪن جا چارٽ
١۴. ڪمپيوٽر، موبائل، نظم، ڪهاڻيون ۽ ٻيو تعليمي ۽ تفريحي مواد

استادن لاءِ رهبر

